ماهوار

# پيغامُ

ڪراچي

- ادب جي تعليم
- اچو تہ علم جو ڏيئو ٻاريون
- جياپي جو ڍنگ
- سائنس: اڄوڪي دور ۾ ترقيءَ جو اهم وسيلو
- قاضين جي ذهانت



## سُر مارئي، لطيف سرڪار ۾ تصوف




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ 4 ڊويزنن جي ضلعن ۾ ٿيندڙ بلدياتي چونڊن دوران
امن ۽ امان جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس جي صدارت ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ پنهنجي ڪابينا جي ميمبرن سان گڏ
شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 69 هين سالگرهه ملهائڻ لاءِ ڪيڪ ڪٽيندي.

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

جلد 26، شمارو 07، جولاءِ 2022ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عبدالرشيد سولنگي**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
.......
**غلام ثقلين**
ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز
اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**ثناءُ الله سومرو**

لي آئوٽ ڊزائين
**نزاڪت علي کوکر**

رابطي لاءِ
ڊائريڪٽر پبليڪيشن اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4B ڪراچي 74200
فون: 02199202610

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| ايڊيٽوريل | ادارو | 02 |
| عمر مارئي، لطيف سرڪار ۽ تصوف | هدايت الله ظفر ٻگهيو | 03 |
| ادب جي تعليم | علي جان ٻرڙو | 25 |
| گهاڙ واهه ڪنهن کوٽايو؟ | مهدي شاهه | 33 |
| اڇوت ۽ علم جو ڏيئو ٻاريون | ارشاد سعيد عباسي | 45 |
| جياپي جو ڍنگ | هدايت الله سومرو | 48 |
| سائنس: اڄوڪي دور ۾ ترقيءَ جو اهم وسيلو | شبير احمد مغيري | 51 |
| قاضين جي ذهانت | محمد عثمان عباسي | 55 |

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ**
**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
فلور 9، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. **021-35210405**

## ايـڊيـٽـوريـل

# 28 جولاءِ: هيپاٽائيٽس بيماريءَ کان بچاءَ جو عالمي ڏينهن

هيپاٽائيٽس جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”سائي“ يا ”ڪامڻ“ چيو ويندو آهي، هڪ نهايت هاڃيڪار بيماري آهي. هي بيماري اڄ دنيا ۾ جيتوڻيڪ خطرناڪ بيمارين ۾ شامل آهي، پوءِ بہ علاج ۽ احتياط وسيلي ان تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. هيپاٽائيٽس جا مختلف قسم آهن، مثال طور اي، بي، سي، جن مان هيپاٽائيٽس ”اي“ جيري جي بيماري آهي، جيڪا هيپاٽائيٽس اي جي وائرس جي نتيجي ۾ ٿيندي آهي. هي مرض ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ٿي سگهي ٿو صحت جي حفاظت وارن اصولن تي عمل ڪري ۽ مناسب صفائي جي ذريعي هن مرض کان بچي سگهجي ٿو.

هيپاٽائيٽس اي جي بيماري هڪ وائرس سبب ٿيندي آهي، هي وائرس پاڻي يا خوراڪ جي گدلاڻ کان انساني جسم ۾ داخل ٿيندو آهي، هن بيماريءَ ۾ مبتلا ماڻهوءَ سان تعلق رکڻ يا ان سان گڏ رهڻ سان ۽ ان جي هٿ جو رڌل کاڌو کائڻ سان بہ هڪ صحتمند انسان هن بيماري جو شڪار ٿي سگهي ٿو جڏهن تہ هم جنس پرست مرد بہ هيپاٽائيٽس اي ۾ مبتلا ٿيڻ واري خطري ۾ آهي، هن بيماريءَ جا اثر ڏکھي عرصي تائين ناهن رهندا، جيڪڏهن ڪو ماڻهو هڪ دفعو هن مرض جو شڪار ٿيو هجي تہ ان کي ٻيهر هن بيماري لڳڻ جو خطرو ناهي رهندو.

هيپاٽائيٽس اي جو مرض ڪنهن بہ عمر جي ماڻهوءَ کي ٿي سگهي ٿو. البت ڪجھ ماڻهو ٻين جي مقابلي ۾ سولائي سان هن بيماري جو شڪار ٿي سگهن ٿا، متاثر ماڻهوءَ کي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ انکي انفلوئنزا ٿيو آهي، ان کان علاوه ٿڪ، سستي، بخار، بک نہ لڳڻ، پيٽ جو سور ۽ دست بہ هن بيماريءَ جون علامتون آهن.

ڪن ماڻهن جا ڦڪا پيشاب، هلڪي رنگ جا دست، اکين ۽ کل جو رنگ ڦڪو ٿي وڃڻ بہ هيپاٽائيٽس اي ۾ مبتلا ٿيڻ کي ظاهر ڪري ٿو جڏهن تہ ڪن ماڻهن ۾ ڪهڙيءَ بہ طرح اهي علامتون ظاهر ناهن ٿينديون.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ جاڙايل علامتون يا ان مان ڪا بہ علامت ظاهر ٿئي ۽ ان کي هيپاٽائيٽس اي جو خدشو ٿئي تہ ان کي ڊاڪٽر سان رجوع ڪرڻ گهرجي، ڊاڪٽر رت جو معائنو ڪرڻ ڪانپوءِ ئي ڪنهن نتيجي تي پهچندو.

هيپاٽائيٽس اي جو شڪار ٿيڻ وارا گهڻا ماڻهو ڪجھ ئي هفتن ۾ پاڻ ئي ٺيڪ ٿي ويندا آهن، اهڙن مريضن کي ڪيترن ئي ڏينهن يا هفتن تائين آرام ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي.

اهڙي حالت ۾ الڪوهل (شراب) کان مڪمل پرهيز ضروري آهي. ڊاڪٽر ان سلسلي ۾ مختلف دوائون تجويز ڪندا آهن جنهن جو پابنديءَ سان استعمال مريض کي صحتمند ڪري ڇڏيندو آهي. هيپاٽائيٽس اي جي وائرس کان ٽڪن ذريعي محفوظ رهي سگهجي ٿو.

هيپاٽائيٽس کان بچاءَ ويڪسين صحتمند انسانن کي ڏني ويندي آهي تہ جيئن ان بيماريءَ ۾ مبتلا نہ ٿين، جيڪا انجيڪشن جي ذريعي ڏني ويندي آهي.

ٻارن کي ويڪسين ٻن سالن جي عمر ٿيڻ تي ڏئي سگهجي ٿي. ٻن سالن کان ارڙهن سالن جي عمر جي ٻارن کي هڪ سال جي عرصي ۾ 3 ٽڪا لڳايا ويندا آهن. ان کان وڏي عمر جي ماڻهن کي 06 مهينن کان 12 مهينن جي عرصي ۾ 2 يا 3 ٽڪا لڳايا ويندا آهن. جيڪڏهن ڪو ٽڪو لڳڻ کان رهجي وڃي تہ مشوري لاءِ ڊاڪٽر سان رابطو ڪيو.

هيپاٽائيٽس اي جي مرض کان محفوظ رهڻ لاءِ ڪاڪوس ڪرڻ کانپوءِ ماني پچائڻ يا کائڻ کان پهريان هميشہ هٿ ڌوئڻ گهرجن. ٻارن جي ڪاڪوس صاف ڪرڻ ٿو پوي تہ ان مقصد لاءِ هٿن جا دستانا (جراب) استعمال ڪريو ۽ ان کانپوءِ هٿ ڌوئو.

# عمر مارئيءَ، لطيف سرڪار ۽ تصوف

**هدايت الله ظفر ٻگهيو**



عمر مارئي جو داستان پنهنجي جڳهه تي لطيف سرڪار هن سر جي شروعات قرآن شريف جي آيتن سان ڪري لطيف جي عاشقن کي حيران ڪري ڇڏيو. اچو ته اسان به پنهنجي حيراني ختم ڪيون!

’اَلَستُ بِرَبِّڪُم‘، جَڏِهن ڪَنِ پِيومِ،
’قَالُوا بَلِيٰ‘ قَلبَ سِين، تَڏِهن تِتِّ چِيومِ،
تَنهِين وِيرَ ڳَيومِ، وَچَنُ وِيڙِهيچَن سِين.

الست بربڪم! الله جڏهن بني آدم جا روح خلقيا تڏهن سيني کي گڏ ڪري انهن کان پڇيائين ته: ”ڇا مان توهان جو رب نه آهيان؟“ سيني روحن جواب ڏنو: ”قالوا بليٰ“، هائو تون اسان جو رب آهين. انهي انجام کي قلب جو معاهدو يا دل جو اقرار چئجي ٿو. مارئي چوي ٿي عالم ارواح ۾، هن دنيا ۾ اچڻ کان اڳ، ”جڏهن خدا تعاليٰ روحن کي “الست” چيو ته منهنجي روح به وفاداري جو واعدو ڪيو تڏهن کان وٺي آئون مارن جي محبت، سِڪ ۽ اڪير ۾ قابو ٿي ويس. يعني ازل کان وٺي منهنجي من ۾ وطن جي حب (حب الوطن من الايمان) ۽ مارن جي سِڪ ۽ محبت جاڳيل هئي. ”ڪن فيڪون“ هي جملو قرآن ۾ ٽن چئن هنڌن تي آيو آهي: سورت آل عمران آيت 46، سورت مريم آيت 35، سورت مؤمن آيت 68. سموري آيت هيئن آهي، ”فاذا قضي امرا فانما يقول له ڪن فيڪون“. يعني خدا تعاليٰ ڪنهن ڳالهه جو ارادو ڪري ٿو، تڏهن فقط چوي ٿو ته ٿيءُ ۽ پوءِ اها ٿي پوي ٿي. مارئي چوي ٿي ته جڏهن ڪن فيڪون چئي خدا زمين ۽ آسمان ٿي خلقيا تنهن وقت کان وٺي منهنجو من مارن جي قبضي ۾ هو. ”تن بدن جسم“: شڪون، واحد شڪ معني ڪلي ڪير بند، تون ڪن وجهين“.... اي سومرا! جن جو من ازل کان ئي مارن جي قبضي ۾ آهي تن جي جسم ۾ ڪير وجهي ڪيئن بند ڪندين؟ ”هميرن“ يعني حاڪم سومري جهڙن حاڪمن ”هڪون شڪون“، ”جاڙ اجايون، بيفائديون، مفت“. هميرن هڪون... اميرن ناحق ڪٽي منهنجي بدن کي بند ڪيو آهي انهيءَ مان ڪجهه به نه ورندو ڇو ته منهنجو جسم ازل کان ئي مارن جي هٿ ۾ رهيو آهي.

”گڏ جت گذران هو“: عالم ارواح ۾ گڏ هئاسون. ”جڙ“: ميخ، ڪيل، ڪوڪو وغيره. ته جاءِ: انهيءَ جاءِ يا مڪان تي. هنڌ: يعني عالم ارواح ۾ ”توهين سين“: توسان ئي. ”ساجاء“: واقفيت، ڏيٺ، سڃاڻپ، ”سپرين“. ڪيت سين جيڪو مارئي جو مڱيندو هو. ”فيڪون“ عربي فعل مضارع (فعل، حال ۽ مستقبل) پوءِ ٿئي ٿو يا ٿيندو. ”فيڪون“ مان هت مراد آهي ساري ڪائنات جا ازل کان وٺي

خدا جي علم ۽ ارادي ۾ موجود هئي جنهن جو مستقبل ۾ پيدا ڪرڻ جو خيال هوس. يا تصوف جي اصطلاح ۾ "قوت جي حالت ۾ هئي يعني جنهن اجا عمل جي صورت نہ ورتي هئي. "فدا": قربان ڪري، گهوري، خيال لاهي." ڪهيائين": چيائين، امر ڪيائين. "ڪهڻ": چوي ٿي. هي سمجهاڻي بيت 4 جي آهي. " ڪن" هي امر جو صيغو آهي، معني اٿس " يڪدم ٿي پؤ! ڪن مان هت مراد آهي: "عمل جي صورت وٺ، " فيڪون فدا ڪري... الله تعاليٰ ڪائنات کي فيڪون جو حڪم ڏيئي ان کي يڪدم وجود ۾ آندو. "تعظيما" تعظيم ۽ عزت خاطر، آدم جي مرحبا واسطي. تمام ڪري: راس ڪري، مطلب تہ زمين آسمان عرش ڪرسي فرشتا وغيره سڀ جوڙي تيار ڪري. "پٽر يائين": يعني وڇايائين، پکيڙيائين. "پن": پونءِ، ڌرتي، زمين. "تعظيما تمام ڪري": يعني ساري ڪائنات کي آدم جي تعظيم خاطر وجود ۾ آندو، ڇو تہ آدم سندس خليفو هو. جيئن سورت البقرة ۾ آهي تہ "اني جاعل في الارض خليفة" الله تعاليٰ آدم جي عزت لاءِ عرش، ڪرسي، آسمان، ملائڪ وغيره خلقي پوءِ زمين خلقي.

بيت: 2

فيڪون فدا ڪري، ڪهيائين سين ڪن،
تعظيما تمام ڪري، پوءِ پٽريائين پن،
مارو تئائين من، پيرا! پاڳي آيو.

بيت:3

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا هنگ نہ هون،
سڄڻ انهيءَ ساعت ۾، پيتي ڏنو سون،
مون تن تڏاهڪون، ملي ملاقات ڪئي.

"نڪا ڪن فيڪون هئي": يعني اجا خدا جهان جي خلقڻ جو ارادو نہ ڪيو هو ۽ نڪي دنيا جوهل هلاچو هو. جڏهن ساري ڪائنات جو خواب خيال ڪو نہ هو، حورون ۽ غلمان نہ هئا، حجر ۽ شجر نہ هئا، چرند ۽ پرند نہ هئا، بحر ۽ بر نہ هئا، عرش ۽ فرش نہ هئا، زمين نہ هئي، بس هو تہ هڪ الله ۽ ذات محمد جي هئي ٻي ڪا بات نہ هئي." اول ماخلق الله الا نوري". " رڳو خدا جي وحدانيت جو جلوو هو ". "مون تن تڏاهڪون" يعني جنهن وقت روح عالم ارواح ۾ هئا تنهن وقت ئي منهنجي روح پنهنجي محبوب سان رهاڻ ڪئي هئي. ملير ۽ وطن جي حب موجود هئي، ڪيت منهنجو روح هو. وري جڏهن روح ديس ۾ زمين تي آيا تڏهن وري منهنجي جسم پنهنجي محبوب سان جسماني صورت ۾ بہ ملي ملاقات ڪئي! هيءَ تصوف جي انتها آهي. ڪوبہ بني بشر تصوف کان ٻاهر ناهي.

بيت:4

نڪا ڪن فيڪون هئي، نہ ڪو لڳ لحم،
بنيو هو نہ بت ۾، اڃا ڪين آدم،
مون توهين سين سڱ، اها ساڃاء سپرين.

بيت: 5

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماه،
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناه،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واه،
لڪيائين لطيف چئي اٿ ڳجهاندڙ ڳاه،
اڪين ۽ ارواح، اها ساڃاءِ سپرين.

سمجهاڻي: "لحم": ماس، گوشت نہ بنيو هو، آدم جو بت ٺهيوئي نہ هو. روايتون آهن تہ خدا آدم جي بوتي کي ٺاهڻ کان اڳ هر قسم جي مٽي موجود ڪئي جنهن کي ڪو وقت پئي ڳوهيائين. مطلب تہ ڪائنات ۾ ۽ انجي تخليق ۾ هر قسم جي مٽي شامل هئي، تہ ان ۾ ملير امرڪوٽ جي بہ مٽي هئي، جنهن مان مارئي پيدا ٿي. ماه ( چنڊ) نڪا مورت ماه يعني خدا اڃا آسمان، چنڊ، تارا ۽ ڪهڪشائون بہ نہ خلقيا هئا. "نڪا سڌ ثواب جي": جڏهن تہ اڃا انسان خلقيا ئي نہ ويا هئا تہ پوءِ گناه ۽ ثواب جو تہ سوال ئي نہ هو. "وحدانيت": هيڪڙائي. لطيف وحدت الوجود جو قائل آهي. مطلب تہ ڪنهن بہ شئي جو وجود نہ هو صرف اڪيلو الله هو. لطيف ٿو چوي تہ اهڙي وحدانيت جي حالت ۾ بہ مارئي عشق جي ڳوڙهي رمز پروڙي هئي.

بيت:6

قسمت قيد قويءَ، نات ڪيراچي هن ڪوٽ ۾،
آٽي لڪئي لوح جي، هنڌ ڏيڪاريم هيءَ،
پرچي ڪين پهنوار ريءَ، جان جسو ۽ جيءَ،
راڄا! راضي ٿيءَ، تہ مارن ملي مارئي.

"قسمت قيد قوي": قسمت هڪ وار بند آهي. " لوح": لوح محفوظ، اها حفاظت سان رکيل ڦرهي، جنهن تي جيڪي ٿيو آهي، ٿئي پيو ۽ ٿيندو سو سڀ خدا لکي ڇڏيو آهي. "پهنوار". پهہ ٻڪري + آر= ٻڪرار. ڌڻار يعني مارو. مارئي چوي ٿي تہ مون کي قسمت قيد ڪيو آهي نہ تہ هن ڪوٽ ۾ ڪير اچي. راڄا يعني عمر! مون تي راضي ٿيءُ تہ وڃي مارن سان ملان. پنهنجي وطن، مٽي ۽ مارن سان محبت جو اعليٰ مثال آهي. جنهن انسان کي پنهنجي مٽيءَ سان جنهن ۾ هوليٽڙيو آهي جن گهٽين ۾ ڊوڙيون پاتون اٿس. جي ان مٽي سان محبت، سڪ ۽ اڪير نہ اٿس تہ اهڙو انسان مئل چئبو. اها تصوف جي عظمت آهي تہ جي ساڻيه سان سڪ نہ اٿئي تہ پوءِ غلامي تنهنجو ڏاج آهي.

بيت:7

قسمت قيد ڪياس، نات ڪير اچي هن

ڪوٺ ۾؟
"ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد"، وطن آڻ
وينديا س،
مارن ڪي ملندياس، ڪوٺيون ڇڏي ڪڏهين.

بيت: 8
قيد الماءَ ٿئوم، هت اڙانگي گهاريان،
هناڪ جسمي والفؤاد لديڪم، هيون هت سندوم،
قادر شال ڪندوم، ميڙائو سين مارئين!

آهن. جن ۾ آئون قيد آهيان. اصل ۾ منهنجو روح ساھ پساھ محبوب ڪي مٽڪي ڪان بہ ويجهو آهي. جا ذات انسان ڪي ساھ جي رڳ ڪان بہ ويجهي هجي ان ڪي ڪيئن ٿو وساري سگهجي. وطن اسان جو ساھ ۽ محبوب آهي ان ڪي ڪيئن ٿو ڇڏي سگهجي.

"قيد الماءَ" يعني پاڻي جو قيد جتي داڻو پاڻي لکيل هجي. عربي ۾ چوڻي آهي



تہ: "قيد الماءَ اشد من قيد الحديد" يعني پاڻي جو قيد لوھ جي قيد ڪان بہ وڌيڪ سخت آهي پنهنجي وطن، مارن، سهيلين ڪان پري هڪ ظالم حاڪم جي قيد ڪان بهتر هو تہ مري وڃان، هت قيد الماءَ ٿئوم مان مراد آهي تہ هتان جو چوڻو پاڻي چڪڻو هو. "اڙانگي" ڏکئي وقت ۾ ڏکئي حال ۾ هي دنيا بہ انسان لاءِ قيد الماءَ آهي. اصل سندس ماڳ فنائيت ۾ آهي. عشق ۾ فنا ٿيڻ سان قيدالماءَ ڪان آزادي آهي انهي ۾ رمز رکيل آهي جنهن ڪي سمجهڻو بہ آهي ۽ عمل بہ ڪرڻو آهي.

بيت:9
قيد الماءَ ڪهين جو سو مون پاند پيو.
"جف القلم بِما هو ڪائن، وهي قلم ويو.
ايءَ قضا ڪم ڪيو جن تر مارو آڻ ماڙئين!

سمجهاڻي: حديث جي عبارت آهي

سمجهاڻي: "ونحن اقرب اليہ" آيت ۾ عشق خداوندي جو راز نمايان آهي تہ: اسين انسان ڪي ساھ جي رڳ ڪان بہ ويجها آهيون يعني مٽڪي ڪان بہ ويجها. شاھ تصوف جي زبان ۾ سمجهائي ٿو تہ "مارئي چوي ٿي تہ آئون محبوب ڪي ڪنڌ جي رڳ ڪان بہ وڌيڪ ويجهي آهيان. "ڪوٺيون" (بندي خانا) مارئي جي نظر ۾ محلاتن جا ڪمرا سڀ قيد خانا

جيڪي ٿڻو هو سو لکجي ويو. قلم سڪي ويو. " وهي قلم ويو" خدا جي تقدير جو قلم وهي ويو!

بيت: 10
جهڙو قيد الماءَ تهڙو بند نہ ڪو پيو.
جف القلم بما هو ڪائن. لهي نہ تر تئاءَ،
عمرا! تو هٿاءَ، آجائي ٿئي آجڙين.

سمجهاڻي: "لهي نہ تر تئاء": مارئي

چوي ٿي تہ قسمت ۾ جيڪو لکيل آهي تنهن مان تر يا رتي جيترو گهٽ نہ ٿيندو. هاڻي لطيف کي سمجهڻو آهي تہ قسمت ۾ جيترو لکيل آهي سو ترِ جيترو بہ گهٽ نہ ٿيندو. اعتراض ڪندڙ چئي سگهن ٿا تہ قسمت جو لکيل هو تہ پوءِ عمر جو قصور ڪهڙو؟ پر ياد رکو تہ قسمت ۾ جا لکيل آهي ان جي ڪنهن بہ بني بشر کي خبر ناهي پر اهو حڪم چٽي طرح لکيل آهي تہ: "اعدلوا هو اقرب للتقوي وزنوا بالقسطاس المستقيم"، حاڪمن جو فرض آهي تہ پنهنجي رعيت جي سنڀال ڪن، سندن ننگن ۽ دنگن جا محافظ هجن، چادر ۽ چوڏيواري جو تقدس پائمال نہ ٿئي، ڪنهن جا بہ ننگ ائين ڪنيا نہ وڃن. رستا محفوظ هجن بک مفلسي جو راڪاس نہ هجي، طبقاتي ڪشمڪش نہ هجي انسانيت جو ائين سر بازار وڪرو نہ ٿئي. ائين بہ لکيل آهي تہ: "ڪلڪم راع وڪلڪم مسئول عن رعيتہ" عمر کان بہ اهو پڇيو ويندو تہ تون پنهنجي رعيت جو رکوال هئين تہ تو پرائو ننگ چو ڪنيو! مٿيون جملو مارئي جو معترضا آهي تہ عمر کي ڪهڙي جرئت جو مونکي ائين ڪٺي ها؟

بيت: 11

رءَ ارعرابين هت، گهنگهر گهارڻ مون ٿئو،
"بڪت العينان في هواڪ دما"، پڇان ساڻ پرت،
من اکيون تن تت، جتي جنب جيڏيين.

سمجهاڻي: "اعرابين": (بريت ۾ رهندڙ عرب، بدوي واحد اعرابي) مطلب تہ ٻهراڙي جا ماڻهو جهانگي، مارو ماڻهو "گهنگهر": مونجهارو، حيراني ۽ پريشاني. "بڪت العينان": تنهنجي عشق ۾ منهنجين بنهي اکين رت جا ڳوڙها وهايا يعني رت رنو. "پڇان ساڻ پرت": شال مان مارن کي وڃي محبت سان ملان يا پڇان. "جنب": جم، حياتي. جنم: سنسڪرتي لفظ. منهنجو روح، بدن ۽ اکيون رات ڏينهن ملير کي پيون پسن، جتي منهنجون جيڏيون هڪ جيتريون سهيليون جايون آهن. يعني ساٿيہ لاءِ سڪي رهيون آهن، وطن سان محبت جي انتها چئبي.

بيت: 12

هي هنڌ پيٽيون هاڻ، ساڙيان سپ ڏيهين ري،
"ڪل شيءِ يرجع الي اَصلہ"، تي جهجان جهانگين ڪاڻ،
پِري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ مليرجو.

سمجهاڻي: "ڪل شيءِ": سڀ ڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي. جهجان: "ڳران، جهجڻ: ڳرڻ، "پري": ڦري، موٽي. "پاڻ": وٿاڻ، آستان، ماڳ، مڪان، جاءِ. مارئي چوي ٿي تہ نيٺ مونکي پنهنجي وطن ملير ڏي واپس وڃڻو آهي سو مان بہ ضرور واپس وينديس. مارئي جو اهو جملو تصوف جو ڏيک ڏئي ٿو تہ هيءَ دنيا قيدخانو آهي، انسان جتان آيو هو يعني عالم ارواح مان اوڏانهن واپس موٽندو. مارئي= طالب. ملير: وطن، محبوب + عمر: نفس حيواني+ ڦوڳ: ابليس + ڪيت: منزل، مقام. "

اسين ٿان آئيون، جت ڪهنبو ناهہ،
جي وڃون ويهاءَ، تہ پڻ مٿهون لوئيون.

***

جيڪر ڪين جيان، جاڙ جيان ٿي جيڏيون،
اکيون منهن مليرڏي، ڪهڙو نڪ نيان؟
ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان؟ آڳهين منهنجي انگ ۾.

***

سيل پچڻ جي سومرا، مونکي مت م آڇج مير!
گهٽين ٿورين ڏينهڙين، ويندس هت همير!
مچڻ منجهہ ملير، ڪنڌ مٿاهون نہ ڪٽان!

* * *

سومرن جو دور حڪومت 1050ع کان 1350ع تقريباً 300 سال جو عرصو آهي. تہ ۾ عمر مارئي جو واقعو پيش آيو ۽ عمر ڪهڙو حاڪم هو؟ ان بابت اجا تاريخدان ڪنهن نتيجي تي پهچي نہ سگهيا آهن.

مارئي جي داستان ۾ تصوف جو روح شامل آهي. ان کان سواءِ اهو داستان سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. لطيف شروعات بہ تصوف سان ڪئي آهي. سندس بيت آهن:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالوا بلي" قلب سين تڏهن تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

لطيف سنئون سڌو روحاني رمزن کي ڇيڙيو آهي. الله تعاليٰ انسان جي تخليق ڪري "وعلم الآدم الاسماءَ ڪلهاط" آدم کي سمورو علم ڏيئي ڪيس عالم ارواح ۾ وٺي ويو ۽ سيني کان پنهنجي ربوبيت ۽ هڪ الله جو اقرار ڪرايو. انهي عالم ارواح ۾ سيني مخلوق جا روح موجود هئا، جيڪي هن ڪائنات ۾ پيدا ٿيا يا ٿيندا ۽ سيني کي ايجادات، اڪتشافات، سائنس ۽ ٽيڪنيڪل تعليم جو علم ڏئي ڇڏيو. نہ رڳو ڏنو پر سيني جو مرڪز الله هو جيڪو سيني تي وهو عليٰ ڪل شيءَ قدير آهي. انهي ڪري لطيف سرڪار چيو تہ: "وحدت ڪثرت ڪل". انهي عالم ارواح ۾ مارئي ۽ عمر بہ هئا، تہ انبياء ڪرام ۽ صوفي بزرگ بہ هئا. وطن بہ هو تہ وطن پرست ۽ وطن جا جوڏا جوان محافظ بہ هئا. هن سر ۾ شاهہ انسان جي اصلوڪي وطن جي اپتار ڪئي آهي تہ ڪو وقت هو جو هي سارو عالم عدم جي اونڌاهہ ۾ غرق ٿيل هو يعني هن جو وجود نہ هو. جڏهن خدا خواهش ڪئي تہ پنهنجي ذات

۽ صفات جي لڪل خزاني کي کولي ظاهر ڪيان، تڏهن ”ڪن“ چئي ڪائنات کي وجود ۾ آندائين ۽ انسانن جا روح خلقي انهن کان وفاداري جو واعدو ورتي، ڪين عالم ارواح ۾ رکيائين. جيئن مارئي ملير ۾ بنا جهل پل سرتين سان پاڻ ريجهائي روح کي پئي خوش ڪيو ۽ پنهنجي محبوب ڪيت سان محبت وندي سندس خدمت ۾ پئي خوش گذاريو. تيئن روحن به وحدت جي واديءَ ۾ هڪ ٻئي سان رهاڻيون ڪري عرش جي ڪنگرين مٿان پکين جيان پرواز ڪري پنهنجي رب جي الفت ۽ عبادت ۾ پئي زندگي گذاري ته اوچتو ئي اوچتو ”اهبطوا“ جو حڪم ٿيو ۽ روح جسماني جامو پهري عرش تان لهي فرش تي پيا! ساڳئي اهڙي ڪار ٿي جهڙي مارئي سان امرڪوٽ ۽ ملير ۾ ٿي. هن عشق جي رمزکي سمجهڻ ته ڏکيو آ.

هاڻ روح نه رڳو دنيا جي ڪوٽ ۾ قابو ٿيا پر نفس جي ڦندي ۾ به ڦاسي پيا. ڪيترا ته مجازي مزن جو شڪار ٿي پنهنجو ساٿيهه ”وطن“ کي به وساري ويهي رهيا. حديث ۾ اچي ٿو ته ”الدنيا سجن المؤمنين و جيفة الڪافرين“ تنهنڪري اصل انسان کي هن بندي خاني ۾ مزو نه ٿو اچي، جيئن مارئي جو قلب ڪوٽ ۾ قيد هو پر روح ملير ۾، اهڙي طرح اهڙن انسانن جو من ۽ روح لامڪان ۾ پيو وسي، رات ڏينهن حقيقي محبوب کي ساري اکين مان رت جو پاڻي پيا هارين. اهو نفس به عمر وانگر ڪنيپيو ڪنيو بيٺو آهي ته جيئن ڪيس ڏاتار کان ڏار ڪيان. گهڻي ئي داٻ دڙڪا، لوڀ لالچون ڏئي ٿو پر هو مارئي وانگر ثابت قدم رهي ٿو. نڪي ساٿيه جي سار ڇڏين ٿا ۽ نڪي ٿا محبوب کان منهن موڙين، اٿ پهر نفس سان جنگ جوٽيندا اچن. نفس به آخر نااميد ٿي سندن پچر ئي ڇڏي ٿو ڏي. مارئي طالب، سندس مطلوب وطن ۽ وطن سان محبت ۽ عمر نفس آهي. وڏا حيلا هلايائين ته من مارئي منهنجي چنبي ۾ ڦاسي پر نااميد ٿي ويو. تڏهن ملير مان مارئي ڏي قاصد آيو. تيئن اهڙن مقبول ٻانهن لاءِ خدا جي طرفان ڪو نه ڪو هادي پيدا ٿئي ٿو. جو ڪين نفس جي قيد مان آزاد ڪرائي وڃي ٿو. فارسي شاعر جامي چوي ٿو ته، ”اي روح! تون هن مجازي محلات ۾ ڪيترو وقت ٻارن وانگر مٽي سان پيو کيڏندين! تون اهو دادلو پکي آهين جنهن جو اصلوڪو گهر هن فاني دنيا کان ٻاهر آهي، ان ڪري لافاني وطن ڏانهن موٽي وڃ!“

***

عمر مارئي جو داستان سنڌ ۾ ڪچهري جي مورن ۽ قصاگو سنڌين وٽ عام هو. رات جو ڪچهرين ۾ عمر مارئي، روپ بسنت، سهڻي ميهار ۽ ٻيا داستان گوين جي سونهن ۽ ڪچهري جي رونق هوندا هئا. وري انهن ۾ عمر مارئي جو داستان ته ڪچهري ۾ جان وجهي ڇڏيندو هو. ان جي اصل تاريخ ۽ وقت جو اندازو نه ٿو ملي. ان قصي کي سنڌ جي تاريخ، ”تاريخ طاهري“ 1621ع ۾ ذڪر ڪيو آهي. تاريخ طاهري واري هڪ ٻيو ڪتاب ”نازو نياز“ لکي ان ۾ به عمر مارئي جي ڪهاڻي کي وڏي شد مد سان ذڪر ڪيو آهي. ساڳئي قصي کي مير علي شير قانع ” تحفت الڪرام“ ۾ ذڪر ڪيو آهي پر هن تاريخ طاهري جو لفظ بلفظ نقل ڪيو آهي. عمر مارئي جو قصو ٻئي ڪنهن به تاريخ ۾ نٿو ملي. وري اسان ” عمر ڪوٽ“ لکون ٿا جيڪو غلط آهي. اصل ۾ امر سنگه حاڪم هي ڪوٽ ٺهرايو هو. ان ڪري ” امر ڪوٽ“ لکڻ درست آهي. امر ڪوٽ ملير کان 50 ميل پري آهي. رسالي جي سيني قلمي نسخن ۾ ”امرڪوٽ“ لکيل آهي. الف سان، نه ڪي عين سان. امر ڪوٽ جو شهر پرمار گهراڻي جي راجپوت ”امر سنگه“ اٽڪل يارهين صدي عيسوي ۾ ٻڌايو هو. هن جو عمر سومري سان ڪو به واسطو نه هو. [ٽاڊ صاحب جو راجستان جلد به ص، 234] چوندا آهن ته عمر بادشاهه يا حاڪم عدل انصاف وارو هو. پنهنجي عملي کي رعيت سان سهڻو هلڻ جي تاڪيد ڪندو هو. ڇا اها ڳالهه درست آهي؟ اچو ته پيرو ڪڍون: ٿر ملڪ جي ملير ڳوٺ ۾ ”پالڻي“ نالي هڪ پنهوار هو. جنهن وٽ ڪجهه ٻني به هئي جيڪا پوک ” ڦوڳ“ نالي ڳوناڻو ڪندو هو. پالڻي کي سدا ملوڪ نياڻي ڄائي جيڪا سونهن سوڀيا ۾ سيني کان سهڻي هئي. پالڻي کان ڦوڳ مارئي جو سڱ گهري ٿو ۽ کيس جواب ملي ٿو.

پکي منجهه پدمڻي، ڪر ڏئي وراڪا وڄ،
جهڙي صورت سڄ، تهڙي صورت مارئي.

جيئن ته مارئي حسن ۽ خوبصورتي ۾ مشهور هئي ان ڪري کيس مارو ماڻهو ” مارئي“ سڏيندا هئا. پالڻي اڳ ۾ ئي مارئي پنهنجي هڪ مائٽ ” کيت“ نالي کي ڪري ڇڏي هئي. ڦوڳ بدلو وٺڻ لاءِ عمر وٽ وڃي مارئي جي حسن جي تعريف ڪئي.

هاڻي ڪهاڻي نئون روپ اختيار ڪيو يعني جيڪو حاڪم انصاف وارو هو اهو منهن تي نقاب هڻي ڦوڳ کي ساڻ ڪري ڪوهه تان مارئي کي کڻي آيو. اهي آهن منصف حاڪم جا ڪم! تاريخ طاهري وارو لکي ٿو ته عمر جي ڪوٽ اندر اڳ چار ڪنيل ڇوڪريون قيد هيون. عمر وس ڪيا پر مارئي هئي ٻهراڙي

جي سا بہ ملير جي، ان ڪري عمر ڪي ويجهو بہ اچڻ نہ ڏنائين. عمر هڪ دفعي مارئي کي چيو تہ :

در دروازا دريون، هاٿي هتي هو،
ڪوڙيين اڏيان ڪيترا، تنبو متان تو،
جي مل نہ آيا مارئي! تنين رڻ مَر رو،
ڪوڪٽ آهي ڪو پُسي پهنوارن ۾.

مارئي وراڻي ڏني تہ:

سَنهي سئي سبيو مون مارو سين ساھ،
ويني ساريان سومرا! گولاڙا ۾ گاھ،
هنيون منهنجو هت ٿيو هِت متي ۾ ماھ،
پکن منجھ پساھ، قالب آهي ڪوٽ ۾.

اهو تہ قصو هو جيڪو مختصر بيان ڪيم. ان مان تصوف جو رنگ ڪهڙو آهي ان جو تفصيل ڏيو.

بيت:16

سپڙ ساھ پساھ، جاجڪ! جم وسارئين،
ريهي ربي سنديون، تندون تنبي کي پاءِ،
لنگها! تون ليلاءِ، اڳيان وڃي ان جي.

لطيف چارڻ کي تنبيھ ٿو ڪري تہ اي چارڻ! متان تون سخي سپڙ کي ڪو دم يا ڪا ساعت وسارين. تنهنجو محبوب بہ اهو سخي سپڙ يعني ڏٽي تعالىٰ آهي، تنهنجي منزل بہ اها آهي. ان ڪري متان پنهنجي اصل منزل وساري ويهين. اٿ! پريات ٿي ويئي آهي، سڏيندڙ توکي سڏي ٿو. ان ڪري نياڳي نند مان سجاڳ ٿي. سرندي کي ربه ڏي يعني ساجو ڪر. ان ۾ چانديءَ جون تارون وجھ يعني روحاني ساز سان ذڪر ڪر ۽ ان جي اڳيان ساز وڄاءِ. اي مڱڻا! تون روحاني ساز ڪڻي ان سخي ڏاتار جي در وڃي ميڙون ۽ منٿون ڪر، چو تہ محبوب کي راضي ڪرڻ سان توکي دان ملندو. لطيف جي تصوف جو مرڪز خدا آهي. انسان ان جو طالب آهي ۽ ڪاميابي جو در بہ اهو ئي آهي. جي توکي قوم سان محبت آهي تہ الله جي ڏسيل واٽ وٺ تہ ڪاميابي ماڻين. جي تون همت نہ ڪندين تہ منزل تي مشڪل سان پهچين:

بيت: 17

لطيف ٿو فرمائي تہ اي صاحب! تون سپڙ ڏاتار آهين مان مڱڻهار يعني گهرندڙ آهيان. مان تنهنجي در جو ڪتو يعني گنهگار ٻانهو آهيان ان ڪري ڪلهي تي سرندو رکي تنهنجي در آيو آهيان. ٻاڏايان ٿو تہ مون تي ڪرم ۽ ٻاجھ ڪر! بيت هن طرح آهي:

تون سپڙ آئون سيڪڙو، تون صاحب آئون سڱ،
پڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.
(سيڪڙو: گهرندڙ ڪرت ڪندڙ مڱڻهار .سڱ: ڪتو. پڳ: در، رستو واٽ، ڪينرو: سرندو)

بيت:18

هن بيت ۾ لطيف انسان جي ڪيفت بيان ڪئي آهي تہ اي رب العزت! تون سپڙ سردار آهين، ڏاتار ۽ مالڪ ڪل مختيار آهين. ڪل شيءِ قدير آهين، تون رازق رب رحيم آهين، تون سخي آهين، آئون گنهگار آهيان ۽ سراپا گناهن ۾ غرق آهيان تون ڏيندڙ آئون گهرندڙ، تون بخشيندڙ مان توبه ڪندڙ تون پارس آئون لوھ، جي نظر سان نوازين تہ سون ٿي پوان. ان ڪري منهنجون سڀ خطائون معاف ڪر تہ تنهنجي ٻاجھ ٿيندي. اهدنا الصراط المستقيم ط مونکي سڌي رستي تي هلڻ جي سگھ ڏي!

بيت:19

تون سپڙ آئون سيڪڙو تون ڏاتار آئون ڏوھ،
تون پارس آئون لوھ، جي سجين تہ سون ٿيان.

لطيف خبردار ٿو ڪري تہ پرھ "پريات" جو تارو نڪري نروار ٿيو آهي ۽ تون اڃا ستو پيو آهين. اٿ اٿي ڏٽيءَ کي ٻاڏاءِ ان جي در تي جهڪ. اٿي اسر جو ذڪر ڪر، راڳڻي ڳاءِ، ڏٽي سپڙ غيرت وارو آهي. هو مڱڻهارن کي پرکي ٿو سو تون بہ ان جي پرک ۾ ڪامياب ٿي تہ دان ملئي ۽ نجات حاصل ٿئي. الله انسانن جي دلين جي پرک ٿو لهي. سپڙ انسان جي ظاهري عبادت کي نٿو ڏسي، روحاني رشتو قائم ڪرڻو پوي ٿو.

ايريو تارو، اٿي ور وهاڳ ڏي،
سپڙ ريسارو، چٽ پرکي چارڻين.

***

## داستان پيو

نڪو اير نہ پير، نڪو اوٺي آئيو
مون وٽ آيو ڪونہ ڪو پائرئن پري پير،
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم ان جيون؟

سمجهاڻي:" اير" =سن :چاري، خبر آڻيندڙ خابرو"پير": ڦيرا، ڦيريدار، واٽهڙو، مسافر، پير پرڻ، ڦرڻ: گهمڻ. "اوني": جت، جنهن وٽ اٺ هجي. مطلب تہ اٺ تي پيغام يا نياپو کڻي ايندڙ قاصد. "پائرئا": پائر، پائرن مان. "ڪتابتون": ڪتاب، خط، نياپا، نياپو، خبر. مارئي تي چوي تہ مونکي هت بند ٿئي ڪيترو عرصو گذري ويو آهي پر مونکي مارن جي ڪا بہ خبر ناهي، نہ تہ اٺ تي ڪو اوٺي آيو ۽ نہ ئي ڪو خط وغيره آيو ۽ نہ وري پائرن ڪان ڪو نياپو سنيهو آيو. معلوم ٿيو تہ مارئي کي پائر هئا پر اهي ظالم حاڪم ڪان ڊڄن پيا.

نہ خبر نہ خواب، نہ ڪو اوٺي آئيو
هُتي جو هِت ڪهين، ڏنو ڪونہ جواب،

هيرن حساب، ڪه ڄاڻان ڪيئن ٿيو؟
مارئي ملير ۾ پنهنجن ڪي سارينديدل ئي دل ۾ سور پٽي ٿي ته منهنجي ديس وطن جي هٿ خبر ڪير ڏيندو. نه ته ڪو خابرو آيو ۽ نه ئي ڪنهن اٺ تي اچي مون کي خبر ڏني ته هت ڇا وهيو واپريو ۽ منهنجا مارو ڪيئن آهن. مارئي قيد ۾ هوندي به پنهنجي ديس کي نه وساري، اها عشق جي انتها ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ وطن پرستي ناهي ته ڇا آهي؟ قومي جذبو ناهي ته ڇا آهي؟ قوم پرستي ۽ پنهنجن سان محبت جو شعور ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ اسين ته پنهنجن سان نفرت ٿا ڪيون. سر مارئي جو داستان به ٻڌايون ٿاءِ پني ۾ ڇرو به هڻون ٿا، سر مارئي به ڳايون ٿا ۽ ماروئڙن سان نفرت به اتم ڪيون ٿا.

اوني! ٻوٽي آڻيين، ڪوهُتي جو هِتِ هير!
ته ڪنا جي ڪوٽن جا، ٿين سرها سير،
آءُ ته اکيين اُگهان، پائرڏني پير،
الله لڳ لطيف چي، لاءِ م تون اوير،
ڪوٽيين گهاري ڪير، محلين مُنجهي مون هنيون!

"هير": هينئر، هاڻي. "سير": گهمڻ جون جايون. "پائر": ويڙهو جهنگ. ٿر جو ملڪ ٽن حصن ۾ ورهايل آهي :اتر واري پاڳي کي "ڪاٺر" جو ٿر ڪري سڏيندا آهن. "ڏکڻ واري پاڳي کي پائر جو ٿر چوندا آهن. انهن ٻنهي ٿرن جي وچ وارو وارياسو ٽڪر " ڊٽ" جي نالي سان سڏبو آهي . جنهن ۾ امر ڪوٽ يا عمرڪوٽ جو شهر آهي، پر شاهه صاحب مٿيان ٽئي لفظ عام طرح " ٿر "لاءِ ڪم آڻي ٿو. اهو سمورو علائقو مارئي جو ملڪ ليکيو وڃي ٿو. عمر بادشاهه جو تخت گاهه ملير کان 50 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي جتان جي زمين ۽ سموري ڪائنات ٿر سان مشابهت رکي ٿي.

شاهه صاحب جي فڪر موجب نفس عمر ۽ سندس ڪوٽ آهي، انهي ڪري عالم ارواح ۾ الست بربڪم! جو اقرار ورتو ويو.

الا! اوني آڻيين، جي نياپا نين!
آءُ اُنين جي آهيان، توڻي مون نه مڃين،
مس منهنجي هٿ ۾، ڪاغذ ڪي آڻين!
لڙڪ نه لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي.

سمجهاڻي: "مس": هٽ مس مان مراد آهي رت جا ڳوڙها يا دل جو خون. ڪنهن شاعر خوب چيو آهي ته:

از خون دل نوشتم نزديڪ يار نامه،
ائي راء يت دهرا هجر ڪ القيامت.

مطلب ته مون پنهنجي دوست ڏي دل جي خون سان خط لکيو ان جي جدائيءَ ۾ وقت مون کي قيامت جي ڏينهن وانگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مارئي جو وقت، ساعت، پلڪ يار جي جدائي، مارن جي ياد ۽ ملير سان محبت ۾ قيامت وانگر گذري ٿو. هيءَ عشق جي انتها ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ جيڪو حب الوطن من الايمان ڪي عشق جي ترازو ۾ توريندو ته ڏرتي ان جا قدم چمندي.

جي امر هٽئوااڏ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪيئن،
واڳيون جي وصال سين، تنين چاڙهي چيئن،
رئان راتو ڏينهن، جن ان جي وائي ۾ ور گهٽا.

"امر": حڪم، الاهي امر، تقدير. "ڪي": ڪيئن، "چي": چڪيا، آگ، ڏاگه، "واڳيون". تقدير اهڙي شي آهي جو وصال سان واڳيلن کي چڪيا تي چاڙهي ۽ برهه جي باهه ۾ جلايو ڇڏي. "ان": مارن، وائي ۾ ور گهٽا: يعني منهنجن مارن جو هڪ ڳاله تي ٽڪاءُ ناهي، يا عمر جو به هڪ ڳاله تي ٽڪاءُ ناهي .!

ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمرا! ماروئڙن جا،
لاٽائون لطيف چي، مٿان لوئي لاک،
عمرا! ڪرئو آک، پَهريو ٿي پَنَ چران.
ٿرٿر اندر ٿانءُ، وهين ويڙيچن جو،
سپ تنهنجو سومرا! وينا ڳنن نانءُ،
اتي ويندِيس آءٌ، لوئي لج مٿي ڪري،
تن وهين ويڙيچن کي، رئين نه راتوڏينهن؟
ڪال پهنوارن لڏئو، مونکي چاڙهي چينءَ،
آءُ جيندي ڪيئن؟ جه ان ٿر وڃي ٿاڻا ڪئا.

"وهين": واحد: وهيو: تمام شاهوڪار، آسودو سکيو. "جه": جنهن صورت ۾ جڏهن، "ٿر": پوٺو ويرانو برپٽ، ماڳ مڪان .ٿر ملڪ کي انهيءَ نالي سان ان ڪري سڏيو اٿن جو سارو ٿر پوٺو ئي پوٺو آهي. منجهس آباد ٿيل ٽڪرا نهايت ٿورا آهن . جيئن ته ٿر ۾ نديون ۽ واهه نه آهن، ماڻهن جي زندگي جو دارومدار کوهن تي آهي جتي جتي کوهه هوندو اتي ۽ ان جي آس پاس ٿري ماڻهو ننڍڙيون ننڍڙيون وستيون ٻڌي ويهندا آهن ۽ اهڙين وستين کي به ٿر چوندا آهن. بيت ۾ ايندڙ لفظ "ٿر" جي اهائي معنيٰ آهي. "ٿاڻا": ٿاڻو ٽڪاڻو گهر. "جه": جيئن ته هو پنهنجن وستين ۾ وڃي وينا آهن منهنجي ڪابه پوئواري نه ڪئي اٿن، ان ڪري اهي وستيون هر هر ياد اچن ٿيون. مون کي بند مان آزاد ڪر ته ملير ۾ وڃي اهي ٿاڪ ۽ کوهه ڏسان.!.

"ٿاڪ": ٽڪاڻو گهر، "لاک": هڪ قسم جو ڳاڙهو رنگ، جنهن کي جؤ به چوندا آهن، وڻن جي پيدائش آهي، ٿري ماڻهو پنهنجون لوبون انهي لاک ۾ رڱيندا آهن. لاک گهٽي پاڳي ٻير جي وڻن مان ورتي ويندي آهي. شاهه صاحب لاک جو ذڪر داستان ٽئين جي بيت ۾ ڪيو آهي. هن جي ٻي معنيٰ آهي "سٽيءَ جو رنگيل سٽ جنهن سان لوبن

تي برٿ جا گل ٻوٽا هٽندا آهن". لاٿائون لطيف چي... ويچارن ماروئڙن مارئي جي وڇوڙي ۾ پنهنجن لوين تان لاڪ جو ڳاڙهو رنگ ۽ برٿ لاهي ڇڏيو آهي. "آڪ": حڪم، امر، آڪڻ، چوڻ، فرمان ڪرڻ." پهرئو": پهرڻ، چاري لاءِ جهنگ ۾ پڪڙي وڃڻ. عمر! ڪرئو: اي عمر! حڪم ڪر تہ پنهنجي ساٽيه وچي مال سان پهري ان ڪي پڻ چاريان. لطيف هن سر ۾ مارئي جي يادگيرين جا نشان بہ ڏسي ٿو. لاڪ جو ذڪر بہ ڪري ٿو. مال سان گڏ ساهيڙين جو ذڪر ڪري اتي لفظ پهرڻ جو بہ ذڪر ڪري سنڌي ٻولي جي وسيع هجڻ جي يادگيري بہ ڏياري ٿو.

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿئام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪان ڪئام،
جا ڍٽ ڍڪيام، تنهنجو پرور پن رهائيين.

(پ ڪي زبر، ر ڪي زير وءِ رڪي زبر) پن رهائيين. "سيبا": توپا، ٽاڪا = سبڻ، "ڪنجري": ڪنجرو. سن: ڪنچڪ+ رو= گج، چولي، "ليڙ": ڇيهون ڇيهون يا پرزا پرزا، "ڪتي": ڪتيل ان جي لوئي،" اباڻن جي آسري": انهي اميد تي تہ جلد موٽي اباڻن سان ملنديس مون ڪابہ نئين لوئي ڪتائي نہ اوڍي آهي. "اوڍڻ": پائڻ، ويڙهڻ، "پرور": پالينڊڙ ڏٽي تعاليٰ. " پن": پردو، لڄ پت. مارئي چوي ٿي تہ مونکي اهائي لوئي ميراسڙي ٿي ويئي آهي. مون پنهنجي لڄ تي داغ ناهي لڳايو. الله ۾ ڀروسو آهي تہ هو مون ڪي مارن سان جلد ملائيندو. گج بہ ليڙون ليڙون ٿي ويو آهي. عمر تنهنجا بخمل جا ويس ڇا ڪنديس. مارن جا لوئي ڏني آهي اها مون لاءِ تنهنجي بخمل جي ويس کان بهتر آهي.

***

## داستان ٽيون

پٽولا پنهواريون مور نہ مٿي ڪن،
جه لاڪ رَتائون لوئيون، تہ سالنئا سونهن،
ان ايلاچِنئون اَڳري، بخمل بافتن،
سڪر پائيان سومرا! ڪتي ڪان ڪنهبن،
جا ڏنم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.

سمجهاڻي: "پٽولا": واحد پٽولو مطلب تہ پٽ جو ڪپڙو ريشمي ساڙهي. مٿي ڪن: پهرين يا اوڍين. سالنئا، سالئا: شالن کان بہ وڌيڪ. "ان ايلاچنئون": ان جي لوئي تنهنجي بخملن بافتن کان بهتر ۽ سرس يعني وڌيڪ بهتر ۽ قيمتي آهي. "سڪر": بهتر، سرس، وڌيڪ قيمتي وغيره. "ڪهنبن": ريشمي ڪپڙن. مارئي چوي ٿي تہ اي عمر! پٽ جو ڪپڙو تنهنجي ريشمي ۽ بخمل جي ساڙهي کان بهتر آهي. "ايلاچنئون" هڪ قسم جو ريشمي پٽاپٽي ڪپڙو اهو عمر جي محلاتن ۾ استعمال ٿيندڙ بخمل کان بهتر آهي. مونکي مائٽن طرفان ڏنل سادي لوئي جي لاهيان تہ لڄ مري وينديس پر عمر! تنهنجا پيش ڪيل ڪپڙا ۽ قيمتي ويس وڳا هرگز نہ اوڍينديس.

اِرَم هڏ مَ اوڍيان، پٽولا پٽ چير،
ٻانڊوٽا ٻن ڏيان، ارغچ ۽ عنبير،
ماروءَ سين شل ماٽيان، ڪٿيون جهڙيون ڪير!
اندراج اڪير، مون ڪي پرينءَ پنهوار جي.

"ارم": هڪ قسم جو اوني ڪپڙو. "پٽ چير": پٽ= ريشم چيل= ڪپڙو (ريشمي ڪپڙو). "ٻانڊوٽا": واحد ٻانڊوٽو = ٻانڊٽي، پوتي، چني، رئو. " ارغچ": فارسي لفظ معنيٰ بافتو. بافتي جو ڪپڙو. "عنبير: انبير= آسماني رنگ تي ڪپڙو جيڪو ان وقت نفيس ترين ۽ قيمتي هوندو هو. مارئي ڪي اهي سادا سودا ڪپڙا بخمل جي ڪپڙن کان وڌيڪ قيمتي لڳن ٿا تہ اهي بخمل جا ويس هرگز نہ پائينديس. مون ڪي مارن جا ڏنل ڪپڙا سونهن ٿا. "اهو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن ڇلي، ان ڪري انهن بخمل ويس پائي لڄ مرندس!"

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پنهوار ڪي، عمر! آڇ مَ تون،
ور لوئي جي لون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

"سون برابر": ماروءَ مڱڻي جا ڏاڳا منهنجن ڪراين ۾ ٻڌا آهن، سي مون ڪي سون برابر آهن. سنڌي هندن ۾ اها رسم هوندي هئي تہ مڱڻي يا پرڻي وقت گهوٽ ڪنوار جي ڪرائين ۾ سڳڙا ٻڌندو آهي. هي هڪ پيار محبت جي نشاني بہ هئي ۽ جنم جنم ساٿ رهڻ جو وچن بہ هوءِ گهوٽ طرفان واعدو بہ هو تہ جنم سمورو تنهنجي محبت ۾ گذاريندس ۽ هر وقت تنهنجي سار بہ لهندو رهندس. اها رسم اسان سنڌي مسلمانن ۾ تقريبا هڪ صدي هلندي رهي. گهوٽ ڪي ڪاري تي وهاري سوڻ ڪرڻ، ڪنڍي جي ٽاري پوڪي گهوٽ ڪي ڦيرا ڏياري اها ڪنڍي جي ٽاري هڪ ڏڪ سان ڪيرائڻ، ڍڪٽي پيچڻ ۽ ڏاوڻ ڏائڻ جهڙيون رسمون موجود هيون. پوءِ ڪنوار جي سينڌ ڪي تيل سان مکي سندر جا ٽبڪا ڏيندا آهن.

"ور": بهتر، سرس. "لون": وار، تند، تار، ڏاڳو. مارئي مارن ۽ ڪيت جي ڏنل نشانين ڪي بار بار ياد ڪري رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي ٿي. ڪيت جي هٿ سان ٻڌل سڳڙا سون کان بہ وڌيڪ ٿي سمجهي. ڪيس وطن ۽ مارن جي هر ڳاله ياد آهي. وطن سان محبت هڪ عجيب وچن آهي جيڪو ڪڏهن بہ نہ وسارجي. وطن جي مٽي وطن جي ڌوڙ وطن جا

پيچرا ياد ڏياريا آهن. اسين زباني جمع خرچ ڪيون ٿا پر مارئي ڪري ڏيکاريو! اڄوڪي تہ مارئي جي پيچرن تي هلون، پنهنجي اصلي ثقافت جي سنڀال ڪيون، مهين جي دڙي جا سچا پٽ ٿي ڏيکاريون.

سون برابر سڳڙا، لون لون برابر لَکُ،
رپو جنهن رد ڪيو ڪوڙ تنهين کي ڪک،
مون ماروءَ جو مَکُ، تيل نہ لائيان تنهنجو.
تيل نہ لائيان تنهنجو، مون ماروءَ جومَنِ،
ڪريان ٻي نہ ڪن، آهر انهين آهيان.

سمجهاڻي: "رپو جه": جنهن سون ۽ رپو يعني دنيوي جنسار ۽ هار سينگار ترڪ ڪيو آهي، تنهن جي آڏو ڪروڙ بہ ڪک مثل آهن. "مڪ": مگڻي يا پرڻي وقت مکيل تيل تنهنجي خوشبودار تيل کان هزار درجا بهتر آهي. مون ماروءَ جو من: ماروءَ محبوب پرين يعني ڪيت منهنجي سينڌ پنهنجي تيل سان سٽيي ڪئي آهي پر ان پرين منهنجي روح کي بہ پنهنجي محبت سان رڱي ڇڏيو آهي. هاڻي روح جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ اي عمر! تنهنجي جڳہ ناهي. "آهر": آڌار، آسرو، اميد، پروسو. مارئي چوي ٿي تہ منهنجي سينڌ نہ رڳو منهنجي مٿي پر روح کي بہ رڱي ڇڏيو آهي. هاڻي ڪٿي بہ اهڙي جاءِ ڪنڊ ناهي بچي جتي تنهنجو بسيرو ٿئي، تنهنڪري ڇڏ پچر منهنجي تہ پنهنجي پرين پياري محبوب سان ملان.

***

بيت: 7

پَٽُ نہ پهريان سومرا! جانڪيان تان جيان،
آئُ ڪنءَ لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان؟
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو.

سمجهاڻي: "جانڪيان": جيستائين، "ڪارڻ ٻن ڏيهان": لطيف مارئي کان چورائي ٿو تہ اي عمر! ٻن ڏينهن لاءِ ٻيو ڪانڌ يا ور نہ ڪنديس ۽ پاڻ تي ٺڪو نہ لائينديس، هي ٿورو عرصو جو مان تو وٽ قيد آهيان هي تہ بي بقا جهان آهي ۽ فاني آهي سدائين قائم ناهي رهڻو. اصل ماڳ منهنجو ملير آهي ۽ ڪيت ئي منهنجو ور ۽ ڪانڌ آهي. انسان جو هن جهان ۾ موڪليو ويو آهي سو جهان عارضي آهي، هن کي بقا ناهي ان ڪري ٻن ڏينهن لاءِ نفس جي چوڻ تي پيلجي شيطان جو نہ ٿئي. "ڪل من عليها فان ويبقي، وجہ ربڪ ذوالجلال والاڪرام ط" بقا صرف الله ۽ ايشور کي آهي. اهوئي پروردگار، اصل ڪانڌ يعني مالڪ آهي. روح بہ ان جو ۽ جسد خاڪي بہ ان جو تہ پوءِ مارئي يعني طالب پنهنجي مطلوب يعني ملير جي ئي آهي، عمر يعني نفس جو غلبو ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

بيت8:

جن ڪراين ڪچ جا، ور ساهيڙيون سي!
اٿ اکنڊِي آهيان، منہ ماروءَ جي،
پکن سين نہ پاڙيان، هنڌ هتي جا هي،
اهل اباڻن کي، مري شال ملهايان!

سمجهاڻي:"ڪچ": شيشو "جن ڪراين": جن ڪراين ۾ ڪائي ڪچ: يعني شيشي جا چوڙا پيل آهن، سيئي منهنجو جيس ۽ جيڏيون يعني ساهيڙيون سونهن. اسان مارن کي اهي شيشي جا چوڙا ۽ چوڙيون سون کان وڏيڪ آهن ۽ انهن ڪچ جي چوڙن ۾ ساهيڙين سان سونهان ٿي. انسان کي ڪڏهن بہ شيطان ۽ نفس جي سونهري ڏٽن ۾ اچي پنهنجي اصليت کي نہ وسارڻ گهرجي. "دنيا کم خداعت غراره": دنيا ڏوکو آهي ۽ رستي تان ٿيڙيندي آهي. ان ڪري اي انسان! مارئي جيان ثابت قدم رهہ تہ توکي محبوب ملندو. "اٿ": اتي، بلڪل، نهايت: تمام، "اهل": گهر ڀاتي، ماڻهو پهر، آڪه، قوم. مارئي چوي ٿي تہ امر ڪوٽ ۾ اچي عمر جي ست رڇي طعامن ۽ سون ۽ بخمل جي ويسن تي موهت نہ ٿينديس. لوئي لڄائڻ جي بدران آءٌ شال پنهجا پساهہ پورا ڪري پنهنجن اباڻن، آڪہ ۽ پنهنجي قوم جو منهن مٿي ڪيان. لڄ بچايان، مارن جي عزت ۽ مان کي سمان ڏيان. "عشق جي هن راز کي سمجهڻ تہ ڏکيو آ"

بيت: 9

ڪراين ڪروڙ جا، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جئان لوڪ لڄ ٿئي.

بيت: 10

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءَ،
ور جيڏين سين جوءَ، فاقو فرحت پائيان!

"سومرڪ": جن شين جي پائڻ ۽ ورتائڻ سان ٻين ماڻهن کي لڄ اچي ۽ شرم محسوس ڪن سي مارن لاءِ فخر جو باعث آهن. اهي ڪوڙا چوڙا عمر جي ڪروڙن سونن کان بهتر آهن ۽ اسان لاءِ فخر جو باعث آهن.

"ڪارا": ڪاري رنگ جا ڪوڙا چوڙا، "سون": سون اڇوڙا، سوءَ: ڏک ماتم، "جوءِ": بک، لنگهڻ. فاقو: لنگهڻ، بک تي، مسڪيني، غربت، پينگ!

عمر! اسان کي ڪاري رنگ جا چوڙا تنهنجي سون کان بہ وڌيڪ آهن. اسان کي بک ۽ فاقا بهتر آهن چو تہ "پلي بک پرم جي شال نہ وڃي شان!" انهي بک، مفلسي، ڪارن نقلي چوڙن ۾ اسان جي عزت بہ آهي، مان شان ۽ مرتبو بہ آهي. سو ياد رک عمر! مري ويندس پر تنهنجن ڏٽن ۽ دولابن ۾ اچي مارن جي عزت

تي داغ نہ هٽنديس.

بيت 11:

اي نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،
اڇي امر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪان ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

بيت 12:

عمر اڇا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪِنءَ ڪن،
جنين جا ٿرن ۾، ور ٿا ويڻ سهن،
هوءَ جي حق پڇن، سي ڪنءَ ستيون؟ سومرا!

سمجهاڻي:"سيڻ": سڄڻ، محبوب، عزيز، مٽ مائٽ، "ڪريت": بڇڙي رسم، بڇڙي ريت، "پکن جي": اباڻن پکن لاءِ جيڪا منهنجي من اندر محبت آهي، سا ماڙين ۽ محلن سان مور نہ مٽائينديس. اها محبت تنهنجي محلن کان وڏيڪ آهي. تنهنجا محل اباڻن جي پکن اڳيان ڪجھ بہ حيثيت نہ ٿا رکن. فرمايو ويو تہ "اهدنا الصراط المستقيم ط" سڌو رستو ڏيکار! اشارو ڏنو ويو تہ سڌي رستي جي ٻنهي طرفن کان حيواني نفس دنيا جا انبار لڳايو ويٺو آهي، ٻنهي طرفن کان ريشمي پردا ۽ انهن پردن پٺيان حيوانيت جو ننگو ناچ آهي. خبردار پنهنجي غربت ۽ غيرت تي داغ نہ لڳائجو. مارئي جو حيا ۽ غيرت نہ چاهيو تہ ڪو سون ۽ ريشمي بخمل جا ويس ڏسي، محل ماڙيون ڏسي اباڻن جي پکن کي لڄايان، انهي بڇڙي رسم کان پروردگار بچائيندو.

"ويڻ": مهڻا، طعنا، ٽوڪون، "حق پڇڻ": مڙسن سان بي وفائي ڪرڻ. اسان سنڌين جي رسم هئي تہ جڏهن ڇوڪري جو ڪنهن ڇوڪري سان مڱڻو يا پرڻو ٿيندو هو تہ چئبو "ڏيءَ کي حق ڏنم" يا ڇوڪري چوندي تہ اباڻن مون کي حق ڏنو. يعني مڙس ڏنو. ڇوڪري مڙس کي حق سمجهندي هئي. مارئي بہ ساڳي ڳالھ ڪئي آهي تہ مان پنهنجي مڙس سان بيوفائي ڪانہ ڪنديس.

بيت 13:

آئون ڪنءَ سوڙين سمهان؟ مون ورگهاري وِل!
ڪٿيري تان ڪِلَ عمر ڪڄ مَ ايهڙي.

"مون ور": منهنجو ور، پتاريا مڙس، "ول": ماڪ، ٽڏ، سيءَ "ڪٿيري": ڪٿو يا ڪٿي، لوئي جيڪا سيءَ کان بچڻ لاءِ ويڙهبي آهي يعني ڪٿي ڍڪيندڙ "مارئي". مارئي چوي ٿي تہ اي عمر! تنهنجن سوڙين ۾ ڪيئن سمهان؟ جو منهنجو ور، محبوب ٽڏ ۽ ماڪ ۾ سمهي ٿو سو مون کي اها ڪٿي پلي آهي.!

***

آئون ڪنءَ سوڙين سمهان؟ مون ور گهاري سڄ!
ور اباڻن سين اڄ! ڪوءِ شربت سومرا!
ور سي وطن ڄايون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوڇڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن ولين، جهانگي منجه جهنگن،
مُنڪي ماروئڙن، سُڄ ڳٽائي سيج ۾.
پلر پيڻ اوڇڻ ان، جن جا پير مٿي پٽ پاڪ،
وهڻ وراڪن ۾، ان جي اجوکي اوطاق،
پاڻ نہ پسن پاڻ کي، ويچارا بي باڪ،
عمرا! اوءِ نہ عاق، ڏکئا ڄِمَ ڏکوئيين.

سمجهاڻي: "سڄ": بيابان، رڻ پٽ. مارئي وري وري چوي ٿي تہ سومرا! آئون تنهنجن ريشمي سوڙين ۾ ڪيئن سمهان منهنجو ور يعني محبوب سڄ ۽ بيابان ۾ زندگي گذاري ٿو. تنهنجو شربت انهي اڄ مٿان گهوري ڇڏيان، ان ڪري مونکي اڄ تنهنجي شربت کان بهتر ۽ پلي آهي جا مارو ۽ محبوب ياد ڏياري ٿي. وطن ۽ ماروئڙن جي انهي محبت ۽ اڄ بيابانن جي سڪ ۽ اڪير جي پيٽ ۾ ڏارين جي ڏنل آڇ جي ڪابہ اهميت ڪانهي. اسان جا سنڌي جوڌا ۽ خالي نعري باز مارئي جي انهيءَ سڪ مان عبرت حاصل ڪن. لطيف جي فلسفہ حيات کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي اڄ اشد ضرورت آهي.

"صحرا": بيابان، برپٽ، جهنگ، ويرانو. "ستر": عربي لفظ آهي معنيٰ ڍڪ، پناھ اجهو مطلب تہ صحرا جن جو ستر، ڍڪ ۽ پناھ آهي، انهن کي جڙتو ۽ هٿرادو ناهيل ۽ اڏيل جاين جي ضرورت نہ آهي. اڄ بہ مارو ماڻهو پنهنجي مال سان برپٽ ۽ بيابانن ۾ رهن ٿا. پلي سيارو يا ساوڻ هجي ڪين بجلي ۽ اي، سي جي ڪابہ ضرورت ناهي. آهي ڪو سرمائيدار، جاگيردار، تاجر، زميندار ۽ سياست دان، عوامي نمائندو؟ ريليون ۽ جلسا ڪيندڙن وٽ انهن ماروئڙن جي ڪا ڳالھ آهي؟ مفلسي ۽ بدحالي کان نجات جو ڪو پروگرام آهي؟ ڪٿي انهن جي حوس پرست منشور جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مفلسي، بک ۽ بيروزگاري کي ختم ڪرڻ جو ڪو حرف يا جملو آهي؟ اهي سڀ عمر جهڙا ظالم ۽ ننگن دنگن جا دشمن آهن ۽ اسين انهن جو نعرو ٿا هڻون، شاھ جي قوم پرست ۽ وطن پرست سورمي مان ڪجھ پرايون.

"گگريون"، واحد گگري: هي هڪ قسم جو وڻ آهي جيڪو قد ۾ ٿوهر جي وڻ جيڏو آهي، ان ۾ هڪ قسم جو ڪؤنر ٿيندو آهي، جيڪو ڪيترين ئي بيمارين جي لاءِ مفيد آهي. اڄ بہ اهو ڪؤنر پراڻن پنسارين وٽ ملي ٿو. "اوڇڻ": ڍڪ، پناھ، اوگهڙ ۽ ستر کي ڍڪڻ جو ڪپڙو، انگوڇو. "ولين": ولين سان، "ڳٽائي": رسم ۽ ريت آهي تہ شاديءَ رات جڏهن عورتون اڇي گڏ ٿينديون آهن، تڏهن

انهن مان ڪا وڏي مائي يا دائي اٿي اچي ڪنوار ڪي مليل جورا گهوٽيتن ڪي ڳٽائي ڏيندي آهي ۽ جورو جورو ڏڪاريندي ۽ چوندي آهي تہ: ”هيءُ جورو فلاڻي يا ڪنوارجي مامي ماميءُ وغيره ڏنو آهي.“ اهڙي طرح سيني ڏنلن جا نالا وٺندي ويندي آهي. ”سيج“: پلنگ، کٽ، شاديءَ رات گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي سائن سوٽن مهل سيج تي وهاريندا آهن. چوندا آهن تہ هي ڏاج ڪنوار ڪي سيج ۾ مليو آهي. ”منڪي ماروئڙن“: مارئي چوي ٿي تہ مون ڪي ماروئڙن ڏاج ۾ جورن بدران برپٽ ڳٽائي ڏنو آهي.

”پلر“: برسات جو پاڻي، ”پلر پيڻ“، اوڇڻ: اهو پلر يعني برسات جو پاڻي مارن جو پاڻي آهي ۽ انهن جو اوڇڻ آهي. ”جن جا پيير“: مارو منهنجا پيرين اگهاڙا انهن پٽن تي گهمندا وتندا آهن ۽ پلر جو پاڻي پيئن ٿا. اڄ دنيا ڪرونا جو راڳ الاپي ٿڪجي پيئي آهي ۽ پريشان آهي، انهن ڪڏهن مارن جي پلر جو مشاهدو ڪيو آهي؟ ”وهڻ“: گهر، جاءِ، ويهڻ جي جاءِ. ”وراڪن“ واحد وراڪو: ويڙهہ، هجوم، جهنگ، وٽن جو جهڳٽو. ”اجوڪي بنا“: بنا جوکي جي، سلامتي واري جاءِ. وهڻ وراڪن يعني منهنجن مارن جي ويهڻ جي جاءِ انهن وٽن جي جهڳٽن ۾ آهي، اهائي انهن جي امن واري اوطاق آهي يعني انهي جاءِ ڪي ڪوبہ خطرو ڪونهي. نہ ڀڄڻ جو ۽ نہ ئي ڍهڻ ۽ ڪرڻ جو خطرو آهي. ”بي باڪ“: بي فڪر، آزاد ۽ البيلا مارو. پاڻ نہ پسن: مارئي چوي ٿي تہ منهنجا مارو ويچارا ڪنهن بہ انا پرستي ۽ خود غرضي ۾ ورتل ناهن. سندن اندر ۾ خود غرضي جي رتي بہ ناهي. ”عاق“: بي ڇيا، نافرمان، ننر. مارئي چوي ٿي تہ منهنجا مارو مغرور ناهن ۽ نہ ئي نافرمان آهن. محبت ڪندڙ سچا ۽ پيارا آهن. منهنجن مارن جهڙو ڪوبہ نہ ٿيندو.

***

ڪارا ڪپڙ ڏيهہ ۾، پيا واريءَ منجهہ وٽاڻ، ساٿين ڪي سيد چي، پرٺو ڏين پاڻ، عمر! اي اماڻ، ثابت رکج سومرا!

سمجهاڻي: ڪارا ”واحد ڪارو“: ڪپڙ جو هڪ قسم جو ڪاريڙو ٿيندو آهي. ”پاڻ“: وٽا، پيالا، تسريون. ”ساٿين ڪي“: واٽهڙن يعني رستي ويندڙن ڪي پاڻ مرادو پاڻي، جهڻ، وٽا ۽ تسريون پريو ڏين. ”اماڻ“: مان تو وٽ امانت آهيان سو مون کي مارن ڏي صحيح سلامت اماڻ، ڪابہ خيانت نہ ڪر! مارئي عمر کي ياد ڏياري ٿي تہ منهنجا مارو مهمان نواز آهن انهن جي دل صاف پاڻي جيان اڇي اجري آهي. هو رستي ويندڙن کي بہ جهڻ جا وٽا پري پيارن ٿا. اهڙن مارن جو قدر ۽ عزت ڪر ۽ مون کي پنهنجن مارن ڏانهن بنا خيانت جي صحيح سلامت موڪل تہ تنهنجي بہ رعيت ۾ عزت ۽ ناماچاري ٿئي.

جا عمر! تو مُل عيد، سا اسان سوءَ ورتي سومرا! ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد. سڪڻ ڪئا شهيد، مارو جي مليرجا.

سمجهاڻي: ”مل“: وٽ. ”عيد“: خوشي جنهن جي اصل معنيٰ آهي ”وڏو ڏينهن“، جيڪو هر وريو اچي. ”ڏڻ“: جشن. اي عمر! جا عيد تو وٽ ٿئي سا اسان لاءِ ماتم آهي. ”ويئي ويچارن“: مارئي مارن کي ياد ڪندي رئندي چوي ٿي تہ منن مارن لاءِ منهنجي جدائي ۾ عيد ماتم ٿي ويئي آهي. خوشي جو نالو نشان نہ رهيو آهي. ماتم ئي ماتم ۽ روج راڙو آهي. اهوئي سبب آهي تہ مارو نڪي ٿا نوان ڪپڙا پائين ۽ نہ ئي نوان ڪپڙا ٿا خريد ڪن. ڪائنڻ هر خوشي موڪلائي ويئي آهي. ”شهيد“ عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي جو شخص پنهنجي دين ايمان جي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجو سر ڏيئي شهيد يعني هميشہ جي زندگي حاصل ڪري ٿو. فرمان آهي تہ شهيد زنده آهي سو آئون بہ پنهنجي لڄ، حيا ۽ غيرت کي بچائڻ لاءِ سر قربان ڪري هميشہ جي زندگي ماڻيندس پر تو اڳيان ڪڏهن بہ آڻ نہ مڃيندس. ”سڪڻ ڪئا“: ملير جا ماڻهو منهنجي سڪ ۽ حب ۾ مري جهري رهيا آهن. لطيف جي تصوف ۽ فلسفي جو بہ عجب انداز ۾ سمجهاڻي آهي. مارئي عمر وٽ مري ٿي تہ سدا زندگي يعني شهادت ماڻي ٿي، پوءِ توهين ڪهڙي قسم جا سنڌي آهيو جو سنڌ سنڌ ڪري ٿڪجي پيا آهيو پر مرڻ ۽ مارڻ لاءِ تيار ناهيو. شهادت جي فلسفي کي پروڙيو نہ اٿو؟ رڳ ويد پڙهندي هڪ عجيب شلوڪ ڏٺم: جوڌا سنڌي وطن خاطر تيارين ۾ مصروف آهن. ڪوڪماڙي ٿو تيز ڪري تہ ڪوڪاتي ٿو تکي ڪري. هڪ عورت گوسا نالي مڙس جي رٿ کي سجي رات سينگاري ٿي، ميندي رٿ کي ۽ گهوڙن کي هٽندي هي لفظ آلاپي ٿي تہ: ”اي منهنجا ڪانڌ دشمنن جون سسيون ڏڙ ڪان ڏار ڪري پوءِ شهيد ٿجاءِ!“ سو مارئي جي هن بيت ۾ بہ شهيد ۽ شهادت جو فلسفو اجاگر ٿيل آهي. چو تہ مارن جي محبت سڀ کان اتم آهي.! لطيف فرمايو تہ ”سورهہ مرين سوڀ کي تہ دل جا وهم وسار..!“ ساٽيہ سان محبت جو فلسفو سکڻو آهي تہ مارئي کي پڙهو.

بيت: 19

منهنجو تور تلن ۾، ڇيها ٿو چاري، ڍائي ڍٽ ڏاري، آهم اتي مينهڙي.

سمجهاڻي: ”تور“: محبوب، دلبر، سڄڻ يعني: ڪيت سين، ” تلن“: واحد: تل= ترو، وادي، هيناهين زمين، ڍورو: ”چيها“: واحد چيهو ڪانهن جي ڪاڏلن ٻوٽن مان هڪ اڇي ڪل سان نئون گاهه ڦٽندو يا اپرندو آهي جنهن کي چيهو ڪري چوندا آهن . هي گاهه ڍور يعني مال خاص ڪري رڍون، ٻڪريون ۽ اٺ وڏي چاهه سان کائيندا آهن. ”ڍائي“: وارو سڏ، سمن، نياپو وغيره. هن کي ”واعدو به چئبو. اني: اوني، وسيل، ”اني مينهڙي“: سنسڪرتي محاورو، مينهن وسڻ يعني برسات ۾ مينهوڳيءَ جي مند ۾ ڪنهن سان وچن ڪرڻ. ”ڍائي ڍٺ ڏاري“: مارئي چوي ٿي ته عمر! منهنجو پنهنجي ور سان يعني ڪيت سان ساوڻي ۾ شادي جو واعدو ٿيل آهي. ڦوهه برسات ۾ ته ملڪ ۾ هڪ قسم جو ٻوٽو ڦٽندو آهي، جنهن کي ٿري ٻولي ۾ ” مرٽ“ ڪري چوندا آهن. سندس پن يا ڪک قد ۾ ٽي چار فوٽ ٿيندا آهن جن جي مٿان ننڍڙا سنگ ٿيندا آهن. انهن سنگن ۾ سائونءَ جي داڻي جيڏو ان ٿيندو آهي. ڪٿي الف تي پيش ڪري پڙهن ٿا، ان کي ٿري ٻولي ۾ ڦرهه يا ڦريس چوندا آهن. اهو ڦرهه ٿري ٻار چاهه مان کائن ٿا، هاڻي به ٿئي ٿو.“ لاٽي“: هن جو مذڪر لاٽو آهي. هي ننڍڙو ٻوٽو آهي. ڪنهن دور ۾ اسان جي ڳوٺ ۽ ڪڇي ۾ تمام گهڻو ٿيندو هو ان کي پٽي سڪائي ساڙي ڪار ناهيندا هئاسون. اهو ٻوٽو اڄ به درياهي پٽي ۾ ٿئي ٿو. وڏو قيمتي ٻوٽو آهي، هن کي اٺ وڏي چاهه سان کائيندو آهي ۽ مستي ۾ اچي ويندو آهي. محاورو آهي ته ”اٺ ته لاٽو گهوڙو ته داڻو مڙس ته ناٽو محبوب ته ماڻو“. ته ۾ مني لاٽي به ٿيندي آهي جنهن کي ٿري مارو ماڻهو سائي پاڄي جيان رڌي کائيندا آهن. رهاڻي: رهاڻ، ڪچهري. مارئي ته ملير ۽ وطن جي هر شيءَ پوءِ اها اسان جي نظر ۾ بيڪار چونه هجي ياد ڪري ٿي. قيدي کي قدر تڏهن ٿيندو آهي جڏهن قيد ٿيندو آهي. وطن جي حب تڏهن جاڳندي جڏهن هو پنهنجي ديس کان هزارين ميل پري ڏارين ۾ گذاريندو.

***

بيت 20:

منهنجو تور تَلن ۾، آئون هت بندياڻي،
مون ڏاڏاڻي ڍيهه ۾ ڦرهه ۽ لاٽي،
ڪنديس رهاڻي، ماروءَ پاس مليرم.

بيت: 21

حقاڻو هت ٿئو، آئون هت بنديا ڻي!
ساري ساڏوهين کي، ڪونيين ڪوماڻي،
لڳين لوهه لطيف چي، وينيس وساڻي،
مند ماروءَ جي نه لهي، ڪپت ڪِجاڻي،
سَمُن سَڃاڻي، اتي آهم ان سين.

سمجهاڻي: ”حقاڻو“: مڙس، پتار، ور، محبوب. ”ساڏوهين“، واحد ساڏوهي: چار جي وڻ جو قسم جنهن ۾ نهايت منا اڇي رنگ جا پيرون ٿين ٿا، سندن ٽاريون ورن وڪڙن سان ٿينديون آهن. شاهه ته جي ان چار جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ته مارئي ملير جي هر شي کي ياد ڪري ٿي ۽ عمر کي بار بار چوي ٿي ته مونکي ملير جا ٻوٽا، پلر، ڍنڍيون، ڍورا ۽ مارن جا پڪا وڏيڪ عزيز آهن. ”ڪونيين ڪوماڻي“: آئون بند ۾ ڪومائجي ويئي آهيان. ”لوهه“: لوهه جا زنجير. ”وساڻي“: اجهايل، ڪمزور ٿيل، مايوس. ”ڪپت: جهوري ڳار“: ڏک ۾ ارمان ۾ پنهنجن کان پري بند ٿيڻ، ڳري سڙي وڃڻ. ڪجاڻي: اندر جو سور ۽ پڇ، بي حال ٿيڻ، ساهه ست نڪري وڃڻ. ”ڪجڻ“: بي حال. ”سمن“: صحبت، ملاقات، گڏجاڻي، انجام يا وعدي جي وفائي. مارئي چوي ٿي ته مون جيڪو ڪيت سان واعدو ڪيو آهي سو ضرور پورو ڪنديس.!

## وائي

لوئي ۾ لائون، مون ماروءَ سين لڏيون،
سون برابر سڳڙا، ٻانهن ٻڌائون،
مون ماروءَ سين لڏيون
سو ڪنءَ پٽ پرهيان سومرا! گهورئو عمر جو آئون؟
مون ماروءَ سين لڏيون
ڪاچ ڪٽيرن سفرو، سگر ۽ سائون
مون ماروءَ سين لڏيون
سا ڪنءَ ڪائي ڪارڪون، جنهن کي ڏونرا ڏيج ڏناڻون؟
مون ماروءَ سين لڏيون
ڪه، ماڏاڻيو سڪڻي، ڦوٽ جنين جو سائون
مون ماروءَ سين لڏيون
عمر تي جور ڪري، جيلاهه راڄ آڳاهون
مون ماروءَ سين لڏيون

عمر جو پٽ گهوريو، آئون ان کي ڪيئن پهريندس؟ ”سفرو“: فائدي وارو مفيد، لائق. ”سگر“: ڪنڊي جون سگريون جيڪي ڏگهيون ٿينديون آهن جيئن مڱن جون ڦريون جڏهن وڻ تي پڃي پيلي رنگ جون ٿينديون آهن ته ڳوناٽا انهن کي ڪٽي کائيندا آهن. ڪي وري انهن کي سئين وانگر پچي کائيندا آهن. ”سائون“: هيءَ هڪ قسم جو گاهه آهي جيڪو برسات ۾ اپرندو آهي. هن جي اڳ ۾ سمجهاڻي اچي چڪي آهي. ”ڏيج“: حصو يا پاڳو. ”ڪه“: هي به گاهه جو قسم آهي. ”ماڏاڻو“: هي به گاهه جو قسم آهي. لطيف ته ۾ پيدا ٿيندڙ هر قسم جي گاهه جو ذڪر ڪيو آهي ۽ مارئي جي زباني انهن کي ورجايو آهي. محبت جي اها

انتها آهي ته وطن جي هر شيءِ سان محبت ڪيوءِ ان ۾ فنا ٿي وڃو.

***

## داستان چوٿون

بيت: 1

مينديا ڏوئي مَ مارئي، پيپس پنهواريون چت،
راج رئاري هنجون هاري، هي جي هِتِ،
آهِس پائر پار جو، ڪجڻ ۾ ڪپت،
وينگس ويڙيچن رِءِ، مَس سُٽي ڪا مَتِ،
سومرا! ڪر سپت، ته ڪوٽئان نڪري.

سمجهاڻي:"مينديا"، واحد مينديو: وارن جون چڳون. "ڏوءِ"=ڏوئي. پيپس پنهواريون چت: ملير جون ساهيڙيون جن جي دل ۾ يادگيري پيئي پويس. "ونگس": وينجهر، سياڻي، عقل واري. ڪوٽئا= ڪوٽئان. ڪوٽ يا قلعي مان آزاد:" يعني بند مان. مارئي ڪي بند ۾ پنهنجون ساهيڙيون ياد اچن ٿيون. انهن ڪي ياد ڪري هنجون هاري تمام گهڻو روئي ٿي، جو ڪيس ايترو رڙندو ڏسي پيون مايون به روئن ٿيون. يعني مارئي پاڻ ته روئي ٿي پر راج به رئاري ٿي. مطلب ته ملير ۾ به سندس پنهواريون هنجون هاري وينيون آهن. مارئي عقل واري ۽ سياڻي آهي، عمر کي روئندي چوي ٿي ته هن بند مان مون کي آزاد ڪر ته پنهجن پنهوارين سان ملان.

بيت:2

مينديا ڏوئي مَ مارئي، آهس من ملير،
ڪڍي ته ڪاڻ لهي، هتان هي همير،
ڪائر پين ڪير، جي امانت ات وڃي.

ميدا م ڏوءِ مارئي: مارئي پنهنجا واريا وارن جون چڳون به نه ٿي ڏوئي، چوي ٿي ته " ڪائر پين ڪير": خوشي جي موقعن تي ٻهراڙيءَ جا مارو گهر گهر کير ورهائيندا هئا. هاڻي جديد ۾ ملاوت وارو دور آهي. اڳ کير کي پير چئبو هو جيڪو پئسن تي وڪڻڻ ڏوهه سمجهيو ويندو هو. هاڻي حالت اها آهي جو ان کير ۾ پاڻي وجهي وڪرو ڪرڻ کي به حق سمجهيو وڃي ٿو. مارئي ان خوشيءَ ۾ گهر گهر کير ورهائڻ واري رسم کي ياد ڪري عمر کي چوي ٿي ته " جي عمر مون کي موٽائي مارن ڏي موڪلي ته هوند ساري ڪائر يعني ٿرڏيهه ۾ واڌايون يعني خوشيون وري وڃن. مارئي ملير جي هر رسم ۽ ريت ياد ڪري چوي ٿي ته عمر جي مون کي باسلامت مارن جي امانت سمجهي مون کي پنهنجي ڏيهه موڪلي ته گهر گهر ۾ سموري ٿر ۾ خوشي ٿي وڃي ۽ گهر گهر کير ورهايون.

بيت:3

مينديا ڏوئي مَ مارئي، نه ڪِلي نه ڪاءِ،
عمر جي انصاف جا، ويني واساما ڳاءِ،
هي جا ڪيءَ هاءِ، سا مهدا! ايندي‌ءَ منهن ۾.

مارئي قيد ۾ آهي، ان ڪري هڪ قيدياڻي پنهنجا وار ڪيئن ڏوئي،" واساما": واسامو ڳڻتي، فڪر، مونجهارو، اڌما. "واساما ڳائڻ": سنڌي اصطلاح آهي يعني: ڳڻتيون ڪرڻ، خيال پچائڻ، دليل ٻوڙائڻ ته هاڻي هينئن هوندو هوئڻ هوندو، مطلب ته وهمن ۾ پئجي وڃڻ. "عمر جي انصاف جا": مارئي دل ۾ دليل پيئي ٻوڙائي ته " الاءِ جي عمر مون سان انصاف ڪندو يا نه، امانت موٽائيندو يا نه. "هاءِ"= هاڃو نقصان، هڃا اي عمرا! جي مون کي با سلامت مارن جي امانت سمجهي نه موٽائين ته هڃا پوندئي، وڏي نقصان ۾ پوندين.! "مهدا" يعني اي سردار، اڳواڻ، اڳيان قيامت ۾ آخرت جي ڏينهن نقصان ۾ پوندين. "ايندي‌ءَ منهن ۾": يعني جي مونکي باسلامت ۽ بنا خيانت جي امانت نه موٽايئي ته ان جو توکان آخرت ۾ سخت پڇاڻو ٿيندو ۽ حساب ڏيڻو پوندئي. پوءِ سڀ منهن سامهون ايندئي ۽ سخت عذاب ۾ پوندين.

***

بيت: 4

مينديا ڏوئي م مارئي، ٿئس ڪرنون وار،
ستيءَ سيئي ساريا، جي پائر جا پنهوار،
عمرا! انهون ڏار، مور نه وهي ماڙيين.

سمجهاڻي:"ڪرنون": ڳنڍيون، ڳوڙها، ڳنڍ. " انهون ڏار": انهن ڪان سواءِ مارئي پنهنجي وارن جي چڳن کي نه ٿي ڏوئي ان ڪري سندس وار ڳوڙها ٿي ويا آهن. وارن کي ڳنڍيون اچي ويون اٿس. لطيف مارئي جي حالت بيان ڪندي فرمائي ٿو ته مارئي بند ۾ آهي ان ڪري هڪ قيدياڻي ڪيئن ٿي هار سينگار ڪري سگهي. وار خراب ٿي ويا اٿس، ڏوئي نه ٿي ۽ چوي ٿي ته پنهوارن کان ڌارتي ڪيئن تيل ڦليل ڪيان. ان ڪري ماڙين ۾ هرگز هرگز نه رهنديس. اصل ۾ قيدي جي زندگي غلامي واري هجي ٿي جيڪو انسان سجاڳ آهي شعور رکي ٿو اهو ان زندگي تي لعنت ڪندو. مارئي کي به پنهنجي آزادي پسند آهي تنهن ڪري ملير جي ماروئڙن پنهوارن کي ياد ڪري رت جا ڳوڙها وهائي ٿي ۽ ورجائي ورجائي چوي ٿي ته اي عمر! پنهوارن، ڪيت ۾ ماروئڙن کان سواءِ ڪيئن هار سينگار ڪيان؟

بيت5:

مينديا ڏوئي نه مارئي، محلين مارنئان ڌار،
پايو ميٺ ملير ريءَ منڊ نه ويڙهي وار،
جا هتي جن هار، سا ڪين وهندي ڪوٽ ۾.

"هتيجن هار": هتي واري يعني ملير جي ماڻهن جي، لفظ "هار"، گرامر موجب اسم مصدر جي پڇاڙي ۾ ايندو آهي. مثلاً: هلڻ هار، سرجڻ هار، پالڻ هار وغيره. هتي ماڻهن جي آسري تي. لطيف سرڪار چوي ٿو ته عمر جي ماڙين ۽ محلن ۾ مارئي پنهنجا وار ڪيئن ٿي ڌوئي سگهي؟ ملير جي ماروئڙن کان سواءِ مٿي ۾ ميٽ وجهڻ حرام آهي. ملير جي مارن کان سواءِ ڪڍهن به نه ويڙهيندي چو ته مون کي آسرو به ويڙهيچن جو آهي. انهيءَ حالت ۾ مارئي ڪوٽ ۾ ڪيئن ويهندي، ڪيس آسرو به مارن جوئي آهي ته اهي ضرور ايندا ۽ مون کي بند مان آزاد ڪرائيندا!.

بيت 6:

ميـنـديا ڌوئي مَ مارئي، ڪـونـهي ان اوڇاهه،
عـمـر جـي انـصـاف جـو، پـيـس ڪـن پـڙاءَ،
ويـنـي چـوءِ "الله"، مـون تـي مـٺ نـه مـوٽـيـا!

اوڇاهه:اڪـلـڻ، وڻـڻ. "ڪوني ان اوڇاهه": مارئي کي ان بند واري حالت ۾ ڪجهه به نه ٿو وڻي. عمر جي انصاف جي مارئي کي ڪڙڪ يعني پتو پئجي ويو هو ته عمر مان انصاف جي اميد رکڻ اجائي آهي، ان ڪري ويني الله کي پئي ٻاڏايائين ته "اي پروردگار اڃا مٺ ناهن آيا انهن کي آڻ! مون بندياڻي جي ڪا سار لهن ۽ مون کي وٺي وڃن." هڪ جاگيردار حاڪم جي غلامي انسان کي بي همٿو ڪري ڇڏي ٿي. اسان جي سنڌ سڄوري به جاگيردارن جي چنبي ۾ آهي، ان کي ان چنبي مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٿيٽو پوندو، متحد ٿي ڪري آزادي حاصل ڪرڻي آهي.

❋❋❋

بيت: 7

مـحـلـيـن مـانـدي مـارئـي، ڏنـيـم مـنـهـن مَـلـور،
آٽـيـا سَـٽـيـا نـه ڪـري، سـونـهـن وڃـايـس سـور،
پيس لـوهـه لـطـيـف چـي، لـٿـس ڪـوڏ ڪـپـور،
چٽ جنين جا چور، سي مڪي مرڪ نه ڪنديون.

(چٽ: چ کي زير ۽ ٽ کي زبر)

"ملور"= ملول، حيران، پريشان. "اٽيا": بنا تيل جي وار، اٽيا وار. "ڪوڏ": شوق، خوشي، لاڏ. "ڪپور": ڪافور، سرهاڻ. ڪنهن وقت سنڌ اندر مارو ماڻهو سرهاڻ ۽ خوشبوءِ خاطر لڱن تي ڪافور هڻندا هئا. هاڻي جديد دور آهي ڪافور اسان کان وسري ويو آهي. "ڪوڏ ڪپور": مارو ماڻهو خوشي مان لڱن تي ڪافور هڻي پنهنجو شوق ۽ ذوق ناز نخرن ۽ لاڏ ڪوڏ سان پورو ڪندا هئا. "چور": پرزا پرزا ٿيڻ يا چيهون چيهون. "سي مڪي": جيئن ته آئون هت قيد ۾ آهيان ان ڪري منهنجون ساهيڙيون وارن کي تيل ڦليل سان سٽيو ڪري لاڏ ڪوڏ يا ناز نخرا نه ڪنديون. مارئي چوي ٿي ته هت مان بند ۾ آهيان ان ڪري مان هت حيران ۽ پريشان آهيان. ملير ۾ منهنجين ساهيڙين ۽ ماروئڙن کان لاڏ ڪوڏ ۽ ناز نخرا وسري ويا آهن، اهي لڱن کي ڪافور هڻي خوشبودار نه ڪندا. مارئي پنهنجي ۽ مارن جي ڪيفيت بيان ڪندي احساس ٿي ڏياري ته هڪ قيد ٿيل جي زندگي ڪيڏي اٽانگي آهي، جتي غلامن جيان انسان زندگي گذاري ٿو، سو مارئي کي به ساڳيو احساس آهي ته محلن ۾ هڪ عورت ڪيئن خوش رهندي ۽ منهنجن مارن کان به لاڏ ڪوڏ ۽ ناز نخرا وسري ويا آهن، انهن تي ڇا گذرندو هوندو. سندن احساس ڇا هوندو اهي مون کان سواءِ ڪيئن ڪافور هڻي خوشيون ڪندا. انئين بيت ۾ چوي ٿي ته:

ڪـرئـو مـهـاڙ مـلـيـر ڏي، روءِ اپـي چـوءِ،
سـهـج سـوري پـائـيـان، سـومـرا! سـنـدوءِ،
مِلڪ ماروءَ جي آهيان، جور نه ٿيان جوءِ،
سو قلب ڪوٽ نه هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪئو.

(سهج: س کي پيش، هه کي زير، ج کي پيش)

روءِ اپي چوءِ: رويو بيٺي چوي. "سهج": سک، فرحت، سهنج، "سهج سوريءَ": اي سومرا! تنهنجا سک ۽ سهنج مون لاءِ سوري يعني ڦاسي وانگر آهن. مارئي عمر جي محل ۾ بند آهي سو بيٺي پيئي ٿي روئي ۽ چوي ٿي ته اي سومرا! تنهنجا سمورا سک، سهنج، عطر عنبير مون لاءِ موت برابر آهن. بهتر آهي ته مون کي ڦاسي ڏيئي ماري ڇڏ، باقي تنهنجا سک نه کپن. مارئي عمر جي هر آڇ کي لت هڻي ڇڏي آهي، ڪيس ملير ۽ ملير جا مارو ۽ پنهنجون ساهيڙيون ياد اچن ٿيون انهن کي ياد ڪري روئي ٿي ۽ عمر کي چوي ٿي ته تنهنجي لاءِ چڱو آهي ته مون کي ماري ڇڏ! بيت 9 ۽ 10 ۾ به مارئي جي ساڳي ڪيفيت آهي. هن عمر جي هر آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو آهي، جي مارئي کي ياد آهي ته فقط پنهنجي ديس ملير جي ياد اٿس. چوي ٿي ته موت قبول آهي، سوري چڙهنديس پر مارن جي پت نه وڃائينديس. لوئي جي لڄ کي قائم رکنديس پلي مون کي سنگهرن يعني زنجيرن ۾ بند ڪيو پر رهندس ڪيت جي. محبوب بنا سو حياتيون گهوري ڇڏيان.

بيت:9

ڪـرئـو مـهـاڙ مـلـيـر ڏي، اپـيـائـي آهـي،
جا مـٿـي ڏنـيـس مـارئـيـن، سا لـوئـي نـه لاهـي،
سـومـرا! سـاهـي، سَـتِـي وجـه مَ سـنـگـهـرون.

بيت: 10

ڪيم مهار ملير ڏي، مٿي ڪوٽ چڙهي،
نـت نـهـاري ڏيـهـه ڏي، ڳـوڙهـا پـيـم ڳـڙي،

نڳي ڪوڪ قلب مان، منجها روح رڙي،
ويڙيچن وري، ڳرَ نه لڌي ڪڍهين.

"نڳي": نڪتي، نڪرڻ، ايرڻ، پيدا ٿيڻ. "رڙي": رڙ ساهي، چڪڻ، ٽاٽڻ. مارئي ڪوٽ تي چڙهي ملير ڏي منهن ڪري چوي ٿي ته مارن وري منهنجي سار نه لڌي. "ڪر لهڻ": سڌ لهڻ، خبرچار وٺڻ. مارئي کي پنهنجا مارو ملير يعني وطن ياد پوي ٿو ۽ ان کي ياد ڪري رڙيون ڪري ٿي. هڪ قيدي جي روحاني ڪيفيت جو اندازو لڳايو ته ان جي زندگي ڪيئن گذرندي هوندي!

***

بيت: 13

لنگڙياري لوءِ ۾، جنين لءِ ٿياس،
تنين تر جيترو پلڪ نه پُڇياس،
جهروڪن جهوريو هنئون، ڪوئين آئون ڪنياس،
مارن مُنجه مياس، نات ماڙيين ماريس ڪينڪي.

"لنگڙياري": جنهن جا ڪپڙا ڦاٽي لينگهون، لينگهون ٿي ويا هجن. مارئي کي مارن، ملير ۽ محبوب يعني ڪيت جي ايتري ته سڪ ۽ اڪير آهي جو بيا سڀ قيدي آرام جي ننڊ ۾ آهن پر ڪيس پنهنجن جي سڪ، يادگيري ننڊ ڪرڻ نه ٿي ڏي. ڪيس آنڊ ماندڙ آهي ته چا مارن مون کي وساري ڇڏيو آهي. ان ڪري محبوبن جي اڪير ۽ سڪ جي ڪري ڪيئن ننڊ ڪيان. قيدي جي زندگي نهايت مايوس ڪن هجي ٿي. وري پهريدارن جي هڪل ۽ هونگ ويتر بي آرام ڪيو ڇڏي. سو ڪيئن ٿي ننڊ اچي.

لوءِ: لوڪ، جهان، ملڪ، وطن.

"جهروڪن": واحد جهروڪ: هندي لفظ: گواڪش، ڳئون جي اک، ڳڙکي، ڪنهڙو ماڙي.

مارن منجه: مارن جي ڳڻتيءَ مونکي ماري فنا ڪري ڇڏيو آهي. دل ۾ ڏاما پيا اٿن ته مارن سان ڪهڙي ويڌن آهي. نڪو نياپو ٿا موڪلن نه ڪو قاصد. ان مونجهاري مونکي ماري وڌو آهي ته خبر ناهي ته مارن سان ڪهڙي مجبوري آهي. جي ڪو نياپو سنيهو اچي ها ته جيڪر مون کي تمام گهڻي خوشي ٿئي ها. عمر جا زنجير، ماڙيون محل مون کي هيسائي نه ٿا سگهن. انسان جي قوت ارادي مضبوط هجي، چيو ويو ته "قل آمنت بالله ثم استقم" چؤ ته مون الله تي ايمان آندو پوءِ ان تي پختو رهه مارئي به روحانيت جي ڳاله ڪري ٿي ته مان پنهنجي روحانيت ۾ عشق جي ان منزل تي آهيان جو فنا نه ٿي ويندس پر حيوانيت جي چنبي ۾ هرگز نه ايندس، خوف الله جو آهي باقي دنيا مون کي ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهي. اهي قيد بند محل ماڙيون ڪجهه به ناهن پنهنجي لوئي جي لڄ رکنديس.

***

بيت 14:

ماڙين ماريس ڪين ڪي، ميس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪڏهين؟ مُهجي اچي، ماءِ!
سانييڙن سداءِ، وينو واجه وجهي هيون.

"ماءِ": اي ماءِ :مارئي چوي ٿي ته محلن ۽ ماڙين مون کي ماريو ناهي پر آئون پنهنجن مارن لاءِ مران ٿي ته مارو منهنجي سار ڪڏهن لهندا. مان ماءُ کي ڏسڻ لاءِ ماندي آهيان. منهنجو هئينون مارن لاءِ پيو ٿو واجه وجهي. گهر کان پري سو به بند ۾ مني امڙ ياد اچي ٿي. ماءُ جو رشتو ايڏو ته عظيم ۽ روحاني هجي ٿو جو مصيبت، ڏک ۽ تڪليفن ۾ ماءُ ئي ياد اچي ٿي.

بيت: 15

وينو واجه وجهي هنيون، پر ۾ پنهوارن،
ات اُڪنڊي آهيان، پائر ۽ پرين،
ڪريان ٻي نه ڪن، وينديس وطن سامهين.

مارئي کي وطن ياد اچي ٿو ۽ سندس دل مان آواز نڪري ٿو ته مان پرين لاءِ ماندي آهيان، مون کي سڪ آهي ته پرين ۽ وطن ملير جي. ماڙيون ۽ محل مون کي هيسائي نه ٿا سگهن پر مارن سار نه لڌي، اها اڻ تڻ دل کي ڏاري ٿي. مون کي پڪ آهي ته مان وطن ضرور وينديس.

بيت: 16

وينديس وطن سامهين، ملير منهنجو ماڳ،
ڏٿ چونڊينديس ڏيهه ۾، ساڻ سرتين ساڳ،
ته مون سَنئون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ور کي.

"ڏٿ": ڪو به ان جيڪو جهنگلي گاهن جي پيدائش هجي جيئن: سائون، ماڏاٽو ۽ مڪٽي وغيره. "ساڳ": سائي ڀاڄي جا سرنهن ۽ گوگڙن جي پنن مان ٿئي ٿي. "ته مون سئون": مارئي چوي ٿي ته جي آئون پنهنجي ور کي ملان ته منهنجو ڀاڳ ڀلو آهي. مارئي وطن ملير کي ياد ڪري چوي ٿي ته ملير ئي منهنجو وطن آهي. ملير ۾ وڃي سرتين سان گڏجي ڏٿ ۽ ساڳ چونڊينديس، منهنجو ڀاڳ چڱو جو ملير وڃي پنهنجي پنهوار کي پسان ۽ پنهنجي ورءِ محبوب کي ويجهي ٿيان.

بيت 17:

جي ويجهي ٿيان ور کي، ته سياڳو م سنئون،
نت نت آهه نئون، مون کي ڏسڻ پنهوارن جو.

"سياڳو م": منهنجو سياڳ، منهنجو ڀاڳ. "نت نت آه": پنهوارن مارن کي وري وري ڏسڻ سان مون کي راحت ملي ٿي. انهن کي ڏسڻ سان سڪ لهي ئي نه ٿي. مارن وٽ ملير ۾ هيس ته منن مارن ۽ پنهوارن کي هر هر ڏسان پيئي ته به سڪ پوري نه پئي ٿئي. هاڻي ته قيد ۾

آهيان، سڪ ئي سڪ آهي تہ پنهوارن ڪي ڏسان. آس اٿم تہ پنهنجي وطن ملير ڏي ويندس ۽ سڪ پوري ڪنديس.

***

بيت: 18

آئون ڪئن ڇڏيان سومرا! تن پنهوارن پچار؟
جڙ جنين جي جان ۾ لڳي رءَ لهار،
ميخون محبت سنديون، هنئڙي منجه هزار،
پڪا ۽ پنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿئا.

سر مارئي جو هي بيت مارن سان محبت، پنهوارن جي سڪ ۽ اڪير جو اعليٰ نمونو آهي. مارئي چوي ٿي تہ منهنجي دل ۾ هنئڙي ۾ مارن سان محبت جون ميخون لڳل آهن، سا ڪيئن عمر تنهنجي محلاتن کي قبول ڪري. عمر! مارن ۽ مارن جي پڪن کي ڏني ڏينهن ٿيا آهن. انسان پنهنجن سان سونهي ٿو. سندس شناخت ۽ سڃاڻپ پنهنجا ئي آهن. غم، خوشي، ڏک، سک، عيد برات، شادي وهانءُ، ريتون ۽ رسمون، ثقافت ۽ ڪلچر، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪچهري وغيره جي پنهنجن سان ناهي تہ اهو انسان ئي ناهي، ان ڪري مارئي پنهنجي سڃاڻپ ۽ رشتو بيان ڪندي چوي ٿي تہ سومرا! آئون انهن پنهوارن جي پچار ڪيئن ڇڏيان. "جڙ جنين جي جان ۾ لڳي رءَ لهار" اها جڙ ڪڍهين بہ نہ ڇڏينديس چو تہ "ميخون محبت سنديون هنئڙي منجه هزار" آهن، ڇڏ يعني مون کي امانت ڪري ڇڏ تہ وڃي پڪا ۽ پنهوار ڏسان چو تہ "پڪا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿئا".!

## وائي

مون مَ ڪسيجاھ مون مہ ڪٽيجاھ، لوئي ميان سومرا!
ساڻ پلاءَ نہ پاڙيان، سندي ڏونرن ڏوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪسيجاھ
ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، مون ور مارو سوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪسيجاھ
ڪوءِ سي طعام تن جا! ور سا ڏونرن ڏوئي!
ميان عمر! مون مَ ڪسيجاھ
جهانگي جو جهنگن جو سيڻ ڪميٽي سوئي،
ميان عمر! مون مَ ڪسيجاھ.

"مون": منهنجي، "ڪسيجاھ": ڪسجانءِ، ڪٽيجاھ= ڪٽجانءِ، "ڏوئي": ڪاٺ جو چمچو "طعام تن جا": تريل طعام، مارو ماڻهو پنهنجي ماني دانگين ۽ ٺوٻين تي پچائيندا هئا ۽ چانور وغيره ڪنن ۾ رڌيندا آهن. پراڻو دور آهي، دانگي ۽ ٺوٻي مٽي جي هوندي هئي ۽ ڪنا بہ مٽيءَ جا هئا، اهي سڀ آويءَ تي پڪل هوندا هئا، اڄ جي جديد ۽ سائنسي دور وارا ٿانو نہ هئا. اهوئي مارئي جو ورلاپ آهي تہ عمر! منهنجي لوئي جي لڄ رک، تنهنجي رڌل ست رڇي طعام کان مارن جو ڪنن ۽ دانگين تي پڪل ۽ رڌل طعام هزار ڀيرا بهتر آهي، ياد رک جيڪو ڪانڌ يا ور مونکي مائٽن ڏنو آهي سوئي منهنجو سڀاڳ آهي، هرگز ٻيو ڪانڌ نہ ڪنديس، مون ڪميٽي جو سيڻ مارن سان آهي .!

## داستان پنجون

بيت: 1

سونهن وڃايم سومرا! مارو مَس مڃين،
ڏنگا ڏاڏي پوٽيين، ڪن ڏنا ڪي ڏين،
جي مان لوھ لاهين، تہ ڪوٽن ۾ ڪين هُئان.

"مارو مس مڃين": سونهن کان سواء مارو مون کي مشڪل سان قبول ڪن ۽ مس مڃين. سونهن مان مراد آهي صورت ۽ سيرت جيڪا عمر! تو وٽ وڃائي اٿم. صورت سيرت کان سواءِ اجائي آهي. "مان": منهنجا، جيڪا سونهن مارن وٽ هئي سا ختم ٿي ويئي آهي. ڏنگا ڏاڏيءَ پوٽيين ڪن ڏنا ڪي ڏين: اهائي اسان مارن جي ريت رهي آهي. جي مون مان لوھ يعني زنجيرون لاهين تہ هت ڪوٽن ۾ بند ڪيئن هجان. معلوم ٿو ٿئي تہ عمر مارئي کي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو هو ۽ اهائي غلاميءَ جي نشاني آهي تہ ماڻهو پڪڙي ڪنيي ان کي ايستائين زنجيرن ۾ جڪڙي رکو جيستائين آڻ مڃي ۽ پنهنجي غلاميءَ جي پرواني تي صحيحون نہ ٿو ڪري. مارئي اها غلامي پسند نہ ڪئي ۽ چوي ٿي تہ غلاميءَ وارو طعام ۽ لباس قبول ئي ناهي. هي هٿن پيرن مان لوھ لاھ تہ مارن سان وڃي ملان.

***

بيت: 2

سونهن وڃايم سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناھ حسن ري.

بيت: 3

سونهن وڃايم سومرا! سکر جهڙي سونهن،
دل ۾ دکي دونہ، منهنجو منهن ميرو ٿئو.

بيت: 4

سونهن وڃايم سومرا! هتي اچي هاڻ،
ڪنءَ لهنديم ڪاڻ؟ حسن مون هت وئو.

بيت: 5

سونهن وڃايم سومرا، ڪيڏانهن وئم ڪمال!
وڃان ڪنءَ وطن ڏي، هڙو وني حال؟
جي مان ڏين جمال، تہ پسان منهن پنهوار جو.
(ڪن رسالن ۾ لکيل آهي "مون ڏين جمال")

بيت: 6

سونهن وڃايم سومرا، وطن وڃان ڪينءَ؟
حسن ڏارا هينءَ، ڀَسان ڪنءَ پنهوار ڪي؟

بيت: 7

سونهن وڃايم سومرا، پسان ڪنءَ پنهوار ڪي،
ڏٽي جا ڏڙار تنهن ريءَ روءِ رڄڻ ناهه ڪو.

بيت: 8

سونهن وڃايم سومرا، عمر تيس آسير،
مارو منجهه ملير، مون سين هٿ هڻءَ ٿئو.

بيت: 9

سونهن وڃايم سومرا، ٿينديس ڪينءَ قبول؟
ڪونهي سهڳ نَہ سول، پوڇي مُنهن پنهوار سين!

(سهڳ تنهي حرفن ڪي پيش، "سول" س ۽ ل ڪي پيش)

"وڃڻ تت پئوم": يعني اڄي پوءِ هر حال ۾ مون کي مارن وٽ وڃڻوئي آهي جن وٽ سونهن ۽ صورت سيرت بنا ڀي ڳالهه نہ ٿي هلي. تصوف جي اصول مطابق الله وٽ بہ سهڻن اعمالن، سيرت ۽ ڪردار کان سواءِ ڀي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿي هلي. مولانا رومي فرمائي ٿو تہ:

اين نَمي پرسند کہ اجداد تو ڪيست،
اين همين پرسند کہ اعمال تو چيست.

حديث شريف ۾ بہ فرمايو ويو آهي تہ: "ان الله جميل و يحب الجمال" الله سهڻو آهي ۽ سونهن کي ئي پسند ڪري ٿو. سونهن يا جمال مان مراد سيرت، ڪردار ۽ اخلاق آهي. پاڻ سڳورن صلعم جن فرمايو تہ "بعثت معلما لاتمم المڪارم الاخلاق" مون کي استاد ڪري موڪليو ويو آهي تہ جيئن اخلاق، سيرت ۽ ڪردار جي تعليم ڏيئي اخلاق کي مڪمل ڪيان، چو تہ اخلاق ۽ سيرت اصل حسن آهي. مارئي وٽ بہ حسن ۽ سونهن مان مراد سهڻو اخلاق ئي آهي جيڪو مون عمر تو وٽ وڃايو آهي. هي اشارو آهي تہ مارو متان منهنجي اخلاق تي آڱريون نہ کڻن. "سڪر" چون ٿا تہ جڏهن جام تماچي جي زال پنهنجي ڏير جام اوڍي تي بري اک رکڻ جو ڪوڙو الزام مڙهيو تڏهن هو سنڌ ڇڏي ڪڇ ڏانهن هليو ويو. اتي هن جي هڪ نهايت حسين عورت "هوٿل پدمڻي" سان دل لڳي ويئي ۽ ان سان شادي ڪيائين، ڪين هڪ ڏيءَ ڄائي جا سونهن سوڀيا ۾ بيمثال هئي. ان کي "سڪر" يعني لعل جي نالي سان سڏيندا هئا. مارئي جو چوڻ تہ سڪر جهڙي سونهن تہ ان ڇوڪريءَ سڪر ڏانهن اشارو آهي. (لطيف سرڪار سر بلاول ۾ اشارو ڏنو آهي) "دل ۾ دکي" يعني مارئي ٿي چوي تہ منهنجي اندر۾درد جي دونهي پئي ٿي دکي، ان جي اذيت ناڪ درد کان منهنجو منهن سڪي اباتجي ويو آهي. هت شاهہ لطيف حسن جي تمثيل نهايت نزاڪت سان پيش ڪئي آهي تہ قيد ۾ انسان جي منهن جا هڏا نڪري اچن ٿا. "جي مان ڏين جمال" جيڪڏهن منهنجو حسن ۽ جمال وري موٽي اچي تہ وڃي پنهوار سان ملان. "ڏڙار": ڏنار هتي ڪيت سين خوش گذاريندس، " نه": مارئي کي. رڄڻ: خوشي، ڏٽي (جنهن کي ڏنار پنهنجي ڪري چونڊيو آهي) کي سهڻي منهن کان سواءِ ڪابہ خوشي نہ ٿيندي يعني حسن کان سواءِ مارئي کي ڪو بہ سهڳ ناهي. "سهڳ": سهاڳ، مڙس، ور يعني ڪيت. "سول": فرحت، مزو، فائدو، خوشي. "پوچي پوچو": فارسي پوچ = ڏنگو ڦڏو، ڪوجهو وغيره. مارئي چوي ٿي تہ مونکي سهاڳ کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ کپي. کهڙو بہ آهي منهنجو سهاڳ آهي. ٻئي بيت کان نائين بيت تائين مطلب ساڳيو آهي. مارئي کي اهو بہ خوف آهي تہ جي موٽي ويندس تہ الاءِ مارن ۽ پنهوار کي وٽان الاءِ نہ. چو تہ منهنجو جوڀن ۽ حسن هن بند ۾ ختم ٿي ويو آهي. جي منهنجو جمال موٽي ملي تہ ڏسان منهن پنهوار جو. مارئي کي بار بار پنهنجو وطن ملير ياد اچي ٿو ۽ وطن سان محبت جو بہ اظهار ڪري ٿي.

***

بيت: 10

تن منهن موچارا مارئين، ملير جنين ماڳ،
ناقص نوازي گهڻا، سنڌو تن سياڳ،
اڳڻ مون آياڳ، حُسن تي هِينءُ ٿئو.

" تن منهن موچارا": هت وري بہ تصوف جو رمز سمايل آهي. ملير مان مراد آهي، عالم ارواح. جن پاڻ کي مرڻ کان اڳ ماري عالم ارواح جو وطن اختيار ڪيو آهي تن جا منهن هميشہ کان الاهي نور سان پيا چمڪن. "ناقص نوازي": اهڙن الله وارن جو ڀاڳ گهڻن ئي عيب وارن جا عيب ڍڪي مٿن پنهنجون نوازشون ۽ رحمتون نازل ڪري ٿو." اڱڻ مون": منهنجي قسمت ۾ ڪا اٽائي لکيل هئي جنهن ڪري منهنجي سونهن سوڀيا ائين ڇٽ ٿي ويئي. مارئي تصوف جو رنگ پريندي چوي ٿي تہ ملير يعني عالم ارواح جن جو ماڳ آهي تن جا منهن ڀهڪن ٿا ۽ سندن منهن روشن آهن. الله ڪين نوازشن سان نوازي ٿو. ملير عالم ارواح آهي اتي جن " قالوا بلى" چيو هو سي ڪامياب آهن. مان ملير کان پري آهيان ان ڪري ڪا مون کان خامي ٿي آهي جو منهنجو حسن ۽ سونهن سوڀيا ختم ٿي ويئي آهي. اهي انسان ڪامياب آهن جيڪي وطن کي روحاني درجو ڏين ٿا.

بيت:11

ڪونهي ڪو قادر ڪو ٻيو انين جو آياڳ،
"قل لن يصيبنا الا ما ڪتب الله لنا"، اي معذرت ماڳ،
سيوئي سياڳ، مارئي مساوي ٿئو.

مساوي: (م ڪي پيش) "ڪونهي قادر

ڪو ٻيو” يعني، الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي طاقت ناهي جو ڪنهن جو سهارو ٿئي. قرآن ۾ فرمايو ويو آهي: “ان الله عليٰ ڪل شيءٍ قدير”. تحقيق الله سيني شين تي قادر آهي ۽ اهوئي مالڪ ڪل آهي. اياڳ: مصيبت، درد، ڏک، اهنج، ايذاء. نياڳ سڀ سندس طرفان آهن. “اي معذرت ماڳ”: اهوئي توبہ تائب ٿيڻ جو رستو آهي. معذرت ۽ معافي بہ ان کان گهرجي جو معاف ڪندڙ آهي. ان ڪري سياڳ ۽ اياڳ بہ ان جي طرفان تسليم ڪرڻ گهرجي. فرمايو ويو آهي تہ “اللّٰهم مالڪ الملڪ تؤتي الملڪ من تشاء وتنزع الملڪ من تشاء وتذل من تشاء وتعز من تشاء بيدڪ الخير انڪ عليٰ ڪل شيءٍ قدير” (من: پهرين م ڪي زير ۽ ٻي م ڪي زبر) “مساوي”: هڪ جهڙو، برابر. “سيوئي سياڳ”: مارئي جي نظر ۾ سڀ سياڳ ۽ نياڳ هڪ جهڙا آهن. چاڪاڻ تہ ٻئي خدا جي طرفان مليل آهن. عربي ۾ قول آهي تہ “الخيرفي ما وقع” يعني: جيڪي ٿيو ان ۾ خير ۽ ڀلائي آهي. قرآن شريف ۾ آهي تہٓ “وفي ڪل خير” سڀ ۾ ڀلائي آهي. حافظ چوي ٿو تہ:

در طريقت ہرچہ پيش سالک أيد خير است
در صراط المستقيم اى دل کسى گمراہ است

يعني طريقت جي راهہ ۾ سالڪ جي اڳيان ڪجهہ بہ اچي (ڀلائي، برائي، خير، شر، سياڳ، اياڳ) تہ ان ۾ سندس ڀلائي آهي، اهو اشارو آهي تہ منهنجي دل ۾ ڪا بہ گمراهي ڪانهي. مارئي جي هنن بيتن ۾ طريقت، معرفت، وحدانيت، رسالت ۽ انسانيت جو درس آهي تہ تون مضبوط رهہ شيطان خود بخود ڀڄي ويندو، جيئن عمر آخر مارئي اڳيان هار ڪاڏي!

## وائي

مَنجه رَهي ملير،
هاري! مون ڪوهہ ڪئو؟
مون هٿان منهنجا ڏٽي! سهسين ٿئا صغير،
هاري! مون ڪوهہ ڪئو؟
پَڪي مَنجه پنهوار جا، ڪوڙيين ڪئم ڪبيرا.

“صغر”: گناهہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: صغير معنيٰ: ننڍا ۽ ڪبير يعنيٰ وڏا، ننڍا گناهہ اهي جيڪي آدم ڪان وٺي انسان اندر ٿيندا اچن، جيڪي ڳٽپ ۾ تہ اچن ٿا پر ڪين اهميت گهٽ آهي، وڏا گناهہ اهي آهن جن ڪان الله تعاليٰ بلڪل منع ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهن لاءِ سزا بہ تجويز ٿيل آهي جهڙوڪ: چوري، خون، زنا، حرام واپرائڻ، شراب پيئڻ، جوا، ڍارو، ماءُ پيءَ سان بدسلوڪي، پراوا ننگ ڪٽڻ، ڌاڙا، اغوا وغيره. جيڪڏهن ڪو مؤمن اهڙن گناهن ڪان توبہ تائب ٿيڻ ڪان بنا مري ويو تہ دوزخ جي حوالي ٿيندو ضروري آهي تہ انسان اڇو اجرو ٿي مري. “ٻڙو”: منڊيءَ جي ٽڪ، نشان، مهر، “ڪريو”: هڪ قسم جو ڪرڙ جيڪو قيمتي ٿئي ٿو.

***

## داستان ڇهون

بيت: 1

جهڙي آيس جيئن، تهڙي وڃان تن ڏي،
تہ لالائي جا لطيف چي، ڪر مُندن اٺا مينهن،
ماڙي لڳم ميهڻو سڀ ڄماندر سِيئن،
ٿيس ڪاٽياري ڪانڌ جي، هتي اچي هِيئن،
ڪنڌ ڪٽنديس ڪيئن، مَنہ ماروئڙن جي؟

“جي”: جيئڻ، جهڙي آيس جي. جيڪڏهن هت ايندي ئي پنهنجو ست، حياء، عزت قائم رکي ماروئڙن وٽ موٽي وڃان ها تہ عمر! ٿر ٻر ۽ ملير ۾ تنهنجو نالو عزت، مان ۽ شان سان ورتو وڃي ها. “لالائي”: لال= ڳاڙهو لالاڻ: سرخروئي، خوشي، “ڪر”: جيڪر، هوند، “مدن” = مندن، هاڻ، مدت، “مينهن”: برسات، مينهن، تہ لالائي جا لطيف چي. جيئن تہ ٿر ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ برپٽ، جهنگ جهر، اوسو پاسو سائو سرسبز ۽ ڳاڙهن گلن سان ڇانئجي ويندو آهي، جيڏاهن نظر ڪبي گل ئي گل نظر ايندا ۽ انهن جي خوشبو ڇانيل هوندي. نہ رڳو ٿرم پر جنهن بہ علائقي ۾ برسات پوندي آهي اهو ساوڪ ۽ ڳاڙهن گلن سان واسجي ويندو آهي. مارئي چوي ٿي تہ برسات ۾ مارو سرها ڏسڻ ۾ ايندا آهن، ان ڪري منهنجي ماروئڙن جي منهن مان بہ خوشي جي لالاڻ پيئي بکي. “ميهڻون”: مهڻو ڏوراپو. “ڄماندر”: سڄي عمر، ڄمڻ کان وٺي. “سي” = سيئن، تائين، ساري عمر تائين. “هي” هيئن. “ڪي”: ڪيئن، مارئي چوي ٿي تہ اي عمر! جهڙي مارن وٽان ستي جتي آئي آهيان تهڙي وڃان تن ڏي، مون ڪي امانت ۽ ستي ڪري مارن ڏي موڪل. جڏهن ملير ۾ برساتون وسنديون آهن تہ چؤطرف گل ڦٽي سڄي ملير ۾ ڇانئجي وڃن ٿا. هر طرف ڳاڙهاڻ ئي ڳاڙهاڻ نظر ايندي آهي ۽ مارن جا منهن خوشي ۾ ٻهڪندا آهن. هت قيد ۾ ڪانڌ يعني ڪيت جي مياري آهيان ان حالت ۾ مارن اڳيان ڪهڙو ڪنڌ ڪٽنديس.

بيت: 2

جهڙي آيس جيئن، جي تهڙي ملان تن ڪي،
ڦران ڦَر چاريان، هيون چئيم هيئن،
وڃان ڪيئن وطن ڏي؟ ڪاڻ لهنديم ڪيئن؟
منداڻتي مينهن، سووهان سرتين وچ ۾!

"منداٿي مينهن": برسات جي موسم ۾ ٿري ماڻهو لاءِ چؤماسي ۾ برسات جي مند هڪ وڏي نعمت ۽ غنيمت آهي، ان ڪري مارئي چؤماسي جي موسم ۽ مند کي گهڻو ياد ڪري ٿي. لطيف سرڪار ان موسم کي وڏي ڪماليت ۽ حڪمت سان بيان ڪيو آهي.

بيت:3

هيڪ جيئن نه جاياس، بيو جاپاندي جي مران!
گهنگهر گهڻو ٿياس، چاپي ماروئڙن کي.

مارئي عمر کي چوي ٿي ته هڪ ته ابي امڙ کي جمان ئي نه ها ٻيو ته جمندي ئي مري وڃان ها ته ماروئڙن کي اهڙي ذلت ۽ رسوائي کي ڏسڻو ۽ سهڻو نه پوي ها. تو مون کي هرطرح رسوا ڪري ڇڏيو آهي، جو مارو منهن ڪڻڻ جهڙا ناهن. لطيف وري مارئي جي زباني عمر کي پٽ پاراتو ڏيندي چوٿين بيت ۾ ورجائي ٿو ته:

هي منهن ڏيئي ٻن، تون وهه ڪائي نه مرين؟
تان جي ملير جايون، توسين سڱ نه ڪن،
تون ڪيئن منجهان تن، پاڻ ڪونائين مارئي!

عمر جي زهر ڪائي مرين ها ته جيڪر ملير جاين کي ڪڻڻ جو لعنتاڻو ڪنڌ ۾ نه پوئي ها، هاڻي ڪهڙي منهن سان پاڻ کي ملير ۽ ٿر جو حاڪم ٿو سڏائين؟ جي وهه ڪائي مري وڃين ها ته ملير جاين جي لڄ بچي ها. اهڙي حاڪم يا ملڪي سربراهه جو مرڻ بهتر آهي، جيڪو ننگن ۽ دنگن جو ويري آهي.

"هي منهن": مارئي پاڻ کي ٿوڪي ٿي ۽ سزا جي انداز ۾ چوي ٿي ته "اي عمر! هي سڻو منهن جو تنهنجي سامهون آهي تنهن کي ڪڏهن هٽي زهر کائي پاڻ کي پورو ڪري نه ڇڏيان! "تان جي": مارئي عمر کي چوي ٿي ته تون جيڪر زهر کائي مري وڃين ها ته هوند ملير جاين جي لڄ محفوظ هجي ها ۽ ملير جاين جو رشتو توسان ٿئي ئي نه ها.

***

## بيت: 5

عمر ٻنِ جيو! ڪوهِ منهنجوا سومرا،
جا پر نه پنهوارن جي، مون سين تنءَ ٿئو!
وني منهن ڪهو وڃان وطن سامهين؟

"جيو": جيئڻ، حياتي. "ڪهو": ڪهڙو. مارئي چوي ٿي ته سومرا منهنجو جهڙو حال ٿيو آهي اهو پنهوارن سان نه ٿيڻ گهرجي ها. مون سان ائين ٿيو ان حالت ۾ ڪهڙو منهن وٺي وطن ڏي ويندس. مارئي مارن ماڻهن جي ڪيفيت ۽ انهن جي ريت بيان ڪندي چوي ٿي ته سومرا! مون کي ٻاهه يا ڪنهن کڏ ۾ اڇلائي ساڙي ماري ڇڏين ها پر ائين نه ڪرين ها. اسان غريب مارن جي اها ريت ناهي ته ڪنهن بادشاهه، سردار يا ڪنهن وڏيري سان ناتو جوڙيون يا ان سان شادي ڪيون. هاڻي ڪهڙو منهن وٺي وطن ڏي وينديس ۽ مارن سامهين ٿينديس، بهتر آ ته اهڙي جيئڻ ۽ حياتي کان مون کي ساڙي يا ڪنهن کڏ ۾ اڇلائي ڇڏ. باقي توسان رشتو هرگز نه جڙندو.

بيت:6

مَ سپني مارئي، مئي! مَ جائي!
جنهن اچي امر ڪوٽ ۾، لوئي لجائي،
جا سانگين سيڏائي، سا مَرڪي ماڙيين.

سپني: "سپجڻ"، چاپڻ، پيدا ٿيڻ. سيڏائي= سيڏائڻ، سڪايل، سڪائڻ جا سانگين سيڏائي: جنهن کي سانگين يا مارن پنهنجي قرب ۾ قابو ڪيو آهي، سا ماڙين ۽ محلاتن ۾ ڪيئن مرڪي (ڪلي خوش ٿي) وهجندي يا خوش ٿي ماڙيءَ ۾ ويهندي جا پيدا ٿي مارن جي محبت ۾ رهي هجي، لاڏ ڪوڏ ۾ پلي هجي سا عمر جي محل ۾ ڪيئن لوئي لجائيندي، جنهن کي سانگين ۽ مارن محبت ڏني هجي سا ماڙين ۾ خوش ٿي ڪيئن ويهندي ۽ تيل ڦليل هڻندي.

بيت 7:

ٻالله آهيان ٻند ۾، ڏٺان ٿي ڏهر،
ويڻ وراٽي ناهه ڪا، سومرو سَهر،
ميان! مهرباني ڪريين، الاهي عمر،
ويڙهه پسان سو ور، جيڏاهه عالم آسرو!

"ٻالله": خدا جو قسم. "ڏهر": اڇي ڪٽي يا لوئي. "سهر": سگهارو، زبردست. "ويڻ وراٽي": ڪڇڻ پڇڻ جي مجال ئي ڪانهي. چو ته سومرو سگهارو، زبردست ۽ ڪرڙو حاڪم آهي. "ميان": اي خدا. "عالم": جهان ۾. "ويڙ پسان": شال ملير جي ويڙهن ۾ وڃي پنهنجي انهيءَ ور مڙس پرين محبوب يعني کيت کي ڏسان ۽ ان جو ديدار ڪيان جيڪو هن ساري جهان ۾ منهنجو اجهو ۽ آسرو آهي.

"اي": ايئن، هاڻي. لوءِ: "لوڪ" پنهنجو ملڪ وطن.

بيت: 10

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه،
ٻُت منهنجو ٻند ۾، قيد مَ ڪريجاهه،
پرڏيهه ياڻي پريءَ ريءَ، ڏار مَ ڏريجاهه،
ٺڏي وسائجاهه ٿرن جي، متي مئي مٿاهه،
جي پويون ٿئي پساهه، ته نجانءِ مڙهه ملير ڏي.

"ٻت": لاش. "ڪريجاهه": ڪجانءِ، "ڏريجاهه": رڪجانءِ، دفن ڪجانءِ، "وسائجاهه": وسائجانءِ، مارئي روحاني رمز اختيار ڪئي آهي، جنهن شي سان عشق ڪبو ته ان ڏانهن تانگهبو. مارئي کي وطن ملير ۽ ٿر جي فضائن، وٺن، ڪنڊين، ٻيرن، لاڻن، ٻوڙن،

پلر, ڍنڍين, ڍورن سان بي پناهه عشق آهي، انڪري چوي ٿي تہ جي وطن سارينديسارينديهت ساهہ ڏيان تہ منهنجو مڙهہ يعني لاش هت قيد ۾ دفن نہ ڪجو پر مون ڪي ملير ۾ نيئي مون مٿان ٿر جي ٿڌي مٽي اڇلائجو. ٿڌي وسائجاهہ ٿرن جي مٽي مون مٿي مٿان”!

مارئي چوي ٿي تہ ڇا مان رواجي بندياڻي وانگر پنهنجي ڪنهن ڏوهہ جي ڪري قيد ٿي آهيان ۽ بندياڻي پيئي آهيان يا ڪنهن مون ڪي زوري ڪٽي بندم وڌو آهي؟ ڇا مان ئي آهيان جنهن ڪي اهڙو مهٽو لڳو آهي ۽ ٻڃيءَ ۾ ڳٽ پيو آهي؟ يا مون جهڙيون ٻيون بہ اياڻيون آهن؟ اي عمر! جي مان هت مري وڃان تہ منهنجو لاش ملير ڏي ڪٽائي موڪلجانءِ. ”ڪڙو“: ڳٽ, زنجير, ”نجاهہ“: نجانءِ, موڪل, ”مئٿ“: ميت, مئل انسان, لاش. غلام ملڪ ۾ رهڻ هڪ وڏو لعنتاڻو آهي. آزادي ۽ آزاد فضائن ۾ زندگي بسر ڪرڻ هڪ نعمت آهي. سوال ٿو ٿئي تہ ڇا اسين آزاد آهيون؟ جواب نہ ۾ ايندو. اسين جاگيردارن جي غلامي ۾ آهيون, بڪ, مفلسي ۽ طبقاتي نظام اسان ڪي بي ساهو ڪري ڇڏيو آهي. مولانا محمد علي جوهر هند ستان ڇڏي ويو چي غلام ملڪ ۾ رهڻ ڪان بهتر آهي تہ ڪنهن آزاد ملڪ ۾ رهجي! نصيحت ڪيائين تہ جي مري وڃان تہ مون ڪي ڪنهن آزاد وطن ۾ دفن ڪجو پر هندستان ۾ نہ. ڇو تہ هي غلام ملڪ آهي. مارئي ڪي بہ وطن سان ۽ پنهنجي آزادي سان پيار آهي, تڏنهن تہ چوي ٿي تہ ”مران جي هن هنڌ تہ نجان مئٿ ملير ڏي“.

بيت: 11

واجهائي وطن ڪي، ساري ساهہ ڏيان،
هي سر ساڙيہ سامهون، منهنجو نج ميان!
مقامياڻي مارئين، وڃي ٿر ٿيان!
ميائي جيان، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

”ساڙيهہ“: وطن, ڏيهہ. ”مقامياڻي“: مقام, قبرستان, هڪ ئي مقام جتي ملير جا ڀيا مارو دفن ٿيل آهن. مارئي ڪي پنهنجي آزاد ڏيهہ جو آزاد مقام بہ عزيز آهي ۽ ان ابائي مقام سان بہ مارئي ڪي عشق آهي. ”ميائي جياس“: مارئي چوي ٿي تہ جي منهنجو مڙهہ ۽ بت ملير ڏانهن ويندو تہ مئل بہ جيئري آهيان, جڻ نئين سر حياتي ملي ويئي. مارئي ڪي ملير جي مٽي, ملير جو قبرستان ايترو پيارو آهي جو جيڪڏهن سندس مڙهہ ملير ڏانهن نيو ويندو ۽ ٿر جي ٿڌي مٽيءَ ۾ پوريو ويندو تہ ڪيس جهڙوڪر ٻيهر حياتي ملي ويندي!

***

بيت: 12

واجهائي وطن ڪي، آءُ جي هت مُياس،
گور منهنجي سومرا! ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻين ڏيهہ جي، مُنجها ولڙن واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙهہ مليرڏي.

بيت 13:

ٻچيءَ ڳانا لوهہ جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چؤگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
ڇَنِ نہ ڇِڇي آهيان، اهڙي سِٺَ سَرير،
مارو جام ملير، پچج ڪي پنهوار ڪي.

”گور“: قبر. ”ولڙن“: ولين. ”ڏج“: ڏئي. ”ڏج ڏاڏاڻين ڏيهہ جي“: مارئي چوي ٿي تہ منهنجي لاش ڪي ڪفن دفن وقت وهنجاري سهنجاري جڏهن واس ۽ ڌوپ ڏيو تہ لوبان, مشڪ ۽ عنبير بدران منهنجي اباڻي وطن جي ولين جو واس ڏجو. مارئي ڪي وطن ۽ مارن جي ملڪ جون وليون ڪيتريون نہ پياريون آهن! جي وطن سان محبت ۽ عشق جي دعويٰ ڪيو ٿا تہ پوءِ ديس جي هر شي, مقام, ڳوٺ جي قبرستان, ڪنڊين, ٻيرن, لين لاڻن ۽ ٻوڙن سان بہ عشق ڪيو. (حق لطيف) ”ڳانا“: واحد ڳانو= ڪڙو, ڳٽ, هس, طوق, هت معنيٰ ٿيندي: ڪڙو يا ڳٽ. ”زيريون“: زير, هيٺ ڪرڻ, زير ڪرڻ. ڪڙي لوهہ جي, ٻيڙي. ”پيڪڙا“, ”واحد پيڪڙو“: پيرن جو ڪڙو. ”چاري“: جاسوس, پهريدار, ”چوگانن“ واحد چوگان= چؤڪنڊو, اڱڻ, ايوان, واهيت: واهپو, چوڪسي, چوڪي ڏيڻ. مارئي چوي ٿي تہ مان ڪوٺين ۾ قيد آهيان, زنجيرن ۽ ڪڙن ۾ بند آهيان هت ڪو بہ بني بشر ڪونهي, سواءِ عمر جا ڇاڙتا جيڪي منهنجي جاسوسي ۽ چوڪسي تي بيٺل آهن. عمر ڪي اها تہ خبر پئجي چڪي هئي تہ مارئي عام رواجي عورت ناهي, ان ڪري ڪيس ڪڙا هڻي هڪ ڪوٺي ۾ بند ڪري ڇڏيو هئائين ۽ سندس چر پر تي نظر رکڻ لاءِ مرد مقرر ڪري ڇڏيائين.

بيت: 14

ڇَنِ نہ ڇجي هيٺ، ڪُڇن آهيان ڪوٺ ۾،
لوئي سين لطيفَ چي، ٻيڙيون ٻڌان پيٺ،
سرهيون سي سرتيون، وطن جنين ويٺ،
ات سپجي ان سسن جي، هت رچائين ريٺ،
ماڻيان شال ملير ۾، مندائتي ميٺ،
ڏيهيا! ڪجاهہ ڏيٺ، ڪا مَدت مون سين ماڙيين!

”ڪچن“: بچڙو بنا مرضي ۽ خوشي جي, بي وس, لاچار. ”بيٺ“: ڪمر, چيلهہ, ”بيٺ“: وهڪ, بينڪ, رهڻ جي جاءِ, گهر سسن: سسو گهٽيو, سسيءَ جا وار نرم ۽ ننڍا ٿيندا آهن. ”رچائين“: رچي جي, ريڍائين, مطلب رڍ. رواج آهي تہ گهيٽن ۽ رڍن جي ان

ڇهين يا ٻارهين مهيني ڪتريندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن رڍ جي ان ٻارهن مهينن کان دير سان ڪتريندا آهن ته ان رڍ کي "ڇپر ۾ ڇاتي" ۽ ٿر ۾ ريڇ يا رڇي چوندا آهن.

"ريث موي گوسفند ڪه آن را ريچ گويد" يعني رڇ جا وڏا وار ۽ رڍ جي پٺي ڇهين يا ٻارهين مهيني نه لاهبي ته ان جي وارن منجهه چيڙهه ٿي پوندا آهن. پوءِ رڍ کي وهنجاري صاف ڪري ان جا وار ڪتربا آهن، انهيءَ هوندي به وار ڏاڍا سخت ۽ کهرا ٿيندا آهن. "ات سپجي": مارئي چوي ٿي ته: منهنجي ڏاڏاڻي ڏيه ۾ ننڍڙن گهيٽن جي نرم ان پيدا ٿيندي آهي، پر هت امر ڪوٽ ۾ وڏين رڍن جي ان سخت ۽ کهري ٿئي ٿي. ميٺ: مٺاڻ. "منداٺتي ميٺ": مند جا مٺا ميوا ۽ ماکيون جام ٿينديون آهن. "ڏيهياهَ": اي ڏيهي! "ڏيٺ": درشن، ملاقات، سار، ديدار، سنڀال. "مدت": مدد، "ڏيهياهَ ڪجاهَ": اي منهنجا ڏيهي مارو هت مان ماڙين ۾ بند آهيان، منهنجي واهر ڪيو مون کي ديدار ڪرايو، سنڀال ڇونه ڪئي اٿو منهنجا وار خراب ٿي، انهن ۾ چيڙهه ٿي پيو آهي ۽ سخت ٿي ويا آهن.

لطيف کي سمجهڻ لاءِ عشق ۽ تصوف جي ضرورت آهي. سر مارئي وطن جي اڪير ۽ مارن جي سڪ جو بي مثال نمونو آهي.

***

بيت15:

ڇَنِ نَه ڇڄي آهيان، ڪُڇن ۾ ڪوٽن،
ايندهه پيم ابتا، پيڪڙا پيرن،
هٿڙيون هٿن، ڄنگهون ٻاهون ڪاٺ ۾.

بيت: 16

هٿين هٿڪڙول، هينئڙي پيم هن جا،
سانگي ساريم سومرا، ڍاٽي پاسي ڍول،
ٻاٻاڻن سين ٻول، ڪيم نه ڪوٽ وهڻ جا.

بيت: 17

زيريين ٻيڙيين لوهه ۾، ڳٽن ڪيس ڳاهه،
سنڪي سندي سومري، هڏ نه چاڙهم ماهه،
سرتيون! دعا ڪجاهه، ته پرم پاروڙي رهي.

" ايندهه: ايندئي. "هٿڙيون": هٿڪڙيون، "ڪاٺ": ڪنهن دور ۾ ڪاٺ جي بنڊ ۾ ڪڙا ڪنديا وجهي انهن ۾ قيدين جا هٿ پير جڪڙي ڇڏيندا هئا. تڏهن ته مارئي چوي ٿي ته:"هٿڙيون يعني هٿ ڪڙيون هٿ ڄنگهون ٻاهون ڪاٺ ۾" مطلب ته حيوان وس ڪيا ته مارئي آڻ مڃي ان ڪري ساڳيو طريقو استعمال ڪيو ويو جيڪو جنگي قيدين سان ۽ خطرناڪ ڏوهارين سان ٿيندو هو. "هٿين هٿڪڙول": مارئي چوي ٿي ته جيتوڻيڪ عمر جا هٿن پيرن ۾ ڪڙا پيا اٿم تڏهن به روح ۾ مارن جا ڪڙا ۽ ميخون لڳل آهن، عمر جا ڪڙا ڪجهه به نٿا ڪري سگهن ڇو ته روحاني عشق جي اڳيان هي سڀ هيچ آهن. دنياوي ڪڙا روحاني ڪڙن سان مقابلو نه ٿا ڪري سگهن. "ڍاٽي پاسي ڍول": اهي ڍٽ جا رهاڪو جيڪي منهنجي محبوب جا هم وطن آهن. "ٻيڙيين": ٻيڙين ۾، قيدين کي لوهه جون به ڪڙيون ٻنهي پيرن ۾ وجهي وٺي ويندا آهن. "ڳٽن"، واحد ڳٽ: ڦاهي، طوق. "ڳاهه": اٿو ڪٿو. سنڪي: ڳڻتي، فڪر. "ماهه ماس": گوشت. "پاروڙي": اڇي رڍ جي اڇي ان مان ٺهيل لوئي يا ڪٿي.

بيت 18:

پرم پاروڙي رهي، جنهن ۾ اڇي ان،
ته پڻ ويٺي ونڊيان، توڙي پونس تن،
غافل رک غريب کي، عمر! منجهه امن،
سرتين ساڻ سمن، آهم انئي مينهنڙي.

بيت 19:

آهيم انئي مهڙي، سمن سرتين ساڻ،
که پر لاهيان ڪاڻ، وڃي ويڙيچن سين!

"ونڊيان" = ونڊڻ، تنڻ. ڪپه کي صاف ڪرڻ لاءِ ان کي هڪ خاص قسم سان صاف ڪبو آهي جنهن کي تنڻ چئبو آهي. "تن": سوراخ، تنگ. "غافل رک غريب کي": اي عمر هن غريب ويچاري وسريل کي امن امان ۾ رک. هنن ٻنهين بيتن ۾ مارئي جي ماڙين ۾ ڪيفيت بيان ڪئي ويئي آهي. اي عمر هن غريب مسڪين بندياڻي کي امن ۾ رک، خيانت نه ڪجانءِ، مون کي ملير ڏي موڪل ته سرتين ساڻ ان ويٺي تنيان ۽ وندر ڪيان.

## وائي

عمر! آئون مري تان نه ڇڏيندي لو!
مٽي ماروئڙن جي،
ميهي انئي مارئين الالن ساڻ لڏيندي،
مٽي ماروئڙن جي،
سري منهنجي سومرا! ٿرن ڪين ٽڪندي،
مٽي ماروئڙن جي،
هميراٽا هٿڙا، مهري ڪين مڃيندي،
مٽي ماروئڙن جي.

"مٽي": مائٽي، خاڪ، مارن جي ملڪ جي خاڪ. عمر! آئون مري ويندس پر ماروئڙن سان مائٽي ۽ رشتو مور نه ٽوڙينديس، ملڪ ملير جو منهنجن ماروئڙن جو وطن ۽ ڏيهه آهي ان جي دعوىٰ نه ڇڏينديس، ملير منهنجو ماڳ آهي. وطن آهي ۽ ديس آهي، ان سان محبت جو رشتو آهي، روحاني ڳانڍاپو آهي ان ڪري مري ويندس پر ملير کي نه ڇڏينديس. "ميهي": انئي مينهڙي، مينهن، برسات. "سري= سر، سسي، ڪٽولو جنازو. "ٽڪيندي":

ٽڪائيندي! اي عمر منهنجو جنازو ٿر ملڪ نيندي ٻرو نہ ٿيندو. "مهري": زال يعني، مارئي "هميراٽا هٿڙا": مارئي مري ويندي موت قبوليندي پر پنهنجو انگ عمر کي نہ آڇيندي، ان ڪري چوي ٿي تہ منهنجو جنازو ٿر موڪليندين تہ اهو ٻورو يا بار نہ ٿيندو.!

***

## داستان ستون

بيت 1:

پنهوارن پاٻوهيو ورئا واهندا،
ساريم سيڻ سيد چي گاڏيليون گندا،
پٽن پر هُندا پنگا پڙ پتار جا.

بيت:2

پنهوارن پاٻوهيو ڪي وس واهندن،
لٿو سيءَ لطيف چي، ٻڏو ڦَڻُ ڦرن،
اوءِ ٿا ڪورن ڪنئري، سرتيون مٿان سسن،
عمر! ان آگندري، پاسي ڪانڌ ڪتن،
پائر ڏنيون پٽيون، نڌين نوراپن،
ڪائر ڪٿيون خاصيون، اوچيون ات اڇن،
ڪڍيو پيڻ ڪهن، ملير گهرجي مارئي.

"پاٻوهيو": ٽڙڻ، مشڪڻ. واهندا، واحد واهوندو: بسنت جي موسم جي هوا يعني بهار. "گاڏيليون" واحد گاڏيلي: چوپائي مال جي اچ وڃ جو رستو (آمدورفت). "گندا" واحد گندو: مارو ماڻهو نڌيا ڦر، ڏنار، گنديون ۽ گندڙا ۾ وجهي مٿان ٻلهڻ يعني ڍڪ ڏئي ڇڏيندا آهن تہ مٿان رات جو ڪو مرون نہ ڪٽي وڃي، "پنگا" واحد پنگو: جهوپو يا جهوپڙي. "ٻڙا": تازو ميوو. "پٽن پر هندا": بهار جي موسم ۾ ٿري ماڻهو ٽڙي پکڙي ويندا آهن. پٽن جي پاسي ۾ جهوپڙا اڏي ويهندا آهن. انهيءَ مند بهار کي مارئي ياد ڪندي چوي ٿي تہ بهار جي مند آئي آهي سو هاڻ منهنجي غريب مڙس جو پنگو بہ پٽن جي پاسي ۾ هوندو. مارئي چوي ٿي تہ بهار جي مند ۾ ملير جا ماڻهو ٽڙي پکڙجي پٽن جي پر ۾ پکا ٺاهي ويهن ٿا ۽ پنهنجن ڦرن کي پنگين ۾ وجهي مٿان ڍڪي ڇڏن ٿا تہ مٿان ڪو جانور مرون ڪائي نہ وڃي. اها آهي وطن سان حب جو وطن جي موسم ۽ ان ۾ مارن جي رهڻي ڪهڻي ياد ڪري ٿي. "ڪي وس واهندن": بهار جي موسم ۾ برسات وسڪارو ڪيو آهي.

"ڦڻ": پير جي تري، پب. "ٻڏو ڦڻ ڦرن". يعني ڦر وڏا ۽ سگهارا ٿيا آهن. مگهارا يعني سگهارا = نڍڙي ڦر ڪي جڏهن ڏارائي ٿلهو ڪبو آهي تڏهن چئبو تہ هاڻ ڦڻ ٻڏو اٿس يعني جنهن ڦرجا پير ڪچا هئا سو سگهارو ٿي ويو آهي ۽ هلڻ جهڙو ٿيو آهي. اهو ڦر جنهن کي کير برابر نہ ڏارائبو آهي سو اپرو يعني ڪمزور ٿي پوندو، ان ڪي ٿري ٻولي ۾ چويل ڦر ڪري سڏيندا آهن. "ڪورن"= ڪورين، ڪورڻ، ڪترڻ ڪپڻ، "ڪنئري": نرم، "مٿا سسن" يعني گهيٽن جي پٽين تان. "اگندري": سواءِ گوندر جي، بنا ڪنهن ڏپ ۽ اوني جي. "عمر ان" (الف تي پيش ن تي زبر: ان): عمر منهنجون سرتيون پنهنجن پتارن يعني ورن جي پر يعني پاسي ۾ ويهي بنا ڪنهن ڏپ ڊاءِ جي ان ڪتي رهيون آهن.

"پٽيون": پٽين جي پشم، رڍن ۽ گهيٽن جي ان ڪترڻ کي چيو ويندو آهي پٽي لاهڻ. "نوراپن" واحد نوراپو: ڦر جو وڏڙو ٿيو هجي. ريڊارن جي اصطلاح ۾ ڦر جيسين ماءُ کي پيو ڏائيندو آهي تيسين ان کي نوراپو سڏيندا آهن. "پائر ڏنيون": پائر ۾ پشم پيدا ٿيندي آهي، وري ان پشم مان اوچيون ۽ تمام پليون ڪٿيون اٽندا آهن.

"پيڻ" چانورن جي پيڇي جنهن کي ڪوري تاڃيءَ ئي پسائي ان جون تندون مضبوط ڪندا آهن. چانورن جي پيڇي لڳڻ سان ڪپڙو سوٽ ٿي پوندو آهي. ان ڪري پائڻ ڪان اڳ ڪپڙي کي ڌوئي ان مان پيڻ ڪڍي ان کي ڪولي نرم ڪبو آهي. پيئڻ ان ڪري بہ ڪڍي ڇڏبو آهي تہ مٿان ڪوئو ڪپڙي کي ٽڪي نہ وڃي. "ڪڍئو پيئڻ": مارئي جون سرتيون پنهنجن ڪورين لوين جي پهرڻ کان اڳ ۾ پيڻ ڪڍندي مارئي کي ياد پيون ڪن تہ: مارئي کي بہ هت اسان سان گڏ هئڻ گهرجي ها. "ڌوٿين" واحد ڌوٿي: ڌٿ تي گذران ڪندڙ مطلب تہ ٿر جو رهاڪو ماڻهو.

"ڦلاريا": پوريا ٻور جهلڻ. "للر": هي لوڻڪ ۽ مريڙي جهڙي ٻاجي آهي. هن جا پن نڍيا، ويڪرا ۽ نوڪدار ٿين ٿا، هينيون پاسو ٻاڙهيرو ٿيندو آهي، ڏانڊي ۽ گل بہ ٻاڙها ٿيندا اٿس، ٿري ماڻهو ان کي ٻاجيءَ جيان رڌي کائيندا آهن پڻ ڍورن کي بہ چاريندا آهن. "للر نڱيو لس": للر جي لس ئي لس لڳي وئي آهي. "آهرين": مٿي جي ڪونڊي يعني آهرو جنهن ۾ ڍورن کي چارو يا ڪتر کارائيندا آهن. "ٿوهن": ٿوهر مشهور ڦل گدري جي نموني هوندو آهي، واري جي پيدائش آهي، ڏسڻ ۾ گهٽو سهٽو پر ذائقي ۾ ڪڙو جهڙو زهر، ٻڪريون ان کي وڏي چاهہ سان چرنديون آهن. هي دوا جي طور بہ استعمال ٿيندو آهي. "ٿوهن ٽس": ٽس معنيٰ ڪاريون ۽ ٽوڪرا.

بيت 3:

پنهوارن پاٻوهيو ڪي واهوندن وس،
عمر! انهين ڏيهہ جا، ڌوٿين ڏنم ڏس،
ولين وڻ ڦلاريا، للر نڱيو لس،
آٽيو وجهن آهرين، سندا ٿوهن ٽس،
ميوا مجر ماڪيون، سپ ڪا چکن چس،
ماڙي ويهي مَس، ملير ويندي مارئي.

ماڙي وهي مس: لطيف مارئي جي زباني ٿر ملير جو جيڪو نقشو چٽيو آهي سو بہ عجب فلسفو آهي. وطن سان محبت سا بہ اهڙي جو ٿوهر سان بہ محبت تہ للر سان بہ، ولين سان بہ تہ ميوا ۽ ماڪيون بہ ياد ڪري ٿي.

***

# ادب جي تعليم

**انجم اعظمي**

**سنڌيڪار: علي جان ٻرڙو**

ڪنهن بہ سماج جي فردن کي بهتر زندگي گذارڻ لاءِ زندگيءَ جي مختلف شعبن جي ڄاڻ ۽ واقفيت حاصل ڪرڻي پوندي آهي. ان ڪانسواءِ تعليم جو مقصد پورو نٿو ٿئي، ان سلسلي ۾ جيڪي ماڻهو پنهنجي ذميداريءَ کي محسوس نٿا ڪن ڪنهن هڪ مضمون جي تعليم ۾ اهميت جو ذڪر اهڙيءَ ريت ڪندا آهن ڄڻ ٻيا مضمون (Subject) اجايا آهن. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ تعليم جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ اهو اسان کي زندگي گذارڻ لاءِ انفرادي يا اجتماعي حيثيت ۾ ڪهڙيون آسانيون پهچائي ٿو؟

علم جي معنيٰ ڪنهن شئي يا شين بابت مربوط ۽ مدلل ڄاڻ آهي، تنهنڪري ئي ڪنهن شئي جي حقيقت کي ڄاڻڻ تعليم جو بنيادي ٿنڀو آهي. ان ڪانسواءِ اسان وٽ تعليم ۽ تربيت جو اصطلاح عام طور استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ مجموعي



طور فقط ڄاڻڻ تعليم جو مقصد ڪونهي، پر جو ڪجھ هڪ شخص ڄاڻي ٿو ان بنياد تي جيڪا مٿس ذميداري لاڳو ٿئي ٿي ان جو سچو احساس تعليم جوئي جزو آهي. ان لحاظ کان پڙهيل لکيل ماڻهو اهو ٿيو جيڪو پنهنجي ذميداريءَ جي بہ ڄاڻ رکي ٿو ۽ پنهنجن مقصدن کي پڻ ڪم آڻي ٿو.

بنيادي طور انسان کي معاشري يا سماج سان ان ڪري دلچسپي آهي جو هو ان ۾ رهي زندگي گذاريندو ۽ پنهنجي خوشين حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. معاشري کان ڌار ٿي فرد هڪ اڻ پورو فرد رهجي وڃي ٿو. جيئن معاشرو فردن سان گڏجي ٺهندو آهي، ائين ئي هر فرد جي زندگيءَ ۾ دراصل هڪ معاشرو موجود هوندو آهي جيڪو سندس وجود جي لحاظ کان ننڍو يا وڏو هوندو آهي. پر ان جي نا آسودگيءَ مان خارجي معاشري جي نا آسودگي پڻ جهلڪندي آهي ۽ ان جي وجود جي وحدت ۾ هن معاشري جي وحدت جو تصور پڻ شامل هوندو آهي. ساڳي هيڪڙائي يا وحدت ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ سائنس ۽ آرٽس جي مختلف شعبن ۾ ورهائجي ويندي آهي. هڪ فرد ڪنهن خاص شعبي ۾ پنهنجي ذاتي لاڙن سبب وڏيڪ دلچسپي وٺي سگهي ٿو ۽ ان سان گهري دلچسپيءَ جو اظهار ڪري سگهي ٿو پر ڪيس اهو پڻ ڄاڻڻو پوندو آهي تہ سندس شعبي جو تعلق زندگيءَ جي ٻين شعبن سان ڪهڙو آهي. جيڪڏهن هو ائين نہ ڪري تہ ان هيڪڙائيءَ جي تصور کي مجروح ڪندو آهي جنهن ۾ سندس دؤر جي زندگيءَ جو روح هوندو آهي. اهو تصور جنهن منزل تي هوندو آهي اتي ئي سڄو معاشرو ڪليل ۽ تازي هوا ۾ ساهہ کڻندو آهي ۽ ڪنهن شعبي ۾ حقيقت جي ڳولا جو مطلب اهو هوندو آهي تہ اهو شعبو زندگيءَ جي ٻين سڀني شعبن سان رشتو ڳنڍي ڪنهن اهڙي زندگيءَ جي تصور جي نشاندهيءَ ڪري رهيو آهي، جنهن جو منهن مهاندو ان مخصوص شعبي وارو هوندو آهي ۽ اصليت ان "ڪُل" واري هوندي جنهن کي جيڪڏهن هر دؤر جي نہ تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ هن دؤر جي زندگيءَ سان تعبير ڪيو وڃي، رنگن جي اختلاف سبب حقيقت جي هڪ هجڻ باوجود اهياس دلچسپ پڻ ٿي پوندو آهي، ۽ مختلف رخن ۾ زندگيءَ جي واڌويجهہ جي پڻ خبر پوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ نئين رخ جي نشاندهي ڪنهن هڪ شعبي جو ماڻهو ڪندو آهي. پوءِ اهو رخ سڀني شعبن ۾ ڪم ڪرڻ وارن لاءِ اهم ٿي ويندو آهي، چاڪاڻ تہ ان ڪانسواءِ زندگيءَ جي دريافت جو اڳيون قدم ڪنهن شخص لاءِ پڻ کڻڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

تعليم جي باري ۾ ۾ ان حد تائين غور ۽ فڪر ڪانپوءِ اهو واضح ٿيندو آهي تہ ڪنهن شخص کي ڪنهن مضمون سان ڪيتري بہ گهري دلچسپي ڇو نہ هجي ڪيس تيستائين پڙهيل لکيل ماڻهو نٿو چئي سگهجي جيستائين اهو ٻين علمن بابت فلسيفاڻي ڄاڻ نٿو رکي، ٻين علمن جي جزوي ڳالهين ۾ پوڻ ۽ انهن ۾ مٿو کپائڻ سندس لاءِ ناممڪن هوندو. پر زندگيءَ جي تصور تائين پهچڻ ۽ ان جي ڪليت جي ادراڪ لاءِ ڪيس انهن بنيادي ڪتابن جو اونهو اڀياس ڪرڻو پوندو جيڪو مختلف علمن سان لاڳاپيل هوندا. اهڙي صورت ۾ معاشيات جي هڪ ماهر لاءِ آئن اسٽائن جي نظريہ اضافت، فرائڊ جي جنس بابت نظريي ۽ عظيم شاعر جي ڪلام جي واقفيت ايتري ئي ضروري آهي جيتري حياتيات جي هڪ شاگرد لاءِ رواقين جي سونهن بابت نظرئي جي، ڇاڪاڻ تہ ڊارون جي ارتقا بابت نظرئي ۾ صرف حياتيات جو تصور ڪونهي. اهو رت ۽ جسم جي دنيا کان اڳتي وڃي نڪرندو آهي. ۽ ارتقا جي رخ جو تعين وٽس سونهن بابت فلسفي ڪانسواءِ ممڪن ڪونهي. بقول ڊارون ڪنهن هڪ رخ ۾ تيستائين ارتقا جو عمل جاري رهندو آهي جيستائين ان ۾ بهتر ۽ خوبصورت ٿيڻ جي گنجائش رهندي آهي. مثال طور انسان کي ذهن جي دولت ملي آهي. اهو هڪ رخ آهي. انسان تائين پهچندي پهچندي فطرت جو لاشعوري ارتقا جي هڪ نئين ڪڙي يعني شعوري ذهن ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ۽ ان رخ ۾ جيتري ترقي بہ ممڪن آهي ان جي گنجائش انسان جي ذهن ۾ موجود آهي. تنهنڪري انسان کان بهتر مخلوق پيدا ٿيڻ جو سوال پيدا نٿو ٿئي ۽ نٽشي جو انسان کان مٿانهين مخلوق جو نظريو بلڪل غلط ۽ غير منطقي ثابت ٿي وڃي ٿو. ڄاڻ جي ان منزل تي پهچي جيئن سائنس جي ماڻهوءَ لاءِ سونهن وارو فلسفو ۽ ادب ۽ شاعريءَ جو اڀياس ضروري آهي، تہ جيئن اهو جنهن ماڻهوءَ لاءِ فطرت کي دريافت ڪرڻ جي تڪليف برداشت ڪري رهيو آهي ان کي بهتر طور تي سمجهي سگهي ۽ وڌ ۾ وڌ سندس ڪم اچي سگهي، اهڙيءَ ريت ادب تخليق ڪرڻ ۽ ان جي تعليم ڏيڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڪين پنهنجي دؤر جو ادراڪ حاصل هجي. ڪين اها خبر هجي تہ زندگي جي دريافت جو سلسلو عمرانيات ۽ سائنس جي علمن ۾ ڪيستائين پهچي چڪو آهي. ان ڪانسواءِ ادب جي تعليم پنهنجي دؤر سان هم آهنگ نہ ٿي سگهندي ۽ نہ ان ۾ وڏي تخليق ممڪن آهي.

شين جي حقيقت ۽ فطرت جي




قانونن جي اپياس وسيلي زندگيءَ جي ڪليت ۽ هيڪڙائيءَ جي تصور تائين پهچڻ ۽ علمن ۽ فنن جي مختلف شعبن ۾ زندگيءَ جي باري ۾ ادراڪ ۽ انڪشاف جو جيڪو سلسلو جاري آهي ان کي نظر ۾ رکڻ تعليم جو بنياد آهي، ان ڪانسواءِ هر شعبي ۾ ان جي جزن پڙهائيندڙ درس ڏيڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ جا طريقا امتيازي حيثيت حاصل ڪري وٺندا آهن. هتان کان ئي ادب جي تعليم ٻين شعبن جي تعليم کان جدا ٿي ويندي آهي. جيڪا ادبي تخليقن ۽ مٿانهين درجي جي تحقيقي ڪتابن جي ذريعي هڪ منفرد ۽ مخصوص مزاج اپنائي روشنيءَ جي ان دائري تائين پهچڻ گهري ٿي، جيستائين پهچڻ جي ڪوشش علم جي هر شعبي جو ماڻهو ڪندو آهي، پر ادب جي تعليم ثمر جي طور تي تهذيب ۽ ثقافت جو اهو تصور عطا ڪندي آهي جنهن کان ٻين شعبن جا شاگرد محروم رهجي ويندا آهن.

ان ڪانپوءِ اسان کي سمجهڻو پوندو ته تعليم جي معيار کي بهتر يا گهٽ درجي وار ونڊائيندڙ شئي ڪهڙي آهي ۽ هر شعبي جي تعليمي ضرورت پڙهائيندڙن کي پرکڻو پوندو. ادب جي تخليق جو مسئلو هجي يا تعليم جو، ٻنهي صورتن ۾ ڪجهه ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو.

ادب پڙهائيندڙ جي پهرين ذميداري ان ڪانسواءِ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته هو جنهن سماج ۾ ادب جي تعليم ڏئي رهيو آهي، ان بابت ڪيس چڱيءَ طرح خبر هجي ته سندس سماج کي ادب سان ڪيتري حد تائين ۽ ڪهڙي نوعيت جي دلچسپي آهي، ڇاڪاڻ ته ان ڪانپوءِ ئي هو تعليم جا بهتر طريقا سوچي ۽ انهن تي عمل پيرا ٿي سگهي ٿو. ڪيس پنهنجو پاڻ کان به پڇڻو پوندو ته ادب جي جزوي ڳالهين سان گڏوگڏ ان جي روح جي ڪيس پاڻ کي ڪيتري قدر ڄاڻ آهي، ڇاڪاڻ ته ادب جي روح کان اڻ ڄاڻ ماڻهو شاگرد کي جزوي ڳالهين جي ڪاڪ محل ۾ گم ڪري ڇڏيندو. ڪيس رڳو ماضيءَ جي ڪلاسيڪي ادب کان واقفيت نه هجڻ کپي پر ڪيس اهو به اهو به ڄاڻڻو پوندو ته ڪيس پنهنجي زماني ۾ ادب تخليق ڪندڙن جي دلچسپيءَ جا موضوع ڪهڙا آهن ۽ ڪهڙا موضوع ترڪ ٿي چڪا آهن. ادب جي پرچار جي معيار، ادبي نشرو اشاعت جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙن جي پسند ۽ ناپسند، سندن ادبي ۽ ڪاروباري دلچسپن کان آگاهه ٿيڻ سندس لاءِ ايترو ئي اهم ٿيندو جيترو ڪلاس روم جي شاگردن بابت واقفيت ۽ ساڻن ويجهڙائي ضروري آهي. سندس علم انهن سڀني تعصبن بابت نهايت ڪشادو ۽ انهن تعصبن خلاف سندس حوصلو وڏيڪ اونچو هجڻ گهرجي جيڪي سندس اندر ۽ ٻاهر موجود آهن ۽ جن جي موجودگيءَ ۾ ادب جي سمجهه پيدا ناهي ٿيندي، مثال طور ٻوليءَ کي وٺو جيئن ته ٻين علمن ۽ فنن وانگر ادب جي تخليق جو وسيلو پڻ ٻولي آهي ۽ ٻوليون اڻ ڳڻيون آهن، تنهنڪري ٿي سگهي ٿو ته هڪ ٻوليءَ جو ماڻهو ٻي ٻولي کان نفرت رکندو هجي. ان صورتحال جي موجودگيءَ ۾ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ادب زندگيءَ جو هڪ شعبو آهي ۽ دنيا جي مختلف ٻولين وچ ۾ هڪ اڻ ورهائجندڙ هيڪڙائي طور موجود آهي.

ادب جي استاد لاءِ ڪنهن وقت به اهو ممڪن ڪونهي ته هو ادب جي معيار کان هيٺ لهي ڪاروباري ذهنيت جو شڪار ٿي وڃي، جنهن مان معاشري جي عام ماڻهوءَ کي ڪيڏڻ سندس مقصد هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪاروباري ذهنيت زندگيءَ جي هر نصب العين کي گهٽي ٻوساٽي ڇڏائي ٿي ۽ ماڻهوءَ کي معيار جي ڳولا مان ڪڍي حرص ۽ هوس ۾ مبتلا ڪري ۽ ذهني طور پست بنائي ڇڏي ٿي. جڏهن ته ادب نالو ئي زندگيءَ جي بهتر معيار جي ڳولا جو آهي، ان ٻهاني هو روايت جو احترام ڪندو ۽ تجربي جي سچائيءَ سان جهول ڀريندو آهي. استاد جيڪڏهن ادب جي

حقيقت کان آگاهه نه هجي ته هُو پنهنجي ان ڪردار جي حفاظت نٿو ڪري سگهي جيڪو ادبي شعور حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندس شاگردن جي رهنمائي ڪري ٿو. استاد ڪجهه مدي خارج اخلاقي قدرن جي پيروي ڪري معاشري کي رڳو علم ۽ ادب کان دور ناهي ڪندو پر ڪيس پاڻ وانگر بي روح پڻ بنائي ڇڏيندو آهي ۽ پنهنجي نالائقيءَ جو سمورو بار ايندڙ نسلن تي وجهندو آهي.

ادب قديم هجي يا جديد زنده روايتن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو ذريعو آهي. تنهنڪري ادب جو تخليق ڪار هجي يا استاد انهن ئي روايتن جي حوالي سان سڃاتو ويندو آهي. اديب سماج جي گهري اپياس ۽ حقيقتن کان واقف ٿي روايت جي خزاني ۾ پنهنجن سچن تجربن جو واڌارو ڪندو آهي ۽ استاد زنده روايتن جو نگران هوندو آهي. ادب جي استاد کان جيڪڏهن پڇيو وڃي ته هن پنهنجي شاگردن کي ڇا پڙهايو آهي يا هُو ڇا پڙهائيندو؟ ته سندس مختصر جواب اهو هجڻ کي ته هن پنهنجي قوم جي پٽن کي زنده روايتن جي تعليم ڏني آهي. زنده روايت جي محبت ۽ ان جي ڄاڻ استاد ۽ شاگرد ٻنهي کي هوريان هوريان پنهنجي اندر ۽ ٻاهر جي تعصبن سان وڙهڻ سيکاريندي آهي.

ادب جي استاد کي جيڪڏهن ٻين (قومن ۽ ٻولين) کان جيڪڏهن ڪجهه سکڻو آهي ته اهو سکي ته پنهنجو ادب ڪيئن پڙهايو ويندو آهي. اسان کي پنهنجي ڪلچر ۽ تهذيب جي تعليم ڏيڻي پوندي جهڙيءَ ريت انگريز يا فرينچ يا ڪا ٻي قوم پنهنجي ثقافت جي حفاظت ڪري ٿي اهڙيءَ ريت اسان کي به پنهنجي تهذيب جي حفاظت ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اسين ائين نه ڪري سگهياسين ته پوءِ پنهنجي تعليم جي پيٽ ڀين سان ڪرڻ بيڪار آهي. دراصل ڪوبه شخص رڳو غالب، مير، سر سيد ۽ اقبال کي پڙهائي اردو ادب جو سچو استاد نٿو بڻجي سگهي، ڪيس اديبن ۽ شاعرن جي تخليقن جي بهاني انهن قدرن تائين پهچڻ لاءِ لاءِ شاگردن جي ذهني سفر کي هموار ڪرڻو پوندو آهي، جن کي مجموعي طور دور جو روح چيو ويندو آهي.

پڙهائيندڙ کي کپي ته ادبي تخليقن جي اپياس سان دلچسپي رکڻ ڪانسواءِ خيال ۽ فڪر جي ان بلنديءَ تائين پهچي سگهندو هجي جنهن کي اديب پنهنجي تخليقي سگهه جي مدد سان اجاريو آهي، گڏوگڏ هو پاڻ به کي اهڙا ڪم ڪندو هجي جن سان سندس پنهنجون تخليقي صلاحيتون قائم رهن، ته پوءِ ته ٺيڪ آهي، نه ته ڪجهه عرصي بعد سندس شخصيت جذب ۽ قبول جي صلاحيت کان وانجهيل بڻجي ٻين جي تخليق ڪيل ادب کي به سمجهڻ جي قابل ناهي رهندي، اتفاق سان اسان جي تعليمي ادارن ۾ ادب جي استادن جي جيڪا حالت آهي اها ڪلچر جي نالي تي ادب سان عدم دلچسپي ۽ تحقيق جي نالي تي غير ادبي لکڻين جي پيٽ ۾ ادبي ۽ شعري تخليقن کي هيٺانهين سطح جي خيالن جي آبياري ڪندڙ سمجهڻ جو لاڙو آهي. انهن ۾ ڪجهه اهڙا به آهن جيڪي ٿورو گهڻو ڪم ڪري وٺن ٿا ۽ ڪيريئر بنائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجن تحقيقي مقالن ۽ معمولي تاريخي ڄاڻ مهيا ڪن ٿا. وٺن ادب جي ڄاڻ تمام گهٽ ۽ ادبي درجي جي ڄاڻ سان، پي ايچ ڊي جو مقالو تيار ڪري ڪيريئر بنائڻ جو لاڙو تمام گهڻو آهي، اتفاق سان بااثر ماڻهو ان لاڙي کي هوا ڏيڻ ۾ پيش پيش آهن. نتيجي ۾ خود ادب جي شعبي ۾ ادب کان بيزاري، نفرت ۽ اڻ ڄاڻائي هڪ خطرناڪ بيماريءَ وانگر پکڙجي وئي آهي. دراصل ادب جي استاد جي ذميواري خاص طور هڪ اسرندڙ ملڪ ۾ تمام وڏي آهي. ڪيس زندگيءَ کي هڪ وحدت ۽ هيڪڙائي طور قبول ڪرڻو پوندو. ڪيس پنهنجي ديس جي ماڻهن کي جذبات پٽي مان ڪڍي ضبط ۽ توازن جي رستي تي آڻڻو پوندو ۽ پنهنجي معاشري جي فردن کي هڪ اهڙو متحرڪ ڪلچر جي تعليم ڏيڻي پوندي جنهن جي سندس اديبن ۽ شاعرن پنهنجي تخليقن ۾ تعليم ڏني آهي.

ماضيءَ جي شاعرن زندگيءَ جي سونهن ۽ خوشيءَ جي احساس کي ان وقت زنده رکيو جڏهن اسان جو سماج هن ڳالهه کان غافل هو ته انسان جو سڀ کان وڏو نصب العين زندگيءَ جي سونهن، ڄاڻ ۽ خوشيءَ آهي، انهن ٽنهي جي بهترين ميلاپ مان هو شعر تخليق ڪندو آهي جنهن جي پڙهائڻ جي ذميواري ادب جي استاد تي لاڳو ٿئي ٿي.

ادب جو استاد تمام گهڻو پڙهيل لکيل ٿي سگهي ٿو پر سڀني علمن جي ڄاڻ ڪرڻ سندس لاءِناممڪن آهي، سڀني علمن جي جزوي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ڪا معنيٰ نٿي رکي ۽ ڪيس فقط ادب پڙهائڻ کپي. ڪيس شاگردن کي ان ڪيفيت کان روشن ڪرائڻ گهرجي جيڪا سندن روحن کي زندگي گذارڻ جي بهتر معيار جي ڳولا تي آماده ڪري. ڪيس فقط ادب جي ٻولي پڙهائڻ گهرجي ۽ ٻوليءَ جي ان معنويت کان شاگردن کي آگاهه ڪرڻ گهرجي جيڪا اسان کي محسوسات جي رستي لفظن جي دائري مان ڪڍي زندگيءَ جي اونهي بصيرت تائين وٺي وڃي ٿي. انهيءَ تي ئي انساني تهذيب جي عالمي شان عمارت جي پيڙهه رکي وئي آهي ۽ انهيءَ معنويت جو نالو ادب آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ نيشنل ڪمانڊ اٿارٽي (اين سي اي)
جي سربراهه ڊاڪٽر انصر پرويز جي قيادت ۾ تربيت هيٺ وفد سان ملاقات ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ ڪمانڊ ڪوسٽ (COM.COAST)
ڪراچي ريئر ايڊمرل جاويد اقبال سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ وزير اعليٰ هائوس ۾ بحرين جي
نئين قونصل جنرل عبدالله احمد بقاوس سان ملاقات ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ، وفاقي وزير آءِ ٽي سيد امين الحق، سنڌ جو چيف سيڪريٽري سهيل راجپوت ۽
وفاقي ايڊيشنل سيڪريٽري آءِ ٽي محسن مشتاق صوبي ۾ آپٽڪ فائبر ڪيبل وڇائڻ لاءِ پي ٽي سي ٽي ۽
يونيورسل سروس فنڊ وچ ۾ صحيحن جي تقريب جي موقعي تي موجود آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وزير اعليٰ هائوس ۾ ڪنور نويد جميل جي قيادت ۾
ايم ڪيو ايم جي وفد سان ملاقات ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ريلوي ۽ هوابازيءَ واري وفاقي وزير سعد رفيق ۽ سندس ٽيم سان
وزير اعليٰ هائوس ۾ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ڪورنگي (ڪراچي) ۾ سينٽر فار آٽزم ري هيبليٽيشن اينڊ ٽريننگ (C_ART)
ڏيان جي گهٽتائيءَ جي هائپريڪٽيسي ٻس آرڊر (ADHD) جي افتتاح لاءِ تختيءَ جي نقاب ڪشائي ڪندي.
وزير اعليٰ جو صلاحڪار منظور حسين وسان ۽ خاص معاون صادق ميمڻ پڻ ساڻس گڏ بيٺل آهن.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي اسيمبليءَ ۾ ساليانو بجيٽ پيش ڪندي.

# گهاڙ واه ڪنهن کوٽايو؟

## (تاريخي تحقيق جي روشنيءَ ۾)

**مهدي شاه**

تاريخ جو اڀياس بهترين اڻڌري تعليم لاءِ سڄي دنيا ۾ بنيادي عنصر جي حيثيت رکي ٿو. اسان ڪير آهيون ۽ دنيا ۾ اسان جو ڪهڙو مقام آهي؟ اهو ڄاڻڻ لاءِ تاريخ جي مطالعي کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪونهـ آهي. تاريخ ،علم جي هڪ اهڙي شاخ آهي، جنهن ۾ ماضيءَ جو مطالعو ڪيو ويندو آهي. ٻين لفظن ۾ ڪٽي ائين چئجي تہ تاريخدان ماضيءَ جو مطالعو ڪري ان جي تشريح ڪندا آهن. ائين ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ هو ماضيءَ جي باري ۾ ثبوتَ ڳولهي لهن ۽ اهڙن ثبوتن بابت سوال اٿاري غور هيٺ آيل ماڻهن ، واقعن ۽ جڳهن بابت وقت جو تعين ڪن. جيئن تہ ڪنهن اڪيلي تاريخدان لاءِ اهو ممڪن نہ آهي تہ هو سمورن ماڻهن، واقعن ، جڳهن ۽ دورن بابت تاريخ جو مطالعو ڪري ان جي تشريح ڪري سگهي.انهي ڪري هڪ رٿابنديءَ تحت قابل تاريخدانن جي گهڻائي اهو ڪم بهتر طريقي سان ڪري سگهي ٿي.

انهيءَ کان سواءِ اسان تاريخ جي اڀياس مان ماڻهن ۽ سماج کي سمجهي سگهون ٿا . گڏوگڏ اهو بہ سمجهي سگهون ٿا تہ اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا اهو ڪهڙن حالتن جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو آهي. تاريخ مان اسان کي پنهنجي سماج جي اخلاقي قدرن جي سڃاڻپ بہ ٿئي ٿي تہ قومي تشخص جي پروڙ بہ پوي ٿي.مطلب تہ بهترين شهريت لاء تاريخ جو مطالعو بنيادي حيثيت رکي ٿو.

سوال پئدا ٿئي ٿو تہ تاريخ مان اهڙي ساڃاهہ ۽ سرت ڪيئن حاصل ڪجي؟

ان لاء تحقيق جو سائنسي رستو ئي اسان کي ماڻهن، واقعن، ماڳن ۽ دؤرن بابت درست معلومات تائين پهچائي سگهي ٿو.

تاريخ تي تحقيق جا ڪهڙا ميڃيل ۽ مقرر ڪيل بين الاقوامي معيار آهن؟ واري سوال جي جواب ۾ سائنسي تحقيق جا هنيان اصول ملن ٿا.

1 . موضوع يا عنوان جي چونڊ ڪري، تحقيقي مسئلو يا سوال مقرر ڪرڻ.

2 . مقرر ڪيل / تحقيقي مسئلي يا سوال لاء مواد جي ذريعن / ماخذن جي ڳولا ڪرڻ.

3 . دستياب ٿيل تاريخي ذريعن / ماخذن جي ڪٽ ڪرڻ.

4 . چونڊيل مواد / معلومات جو ڇيد، ترڪيب ۽ سمجهاڻي جو خلاصو لکڻ.

5. دليلن جي روشنيءَ ۾ مقرر ڪيل تحقيقي سوال يا مسئلي جي جواب يا حل واري رپورٽ تيار ڪرڻ.

افسوس سان لکڻو پوي ٿو تہ هن وقت تائين سنڌ جي تاريخ تي تحقيق لاء مقرر ڪيل بين الاقوامي سائنسي اصولن مطابق



**مهدي شاه**
**(تاريخدان، محقق، آرڪيالاجسٽ)**

تحقيق جو ڪم ضرورت کان تمام گهڻو گهٽ ٿيو آهي. جنهن سبب هن وقت تائين اسان وٽ ماڻهن، واقعن، ماڳن ۽ دورن بابت اڻپوري، غيرمستند ۽ بي بنياد معلومات پهچي سگهي آهي. الميو اهو آهي تہ نہ رڳو تاريخ پر زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ غير ذميوارانہ روش جو شڪار ٿي رهيا آهيون. جنهن جو نقصان اهو ٿيو آهي تہ اسان جو سماج گهربل ترقي ڪرڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن زوال ۽ ڏيوالپڻي جي ور چڙهي رهيو آهي.

سنڌ جي آبپاشي جي تاريخ تي تحقيق واري معاملي ۾ بہ تحقيق جي سائنسي اصولن جي پوئواري نہ ڪرڻ سبب درست نتيجن بجاءِ غير صحتمند راءِ کي هٿي ملندي

رهي آهي. ان سلسلي ۾ مانائتي 'احمد سومرو' جو" ڪلهوڙا دؤر کان اڳ سنڌ جو آبپاشي نظام" بہ تحقيق جي سائنسي اصولن کان هٽيل هئڻ سبب درست نتيجن کان خالي آهي. سنڌ جي آبپاشي نظام بابت ذڪر ڪيل ليک ۾ سامهون آيل نتيجا پهريون پيرو ڪونہ ڪيا ويا آهن. پرهن کان اڳ تاريخدانن ۽ محققن " ڪلهوڙن کي آبپاشي نظام" جو باني ڪري پيش ڪيو آهي. خاص طور '' گهاڙ واهہ '' کوٽائڻ جو اعزاز ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جي ڪاتي ۾ وڌو ويو آهي. هتي چند ڏيهي ۽ پرڏيهي تاريخدانن جا مثال پيش ڪجن ٿا، جن جي بيانن جي ڪري ڪلهوڙن لاءِ آبپاشي نظام جي باني هجڻ واري راءِ مشهور ٿي آهي. هن سلسلي ۾ جنرل هيگ جو بيان آهي تہ ''اهي (ڪلهوڙا) پهريان ماڻهو هئا، جن لاڙڪاڻي واري علائقي ۾ گهاڙنالي واهہ کوٽايو."

خانبهادر خداداد خان مطابق،

"ميان الياس جي وفات کانپوءِ ان جو پاءَ شاهلي عرف شاهل محمد پنهنجي موروثي مسند تي ويٺو. هو وڏو پرهيزگار هو. مشهور آهي تہ "گهاڙواهہ" نالي وڏو واهہ، جو لاڙڪاڻي شهر وٽان وهي ٿو سندس کوٽايل آهي."

رحيمداد خان مولائي شيدائي، ميان شاهل محمد متعلق بيان ڪندي لکيو آهي تہ "ميان صاحب گهاڙواهہ کوٽرايو."

مٿين ٽنهي بيانن مان "جنرل هيگ" جي بيان ۾ "گهاڙواهہ" کوٽائڻ جو اعزاز تہ ڪلهوڙن کي ڏنو ويو آهي پر اهو چٽو نہ آهي تہ ڪهڙي ڪلهوڙي" گهاڙواهہ" کوٽايو. خانبهادر خداداد خان، پنهنجي بيان ۾ ميان شاهل محمد پاران "گهاڙواهہ" کوٽائڻ واري ڳالهہ ڪندي، "مشهور آهي تہ" لفظن جو استعمال ڪري، راءِ جي مستند يا غيرمستند هجڻ لاءِ گهٽي گنجائش ڇڏي آهي. البتہ مولائي شيدائي، جي بيان ۾ گهاڙواهہ کوٽائڻ جو اعزاز سڌو سنئون ميان شاهل محمد کي ڏنو ويو آهي. مٿين محققن کان سواءِ گولڊ سمڊ، ايٽڪن ۽ ڊيوڊ سيٽن، ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جي حوالي سان هڪ واهہ کوٽائڻ جو ذڪر ڪيو آهي پر انهن چٽيءَ طرح اهو نہ لکيو آهي تہ اهو واهہ "گهاڙواهہ" هو.

'احمد سومرو' پنهنجي ليک ۾ 'گهاڙ واهہ' لاءِ ماهرن جي راءِ مطابق هن واهہ کي قدرتي واهہ سڏيو آهي، جيڪو ڪاڇي مان وهي اچي سنڌوءَ ۾ پوي ٿو.

جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ هن واهہ جو ڪاڇي سان ڪو تعلق ڪونہ آهي، نہ



ئي هي واهه سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪري ٿو. انهيءَ ڪري 'احمد سومرو' جي هيءَ راءِ بلڪل غلط آهي. هن کان اڳ 'ايچ. ٽي لئمبرڪ' لکيو آهي ته،'' گهاڙ ۽ اولهندي ناري جهڙا واهڻ انهن مهان واهڻن تي ڪاٽيءَ جي مٽيءَ جي ڪنڌين جي نہ هجڻ ۾ سندن ورن وراڪن مان ئي پڌرو آهي تہ اهي پنهنجو پاڻ ٺهيا آهن.''

پراڻي ڦٽل گهاڙ واهه جا نشان اڄ بہ موجود آهن ۽ واهه جي ٻنهي پاسن کان مٽانهين ڪنڌين جا نشان پڻ موجود آهن. انهيءَ ڪري گهاڙ واهه بابت 'لئمبرڪ ' جي پنهنجو پاڻ ٺهڻ واري راءِ بہ بي وزن آهي.

گهاڙ واهه ڪلهوڙن ڏانهن ڇو منسوب ٿيو؟

'گهاڙ واهه '' ڪلهوڙن خاص طور شاهل محمد ڪلهوڙي ڏانهن ڪيئن منسوب ٿيو؟ واري سوال جي جواب ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ.

پاڪستان ٺهڻ کان اڳ تائين سنڌ جي تاريخ جا ماخذات ، 1.تاريخ معصومي( ۱۰۰۹هه_ 1600ع )،2. تاريخ طاهري( ۱۰۳۰هه _ 1621ع) ، 3. بيگلارنامو (۱۰۳۴هه _ 1625ع) ، 4.ترخان نامو(۱۰۶۵هه _ 1654ع) ، 5. تحفة الڪرام( ۱۱۸۱هه _ 1767ع) رهيا آهن.

سنڌ جي تاريخ جي مٿين بنيادي ماخذن مان فقط ''تحفة الڪرام'' ۾ ئي ڪلهوڙن جو ذڪر آهي. مير علي شير قانع، کي غلام شاه ڪلهوڙي ، پنهنجي خاندان جي تاريخ نويسيءَ لاءِ پاڻ وٽ رکيو هيو. اهڙي مقرريءَ ڪانپوءِ 1175هجري مطابق 1761_62ع ۾ هن "تحفة الڪرام" لکڻ شروع ڪيو ۽ 1181هجري مطابق 1767_68ع ۾ لکي پورو ڪيو. مير علي شير قانع ، '' تحفة الڪرام'' ۾ شاهه علي عرف شاهل محمد لاءِ لکيو آهي تہ.

'' ناله لادڪانه ڪنده آنهاست.او هر دو روي ناله ، زمين را از قوم سانگي و ابره ڪشيده ، در اولاد و برادران قسمت ڪرده.''

ترجمو: لاڙڪاڻي وارو واهه ڪوٽاياڻين، ۾ واهه جي ٻنهي پاسن واريون زمينون سانگي ۽ ابڙا قوم کان ڪسي پنهنجي اولاد ۾ پائرن ڪي ڏنائين.

هندستان جي ورهاڱي کان اڳ يوربي تاريخدانن ''گهاڙ واهه'' کي ڪلهوڙن جو ڪوٽايل واهه قرار ڏئي ڇڏيو.جنهن کان پوءِ ان راءِ جي پيرويءَ وارو سلسلو تا حال جاري آهي.

1957ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، '' تحفة الڪرام'' جو مخدوم امير احمد وارو سنڌي ترجمو پهريون ڀيرو ڇاپي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ اصل فارسي متن کي ايڊٽ ڪري هن طرح لکيو ويو:

'' لاڙڪاڻي جو[گهاڙ] واهه سندس ڪوٽايل آهي.''

وڏين ڏنگين ۾ اصل متن ۾ ''گهاڙ'' جو اضافو ڪيو ويو.انهيءَ ڪانپوءِ 1971ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ '' تحفة الڪرام'' (فارسي) شايع ڪيو جنهن جا حاشيا سيد حسام الدين راشديءَ لکيا.

'' تحفة الڪرام'' جو هي ڇاپو 'راشدي ايڊيشن' جي نالي سان مشهور آهي. راشدي صاحب، شاهل محمد ڪلهوڙي واري لاڙڪاڻي واري واهه لاءِ حاشيا ۾ لکيو تہ.

''ناله لارڪانہ: يعني گهاڙ واهه Ghar Wah ڪہ در سال 1930خشک شد و آثار آن باقيست.''

مطلب تہ لاڙڪاڻي وارو واهه يعني گهاڙ واهه جيڪو 1930۾ سڪي ويو ۽ ان جا نشان بچيا آهن.

''تاريخ مظهر شاهجهاني'' جي دستيابي:

هندستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ ناياب تاريخي ماخذ جو اضافو ٿيندي ملي ٿو. جنهن جو نالو ''تاريخ مظهر شاهجهاني'' آهي.هن ڪتاب کي دريافت ڪندڙ سيد حسام الدين راشدي ، هن تاريخي ماخذ لاءِ لکيو آهي تہ.

''اهوحسن اتفاق هو يا ائين ڪٺي چئجي تہ خوشگوار حادثو هو جنهن مون کي ''مظهر شاهجهاني'' جهڙي نادر روزگار سنڌ جي تاريخ کان روشناس ڪرايو جنهن جو پتو گذريل ٽي سوسالن ۾ ڪنهن بہ عالم کي ڪونہ پئجي سگهيو ۽ خود ''سر هينري ايليئٽ'' جهڙو باوسائل مستشرق بہ ان جي زيارت کان محروم رهيو، جنهن پنهنجي تصنيف '' تاريخ هند '' جي سلسلي ۾ ڪتابن هٿ ڪرڻ لاءِ هندوستان ۽ يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ جاڪوڙي هئي.''

راشدي صاحب، جي ان بيان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ويهين (20) صديءَ جي پڪي اڌ تائين سنڌ بابت ٿيل ديسي بديسي محققن جي بنيادي مآخذن ۾ ''تاريخ مظهر شاهجهاني'' شامل ڪونہ آهي.

"تاريخ مظهر شاهجهاني" جي 1962ع واري پهرين فارسي ڇاپي کان اڳ " سراج الحق" 1957ع ۾ ڊاڪٽر ايس.پي. چبلاڻي جي ڪتاب.( Economic Conditions in Sindh 1592_1843 A.D) جو سنڌي ترجمو"سنڌ جي اقتصادي

تاريخ” جي نالي سان ڪيو. جنهن جو نئون ڇاپو 1995ع ۾ ” سنڌي ادبي بورڊ” پاران شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب جي تمهيد ۾ ڊاڪٽر ايس. پي ڇبلاڻي سنڌ جي بنيادي معلومات جي ذريعن ۽ ان جي خامين جو پٽڙو پٽيندي لکيو آهي ته،


“انهيءَ دور (1592_ 1843) جي اقتصادي زندگيءَ جي صحيح تصوير چٽڻ لاءِ ضروري مواد گڏ ڪرڻ ڪنهن به طرح سولو نه آهي. سنڌ جي انهن ڏينهن جي سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن جو اعتبار جوڳو رڪارڊ تمام ٿورو آهي. ساڳي حالت هندوستان جي ٻين صوبن سان به لاڳو آهي، انهيءَ دور سان لاڳاپو رکندڙ، سنڌ جون ست مشهور تاريخون آهن: “ تاريخ معصومي” ، “ تاريخ طاهري” ، “بيگلارنامو” ، “ ترخان نامو” ، “ تحفةالڪرام” ، “فتح نامو” ۽ “فريئر نامو”. پر سنڌ جي تاريخ نويسن هميشه حاڪمن جي درٻار جي سرپرستيءَ هيٺ لکيو. انهيءَ ڪري، انهيءَ طبقي جي ذهنيت مطابق، هنن فقط حڪومت ڪندڙ خاندان جي ڪارنامن ۽ مشهور معروف درويشن جي ڪرامتن کي لکت ۾ آڻڻ کي ئي ترجيح ڏني. هنن ڌرتيءَ جي اصلوڪن سپوتن، هارين نارين، ڪمين ڪاسبين، استادن ۽ ڪاريگرن جي غريباڻين زندگين ۽ ڏنڌن سان ڪو واهپو نه رکيو. انهن غريبن جا سادا ۽ مختصر احوال، جيڪڏهن ڪٿي ڏسجن ٿا، تڏهن به اڻ پورا ۽ غير اطمينان بخش آهن.”


‘ايس. پي ڇبلاڻي’ جي ان بيان مان ظاهر آهي ته هن جڏهن سنڌ جي اقتصادي تاريخ لکي ته ان وقت هن کي مجبورن سنڌ جي تاريخ جي دستياب بنيادي ۽ مقامي ماخذن تي ڀاڙڻو پيو جنهن ۾ “تاريخ مظهر شاهجهاني” شامل نه هو.

‘‘تاريخ مظهر شاهجهاني’’ مغل دور جي مشهور امير ، مير ابوالقاسم نمڪين (جيڪو مغلن پاران بکر ۽ سيوهڻ جو ناظم رهيو)جي ٻئي نمبر پٽ‘‘يوسف ميرڪ’’ جي تصنيف آهي. هن هي تاريخ جو ڪتاب 19 محرم 1044هجري مطابق5 جولاءِ 1634ع ۾ مڪمل ڪيو. هن ڪتاب جا ٻه حصا آهن، حصو پهريون ۽ حصو ٻيو. سيد حسام الدين راشدي ، هن ڪتاب جي حصي ٻئي جي تصحيح ، مقدمو ۽ حاشيه لکيا آهن. فارسي زبان ۾ هي تاريخ ، سنڌي ادبي بورڊ پاران پهريون ڀيرو 1962ع ۾ شايع ٿي. ‘‘تاريخ مظهر شاهجهاني’’ جو فارسيءَ مان سنڌي ترجمو نياز همايوني ڪيو. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پاران 1979ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ڪيو ويو. ‘‘تاريخ مظهر شاهجهاني’’جي سنڌي ڇاپي ۾ سڄي دنيا ۾ مڃيل اسڪالر ايم .ايڇ پنهور جي جاگرافيائي ڏسٽي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ قبيلن جو نقشو 1500ع کان 1700ع تائين شامل ڪيو ويو. ‘‘تاريخ مظهر شاهجهاني’’جي اهميت بابت سيد حسام الدين راشدي راءِ ڏيندي لکيو آهي ته، ‘‘ جنهن دور ۾ ‘‘مظهر شاهجهاني’’ تاليف ٿي ، ان دور ۾ سنڌجي تاريخ تي سنڌ ۾ هيٺيان ڪتاب لکيل هئا، جن جي اسان کي هن وقت تائين خبرپئجي سگهي هئي:

1.تاريخ سنڌ،مير معصوم بکري ( 1009هه/1600ع)

2.تاريخ طاهري ، محمد طاهر نسياني (1030هه/1621ع)






3.بيگلرنامہ ادراڪي بيگلاري (1034هہ/1625ع)

4.ترخان نامہ سيد مير محمد ٺٽوي(1065هہ/1654ع)

مير معصوم جي تاريخ ۾ مغلن جي سنڌ جي فتح تائين جا واقعات ڏنا ويا آهن.باقي تاريخون توڙي جو سنڌ تي مغلن جي قبضي واري عرصي دوران ۽ مير معصوم جي تاريخ (معصومي) کان پوءِ لکيون ويون پر اهي سنڌ تي ارغون ۽ ترخان تسلط واري دور جون تاريخون آهن. خاص طور مغل دور تي هن وقت تائين اسان کي ڪابہ اهڙي تاريخ نہ ملي سگهي هئي، جنهن مان ان زماني جي سياسي ۽اندروني صورتحال جو پتو لڳائي سگهجي.ان لاءِ مجبورن اسان کي مغليہ دور جي انهن عام تاريخن جو سهارو وٺڻو پوندو هوجن۾سنڌ بابت اٽي ۾لوڻ برابر حالتن جو ذڪر لکيل آهي، جيڪو سنڌ تي مغليہ تسلط جي پهرين اڌ صدي جي حالتن تي تفصيل سان روشني وجهي ٿو.هن ڪتاب جي هٿ اچڻ سان اهو مونجهارو ۽ اها دشواري ۽ گهاري جيڪا سنڌ جي تاريخ جي تسلسل ۾ هئي ، دور ٿي وئي.لکڻ واري سال جي لحاظ کان هي ڪتاب مٿي ذڪر ٿي آيل تاريخن جي سلسلي ۾ بيگلاري ۽ ترخان نامي جي وچ ۾اچي ٿو.چوتہ ڪتاب 1039 ۽ 1044هجري جي وچ ۾ مڪمل ٿيو."

. ''تاريخ مظهر شاهجهاني'' جي سنڌيڪار ،نامياري عالم 'نياز همايوني' ڪتاب لاءِ راءِ ڏيندي لکيو آهي تہ "شڪايتن هوندي بہ اسان هن فاضل مورخ عالم ۽ انشا پرداز جا تهدل سان شڪر گذار آهيون، جيڪو مغل شاهيءَ جي پهاڙسان سر ٽڪرائيندڙ غيرتمند، بهادر ۽ وطن دوست سنڌين جو طويل تر داستان (ڪنهن بہ ريت) قلمبند ڪري چڪو آهي."

ايم.ايچ.پنهور لکيو آهي تہ "مظهرشاهجهاني" سنڌ جي سترهين صديءَ واري دور جو ڄڻڪ هڪ گزيٽيئر آهي.جنهن ۾ انتظامي سرڪاريون ، پرڳڻا ، ڳوٺ ، رستا، قبيلا، فصلن جا قسم، محصول جا انگ اکر ، عوام ۽ حڪومت جا هڪ ٻئي سان لاڳاپا وغيره بيان ڪيل آهن."

''تاريخ مظهر شاهجهاني''بابت مٿين بيانن جي روشنيءَ ۾ائين ڪٿي چئجي تہ هي سنڌ جي تاريخ جو اهو گم ٿيل ماخذ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ اهم دور جي ماڻهن ، واقعن ۽ جڳهن جي تاريخ جو اهڙو مواد يا معلومات موجود آهي، جنهن جي اڀياس سان ان دور جي تاريخ کي درست صورت ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. خاص طور ''تاريخ مظهر شاهجهاني'' جي همعصر دور (1038هجري مطابق 1628ع) ۾مير ابڙي جي درياهہ مان وڏو ۽ ويڪرو واهہ کوٽائڻ واري دستياب ٿيل مواد جي بنياد تي سنڌ جي آبپاشي ۽ زرعي نظام بابت نئين سر تحقيق ڪري درستگي ڪرڻ کپندي هئي. پر "تاريخ مظهر شاهجهاني" کان 137 سال پوءِ لکيل تاريخ ''تحفةالڪرام'' (تصنيف 1181هہ/1767ع) جي شاهل محمد ڪلهوڙي بابت لاڙڪاڻي وارو واهہ کوٽائڻ واري بيان کي بنياد بڻائي تحقيق ڪرڻ کانسواءِ ،گهاڙ واهہ کوٽائڻ جو اعزاز ڪلهوڙن خاص طور شاهل ڪلهوڙي جي ڪاتي ۾ وڌو ويو، جنهن سبب گهاڙ واهہ کوٽائڻ واري ڳاله ڪلهوڙن ڏانهن منسوب ٿي وئي.

"گهاڙ واهہ" ڪنهن کوٽايو؟

هن سوال جي جواب ۾ معلوم ٿئي ٿو

تہ سنڌ جي تاريخ جي متي ذڪر ڪيل بنيادي ماخذن مان هڪ ماخذ ”تحفة‌الڪرام“ (تصنيف سال 1181هجري مطابق 1767/1768ع) ۾ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي لاڙڪاڻي واري واهہ جو ذڪر ملي ٿو.

ميان الياس جي وفات 1035هہ/ 1625ع کانپوءِ ميان شاهل محمد ڪلهوڙو پنهنجي پاءُ جي مسند تي ويٺو ۽ 1068هہ/ 1657ع ۾ جلال خان ابڙو ۽ جام صديق ابڙو (سانگين ۽ ابڙن) جي هٿان هڪ جنگ ۾ مارجي ويو.

”تحفة‌الڪرام“ تصنيف 1181هہ/1767ع کان 26 (ڇويهہ) سال اڳ 1155هہ/1742ع ۾ لکيل ڪلهوڙن جي تاريخ جوهڪ بيو تمام اهم ماخذ ”نامہ نغز“ آهي. هن جو مصنف باغ علي ”خائف“ آهي. ڪلهوڙن جي تاريخ جو هي اهم ماخذ اڄ ڏينهن تائين ڇپجي نہ سگهيو آهي. باغ علي ”خائف“، ميان شاهل محمد ڪلهوڙي بابت معلومات فراهم ڪندي لکيو آهي تہ:

۱- بہ بعد وفاتش کہ الياس بود،
نبير او جانشين شد بزود
۲درين ش ر دهيري مان سن وسال،
سراسر گذشت و با آخر وصال
۳کہ شا ل محمد برادر نشست
بجايش گرفت ز سابق گذشت
۴اراضي بہ سانگين و ابر بہ جبر،
گرفت و داد عزيزان گبر
۵ازين جهت جاگيرداران خفا،
بازن حکومت کشد بر خطا
۶ورفت از ج ان نام نيکي ببرد،

هما تاج باديگر بر سپرد

ميان شاهل محمد ڪلهوڙي بابت ، ”نامہ نغز“ ۽ ”تحفة‌الڪرام“ جي بيان جو تقابلي جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪلهوڙن جي ٻنهي مآخذن ۾ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي پاران ابڙن ۽ سانگين جي زمينن تي قبضي ڪرڻ جي ڳالهہ متفق طور ٿيل آهي. ”تحفة‌الڪرام“ کان 26 سال اڳ مڪمل ٿيل ڪلهوڙن جي بنيادي تاريخي ماخذ ”نامہ نغز“ ۾ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي پاران ڪنهن بہ واهہ کوٽائڻ جو ڪو ذڪر ٿيل ڪونہ آهي. جيڪڏهن ميان شاهل محمد ڪلهوڙي ڪو واهہ کوٽايو هجي ها تہ ڪلهوڙن جي درٻار جو تاريخدان باغ علي ”خائف“ سنڌي اهڙو مواد ضرور فراهم ڪري ها.

مير ابڙي جو کوٽايل واهہ:

”تاريخ مظهر شاهجهاني“ جي ٻئي حصي ۾ ”يوسف ميرڪ“ لکيو آهي تہ،“ هن ملڪ جي انن ئي پرڳڻن ۾ ڪٿي بہ زمين جي کوٽ ناهي، هتي ڪيترائي خالي پٽ بہ آهن. جيڪڏهن رعيتي ماڻهو سکيا ستابا هجن ۽ ڪين پروسو ڏياريو وڃي تہ اهي پنهنجي وس آهر درياهہ مان واهڙ ڪڍي انهن پٽن تائين پاڻي پهچائي، زمين کي آباد ڪري ٿا سگهن. جهڙيءَ ريت هن کان اڳ ڪتاب جي پهرين حصي ۾ مير ابڙي واري باب اندر بيان ٿي چڪي آهي.“

مٿئين بيان مان پتو پوي ٿو تہ ”مظهر شاهجهاني“ جي ”پهرين حصي“ ۾ ميرابڙي جي نالي سجو سارو باب ڏنل آهي. ”مظهر شاهجهاني“ جي قسم اول (پهرين حصي) لاءِ پير حسام الدين شاهہ راشدي لکيو آهي تہ. ”قسم اول ۾ رموز جهانباني، امور حڪمراني ، ملڪي ۽ انتظامي سياست جو بيان ٿيل آهي. هي حصو ”نظام الملڪ“ جي ”سياست نامي“ يا اهڙي قسم جي ٻين ڪتابن جي انداز موجب ترتيب ڏنل آهي. قسم اول (پهرين حصي) جا چار باب آهن، ان جي ٻئي باب کان سواءِ باقي سمورا باب جدا جدا فصلن تي مشتمل آهن.“


راشدي صاحب، ڪتاب جي پهرين حصي ۾ ”سنڌ جي تاريخ جو مواد“، سري هيٺ لکيو آهي تہ. ”هن ڪتاب جو ٻيو حصو سنڌ جي پوريءَ تاريخ جي واقعن ۽ حالتن سان پريو پييو آهي، پر مؤلف هن جي پهرين حصي ۾ بہ، جيڪو حڪمرانيءَ جي اصول سان تعلق رکندڙ نڪتن ۽ مسئلن تي مبني آهي، تنهن ۾ ڪن هنڌن تي مثالن ۽ دليلن طور سنڌ جا تاريخي حقائق پيش ڪري ٿو.“ راشدي صاحب، ڪتاب جي ساڳئي ئي پهرين حصي مان سنڌ جي تاريخ جو اهم مواد چونڊي پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ لکيل آهي تہ. ”جيڪڏهن رعيت خوشحال ٿي، پوريءَ محنت سان پوکي راهي ۾ لڳي وڃي، مٿس حاڪم جو ڪو بہ ظلم نہ هجي ۽ پاڻ کي صرف بادشاهہ جي رعيت ڪري سمجهي، تہ اهو ماڻهو جيڪو زور زبردستيءَ سان دل من هٽندي فقط ڏهہ جريب آباد ڪري سگهي ٿو سو پنجن سون کان هزار جريب تائين بلڪہ ان کان بہ وڌيڪ آبادي ڪندو ۽ ڏل پريندو رهندو. مون خود (يوسف ميرڪ) پنهنجي اکين سان اهڙو مشاهدو چاندڪا پرڳڻي ۾ ڪيو هو جيڪو بکر جي راڄڌاني ۾ آهي. اڳين حاڪمن جي عملداريءَ ۾ انهيءَ پرڳڻي مان ٻارهن لک تنڪا (رائج الوقت سڪو) مرادي حاصل ٿيندي هئي. جڏهن ”محمد علي بيگ بندري“، بکر جو عملدار ٿيو تہ هو رعيت جي سار سنڀال ڏانهن

پورو ڌيان ڏيندو رهيو. سندس ايامڪاريءَ ۾ ڪنهن وٽان به ڪا وڏيڪ وصولي نه ڪئي ويندي هئي.... اهو محمد علي بيگ هر هفتي ڪچهري لڳائي مصنف سان گڏ مفتين ۽ قاضين کي پنهنجي سامهون ويهاري، فريادين جا فيصلا شريعت موجب ڪندو هو جيئن ڪو به ڏاڍو ڪنهن به هيٺي سان ڪا زيادتي نه ڪري.”

“28- آڪٽوبر 1627ع تي مغل شهنشاهه جهانگير جي وفات ڪانپوءِ 1038هه/ 1627ع ۾ هندوستان تي ”شاهجهان“ جي شهنشاهيت جا ڏينهن شروع ٿي چڪا هئا. شاهجهان جي تخت نشيني کان هڪ سال پوءِ 1038هه/1628ع ۾ بکر تي ”محمد علي بيگ بندري“، جي حڪومت جي ڏينهن ۾ ”ابڙا“ قوم (قبيلي) جي هڪ زميندار ”مير“ نالي چانڊڪا پرڳڻي ۾ هڪ تمام وڏي ۽ ويڪري نهر کوٽائي، جيڪا درياهه مان پاڻي آڻي انهن علائقن ۽ ويرانين ۾ پاڻي پهچائيندي هئي. جن ۾ ڪڏهن آبادي نه ٿي هئي، نه ڪڏهن اتي زراعت (پوکي) ٿيندي هئي. انهن ويران علائقن کي شاداب ۽ سرسبز بڻائڻ کان پوءِ اتي نوان نوان شهر بڌايا ويا. مثال طور مير خان ابڙي، جوکي هرڻي؟” ۽ مُٺهه ” آباد ڪيا. ”پوپٽي“ نندي ابڙي آباد ڪيو ۽ ”ڪوٽلي“ شاهه علي ابڙي جو آباد ڪيل هو. اهڙي طرح چانڊڪا واري علائقي کي اتان جي هر قوم ۽ قبيلي آباد ڪيو جدا جدا شهر بڌا ۽ پنهنجون پنهنجون نهرون ڪڍيون. ابڙا، سانگي ۽ سميجا قبيلن وڏ ۾ وڏ حصو ورتو ڇو ته هي ٽيئي قبيلا چانڊڪا ۾ اڪثريت رکندا هئا ۽ سرنديءَ پڄنديءَ وارا به هئا.”

پير حسام الدين شاهه راشدي، ”مظهر شاهجهاني“ جي ٻئي حصي ۾ ساڳي بيان کي حاشيا طور هن طرح به لکيو آهي. ”مير ابڙي، محمد علي بيگ بندري (وفات 1066هه. 1655/56ع) (جيڪو نواب آصف جاهه پاران 1038هه (1628/29ع) ۾ بکر جو فوجدار هو) جي ڏينهن ۾ درياهه مان هڪ وڏو ۽ ويڪرو واهه کوٽائي. اهڙي ويران علائقي ۾ آڻي ڪيس آباد ڪيو جتي حيوان، پکي ۽ بني بشر به نه ڏٺو ويندو هو. ”جوکي هرڻي“ نالي شهر ۽ مُٺهه ” نالي شهر جيئن ته ”مير ابڙي“ بڌايا ۽ پوپٽي نالي شهر ”نندي ابڙي“ بڌايو ۽ ”ڪوٽلي“، نالي شهر، ”شاهه عليءَ“ جو ابڙن جو بزرگ ماڻهو آهي ۽ پاڻ کي ”مهديجو“ نالو ڏئي ٿو آباد ڪيو.”

”تاريخ مظهر شاهجهاني“ (حصو پهرين) جي اصل متن مطابق. ”انهن (مير ابڙي- نندي ابڙي ۽ شاهه علي ابڙي) کي ڏسندي سانگين ۽ ابڙن جي ڪيترن ماڻهن، جن جو چانڊڪا پرڳڻي سان تعلق هو. واهيون کوٽي نيون ديهون قائم ڪيون. ملڪ جا جيڪي به



ڏنڙيل ماڻهو هئا تن انهيءَ پاسي رجوعات رکي جنهن ڪري سارين ۽ جوئر، جون خريف واريون پوکون پلئون پل ٿينديون ويون. هاڻي لک جريب کان به وڌيڪ آبادي ٿئي ٿي، ۽ ربيع جي پوک جو ڪڻڪ، چڻا ۽ توريون تنهن ڪانسواءِ انهي پرڳڻي جي جمعبندي ٽيهارو (لک تنڪا) وصول ٿئي ٿي.

"تاريخ مظهر شاهجهاني" جي مٿي ڄاڻايل بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته 1038 ه29.1628ع ۾ مير ابڙي درياهه مان وڏو ۽ ويڪرو واهه کوٽائي چانڊڪا پرڳڻي ۾ آندو ۽ پوءِ سانگين ۽ ابڙن جي ڪيترن ماڻهن واهيون کوٽي نيون ديهون يعني ڳوٺ قائم ڪيا، جن ۾ مير ابڙي، نندي ابڙي ۽ شاهه علي ابڙي جو ذڪر اچي ٿو. مير ابڙي جي درياهه مان وڏي ۽ ويڪري واهه کوٽائڻ کان پوءِ ٻيا ننڍا واهه کوٽايا ويا، جنهن سبب علائقي جون لکين ايڪڙ زمينون آباد ٿيون ۽ ساريون جوئر، جو، ڪڻڪ، چڻا، توريون وغيره جي جهجهي اپت ٿي.

"تاريخ مظهر شاهجهاني"(فارسي) جي حاشيي ۾ حسام الدين شاهه راشدي، مير خان ابڙي جي کوٽايل واهه جي نشاندهي ڪندي لکيو آهي ته " هي اجا تائين مير واهه جي نالي سان موجود آهي."

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رائيس ڪئنال ڊويزن جا ٻه مير واهه، "مير واهه _ 1" ۽ "مير واهه _2" آهن. انهن مان هڪ رتيديري تعلقي وارو "مير واهه_1" جيڪو "نئين ديري" جي اتر اولهه ۾ رائيس ڪئنال جي آر.ڊي نمبر 189 وٽان ديهه پنجو ابڙو جي حدن مان نڪري، ديهه پنڙو، ديهه پتافي، ديهه دودا خان پٽو، ديهه ملا ڪلهوڙو مان گذري، لاڙڪاڻي تعلقي جي ديهه وڪيا سانگي ۽ ديهه ننگر سانگي تائين پهچي ختم ٿئي ٿو. هن جي ٽوٽل ڊيگهه 11.2 ميل آهي.

ٻيو مير واهه، (مير واهه_2) تعلقي وارهه ۾ آهي، جيڪو رائيس ڪئنال ڊويزن جي گهاڙ برانچ "چيلو مائينر" جي آر ڊي "23.61" وٽان ڦٽي نڪرندڙ ڪمبائين چيلو جي آر ڊي 6 (ڇه) کان نڪري ٿو. هي "مير واهه_2"، "ديهه ٽرڙي هاشم" مان شروع ٿئي ٿو ۽ ديهه "بند جاني" ، ديهه مرادي، ديهه لاڪا ، ديهه ڦيڪراٽو ۽ ديهه علي بحر مان گذري ديهه بشارت کهاوڙ ۾ ختم ٿئي ٿو. هن جي ٽوٽل ڊيگهه 13.6 ميل آهي.

"مير واهه 1۽2" جي اها پوزيشن سکر بئراج جي وجود (1932/33ع) کان هاڻي تائين آهي. "سکر بئراج" کان اڳ "اي.ايچ.ايٽڪن" گهاڙ ڪئنال مان نڪرندڙ "مير واهه 1" ۽ "مير واهه 2" جي پوزيشن بيان ڪندي لکي ٿو ته، 15.37 ميل ڊگهو " مير واهه". (تعلقي رتوديرو وارو) گهاڙ ڪئنال جي منهن کان اٺ ميل هيٺ، ساڄي ڪناري کان نڪري ٿو."

39هين، ميل تي "گهاڙ واهه" ٻن شاخن ۾ ورهائجي ٿو. جنهن جي اولاهين شاخ کي نور واهه ۽ ڏکڻين ۽ شاخ کي نورنگ واهه سڏيو وڃي ٿو. نور واهه 12.75 ميل ۽ نورنگ واهه 8 ميل ڊگهو آهي.

نورنگ واهه وري ٻن شاخن گاٺ واهه ۽ چيلو واهه ۾ ورهائجي ٿو. گاٺ واهه 6.5 ميل ڊگهو آهي، پر ان جي پڇڙي جيڪا "نصير واهه" سڏجي ٿي 21 ميل ڊگهي آهي. جنهن مان 3.62 ميل ڊگهي، هڪ ننڍي شاخ نڪري ٿي، جنهن کي "ڪور رتو" سڏيو وڃي ٿو.

"چيلو واهه " 16.75 ميل ڊگهو آهي، جنهن مان ٽي شاخون نڪرن ٿيون. هڪ، 3.87 ميل ڊگهي " ڪور هاشم"، ٻيو 18 ميل ڊگهو مير واهه (تعلقي وارهه وارو)، 7.37 ۽ ٽيون ميل ڊگهو سنهڙو چيلو."

"اي.ايچ ايٽڪن" پاران 1907ع ۾ فراهم ڪيل مٿين معلومات کان اڳ مارچ 1903ع جو ايگزيڪيوٽو انجنيئر گهاڙ ڪئنالس" جي صحي وارو" گهاڙ ڪئنالس ڊسٽرڪٽ جو نقشو "مير واهه 1 ۽ 2" بابت وڌيڪ چٽي سمجهاڻي ڏئي ٿو.

"مير واهه 1 ۽ 2" بابت ڪيل مٿئين اڀياس مان اهو معلوم ٿيو ته لاڙڪاڻي ضلعي ۾ موجود ٻئي مير واهه سکر بئراج (1932/33ع) کان اڳ "گهاڙ واهه" سلسلي جا واهه هئا ۽ سکر بئراج کان پوءِ، رائيس ڪئنال (Canal) مان وهندڙ سلسلي جا واهه آهن. "گهاڙ واهه" به واهه (Canal) آهي ۽ رائيس ڪئنال به واهه (Canal) آهي. ان ڪري نه "گهاڙ واهه" کي درياهه ( (River چئبو نه ئي "رائيس ڪئنال" کي درياهه (River) سڏي سگهجي ٿو. ان ڪري پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي اها راءِ مڃڻ جوڳي نه آهي ته، مير ابڙي پاران 1038هه (1628ع) ۾ درياهه مان کوٽايل وڏو ۽ ويڪرو واهه، "مير واهه 1 يا 2" آهي.

سنڌ جي مشهور محقق ايم.ايڇ پنهور "تاريخ مظهر شاهجهاني" تي "جاگرافيائي ڏسٽي" جوڙي آهي. جنهن لاء ان وقت جي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، شمشير الحيدري لکيو آهي ته،

"نامياري محقق، محمد حسين پنهور، هن ڪتاب ۾ تڏهوڪن انتظامي يونٽن توڙي

جاگرافيائي ڏسٽي واري معلومات سان گڏ نقشا ٻه جوڙي ڏنا آهن.”

ايم.ايڇ پنهور پاران جوڙيل (1608ع کان 1700ع) تائين سنڌ جي انتظامي نقشي ۾ بکر سرڪار جي اٺن پرڳڻن (ساڄي ڪپ:1. جتوئي پرڳڻو 2. چانڊڪا پرڳڻو 3. ٽڪر پرڳڻو 4. فتح پور پوڳڻو. کاٻي ڪپ: 1. ماٿيلو پرڳڻو 2. اروڙ پرڳڻو 3. ڪاڪڙي پرڳڻو 4. دربيلو پرڳڻو مان، درياهه جي ساڄي ڪپ تي جتوئي، چانڊڪا، ٽڪر ۽ فتح پور چار (4) پرڳڻا ڏيکاريا ويا آهن. جاٽل چئني پرڳڻن ۾ چانڊڪا سڀ کان وڏو پرڳڻو ڏيکاريل آهي.

ايم.ايڇ پنهور، بکر سرڪار جي ان سڀ کان وڏي پرڳڻي "چانڊڪي" ۾ مدئجي شهر جي ڏکڻ طرف سنڌو درياهه مان نڪرندڙ واهه، ابڙا واهه ( Abra Canalنالي ڏيکاريو آهي، جيڪو مير خان ابڙي 1038هه ( 1628ع) ۾درياهه مان کوٽايو هو.

مير ابڙي جو 1038هه (1628ع) ۾ درياهه مان کوٽايل وڏو ۽ ويڪرو واهه جنهن کي ايم. ايڇ پنهور، "ابڙا واهه" ( Abra Canal)جونالو ڏنو آهي. ساڳي واهه کي مدئجي لاڙڪاڻي جي ترجا ماڻهو "گهاڙ واهه" جي نالي سان سڃاڻن ٿا. ايم.ايڇ پنهور خود منجهيل حالت ۾ "گهاڙ واهه" لاءِ راءِ ڏيندي لکيو آهي ته، "سمن جي دور جو "ابڙو واهه" تي سگهي ٿو.

ايم.ايڇ پنهور پاران جوڙيل مظهر شاهجهاني واري جاگرافيائي ڏسٽي ۽ نقشي ۾ “ابڙا واهه” جو منهن( (Mouthمدئجي کان هيٺ ڏکڻ طرف درياهه مان آهي. پنهور صاحب نقشي ۾ “ابڙا واهه” کان مدئجي شهر کي ايترو پري ڏيکاريو آهي، جيترو “ گهاڙواهه” جي منهن کان موجوده ۽ ٽيين مدئجي شهر آهي، جڏهن ته مدئجي متعلق روايتون آهن ته موجوده مدئجي کان اڳ به شهر درياهي اٿل پٿل سبب اجڙي ويا هئا ۽ هي ( هاٽوڪو)ٽيون شهر آهي.

پهرين مدئجي ۽ ٽيين مدئجي وچ ۾ “ ڏکڻ کان اتر” گهٽ ۾ گهٽ 10 ڪلوميٽر مفاصلو ڏسيو وڃي ٿو. انهن روايتن جي تصديق “ اعجاز الحق قدوسي” جي “ تاريخ سنڌ (اردو) ” ۽ “اي ڊبليو هيو” جي “ گزيٽيئر آف دي پراونس آف سنڌ” مان ٿئي ٿي.

اعجازالحق قدوسي. ان سلسلي ۾ لکي ٿو ته،“ خيرپور جي ميرن جي ١٢٤٩ع( 1833ع) ۾ “شاهه شجاع الملڪ” هٿان شڪست کائڻ کانپوءِ حيدرآباد جا مير،“شاهه شجاع” جو مقابلو ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي کان درياهه جي ڪناري سان سفر ڪندا اچي مدئجي ۾ ترسيا. مدئجي تعلقي نوشهري ابڙي ۾ شڪارپور کان 20 ميل ڏکڻ ۽ لاڙڪاڻي کان 26 ميل (اوله) “گهاڙ واهه” جي ڪناري تي آهي. مدئجي متعلق “ اي. ڊبيلو.هيو” جو بيان آهي ته،“مدئجي ،سکرءِ شڪارپور ڊپٽي ڪليڪٽوريٽ جي نوشهري ابڙي تعلقي جو سرڪاري ڳوٺ آهي، جيڪو شڪارپور کان 20 ميل ڏکڻ طرف،“گهاڙواهه” تي ٻڌل آهي. هي ساڍن چويهن ميلن جي مفاصلي تي روڊ رستي لاڙڪاڻي سان ڳنڊيل آهي ۽ تقريبن ايتري ئي مفاصلي تي سکر سان پڻ ڳنڍيل آهي. جڏهن رستو درياهي چاڙهه سبب ختم ٿي ويو ته ان کي جهلي بند جي پاسي ۾ اڏڻ جو رٿيو ويو. اتي (مدئجيءَ ۾) هڪ پوليس ٿاڻو، مال جو ڍڪ ، مسافرن لاءِ سراءِ خانو، بنگلو ۽ ڌرم شالا آهي پر اهي 1871ع واري سيلاب ۾ ڪري پيا آهن.”

مٿين بيانن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مدئجي گهاڙواهه جي ڪناري تي آباد ٿيل هو ۽ درياهي اٿل پٿل سبب شهر اجڙندو ۽ آباد ٿيندو رهيو. ان ڪري، ايم.ايڇ پنهور پاران جوڙيل “ مظهر شاهجهاني” واري نقشي ۾ ڏيکاريل مدئجي، قديم دور ۾“ابڙا واهه” جي بلڪل قريب هئي.

7_ ماچ 1903ع ۾ “ گهاڙ واهه” جي ايگزيڪيوٽو انجينئر ۽ انڊس رائيٽ بئنڪ ڊويزن جي سپرينٽينڊنٽ انجنيئر جي صحين سان جاري ڪيل، گهاڙڪئنال ڊسٽرڪٽ جي نقشي ۾ جهلي بند تي قائم مدئجي انسپيڪشن چوڪيءَ کان ، سر ڏکڻ ، چئن ميلن جي مفاصلي تي گهاڙ واهه جو منهن آهي. هن نقشي ۾ جهڙيءَ طرح “ گهاڙواهه” لاڙڪاڻي جي اترين پاسي کان گذرندي ڏيکاريو ويو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح ايم.ايڇ. پنهور واري نقشي ۾ “ ابڙا واهه” (گهاڙواهه) لاڙڪاڻي جي اترين پاسي کان گذرندي ڏيکاريل آهي.

يوسف ميرڪ، مير ابڙي جي درياهه مان کوٽايل واهه کي وڏو ۽ ويڪرو واهه سڏيو آهي ۽ ان واهه مان ٻين ماڻهن پاران کڍيل ننڍين واهن کي واهيون سڏيو آهي. “گهاڙواهه” به درياهه مان نڪرندڙ وڏو ۽ ويڪرو واهه هو جنهن ۾واپاري ٻيڙا هلندا هئا. ۽ گهاڙ واهه مان نڪرندڙ سمورا “واهه” ،“گهاڙواهه” جي پيٽ ۾ واهيون آهن.

“مظهر شاهجهاني” ۾ ابڙن جوذڪر آيوآهي، پر ڪلهوڙن جو ذڪر ڪونهي. ايم.ايڇ پنهور“1608ع کان 1700ع تائين سنڌ جي انتظامي نقشي ۾ 1500ع کان

1700ع تائين سنڌ ۾ رهندڙ قبيلن واري نقشي ۾ ابڙن جي آبادي به ڏيکاري آهي ته مير ابڙي پاران 1628ع ۾ کوٽايل واه به ڏيکاريو آهي. جڏهن ته پنهور صاحب، 1656ع ۾ قتل ٿيل شاهل محمد ڪلهوڙي ڏانهن مشهور ڪنهن به واه يا درياهه مان نڪرندڙ ڀئي ڪنهن واه جي نشاندهي نه ڪئي آهي.

ميجر گولڊ سمڊ، ابڙن جي سردار مير محمد ابڙي عرف مير ابڙي کي، بقاپور ، فتحپور ۽ خانواهه ٽن تپن جو مالڪ لکيو آهي ۽ مير ابڙي جي پوٽي جلال خان ابڙي کي شريف پور يعني نئون ديرو، جلال پور( هاٽوڪو نوشهرو ابڙو)، آدمجي، مدئجي، اورنگ آباد ۽ امروٽ علائقن جو مالڪ سڏيو آهي.”

ابڙن سردارن جي خانداني رڪارڊ ۾مغل دربار مان جاري ٿيل حڪم نامي ۾ ابڙن سردارن جو موجوده ڳوٺ ترائي. تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور، ان وقت شريف پورتپي، جتوئي پرڳڻي ۾ هيو. شريف پور جو نئون نالو“ نئون ديرو” آهي. نئون ديرو جي ڏکڻ طرف اڄ به ديه شريف پور ۽ شريف پور ڀيلو موجود آهي. موجوده ديه شريف پور کان چند ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي “گهاڙواه” جو منهن هو.

31 ڊسمبر 1847ع ۾ چانڊڪا پرڳڻي بابت“ ليفٽيننٽ هيو جيمس“، جي رپورٽ سان گڏ چانڊڪا پرڳڻي جي ان وقت جي سورهن (16) تپن جو نقشو به شامل آهي، جنهن ۾ “ مير محمد خان ابڙي” جي ٽن تپن 1. بقاپور، 2.فتح پور 3. نيا ديره (خانواهه) کي پڻ نقشي ۾ ڏيکاريو ويو آهي، ذڪر هيٺ آيل“ مير محمد خان ابڙي” جا ٽيئي تپا 1847ع جي ڀيٽ ۾ 1600ع ۾ايراضي يا پکيڙ جي لحاظ کان اڃان به وڌيڪ وڏا هوندا. پوءِ به 1847ع ۾، “مير محمد خان” وارن ٽنهي تپن جي پکيڙ ايتري آهي جو گهاڙ واهه درياهه وٽان پنهنجي منهن کان پڇڙيءَ تائين انهن ٽنهي تپن منجهان گذرندي نظر اچي ٿو. ڦتل “گهاڙ واهه”جي ٻنهي ڪنارن سان منڍکان پڇڙيءَ تائين اڄ به ابڙن جا ڳوٺ ۽ وستيون آباد ٿيل آهن.

مير ابڙو ڪير هو؟

1038 ه/1628ع ۾بکر جي فوجدار محمد علي بيگ بندري جي ڏينهن ۾ درياهه مان وڏو ۽ ويڪرو واهه کوٽائيندڙ ، مير ابڙو يا مير محمد خان ابڙو جي خاندان لاءِ HISTORY OF ALLIENATIONS IN THE PROVICE OF SIND. VOLUME II. صفحي 270 ۾ لکيل آهي ته.

The fame of this clan, " "writes Major Goldsmid," is celebrated far and wide in legend and tradition.Jam Abro or Abro Abrani , the Samma ruler of Kachi (Kach),whose deeds of prowess are sung in the Poem of Dodo and Chanessar , may be reckoned the most noted of their ancestry......Eight generations before the present Jagirdar (Ali Mardan Abro), and pending the incumbency in Sind of the Viceroys of India , lived Mir Muhammad, Chief of the Abras. He and his brother, Jam Muhammad Sidik , possessed the three tapas of Bakapur, Fatahpur and Khanwah in Larkana."

ترجمو:ميجر گولڊ سمڊ لکي ٿو ته، هن قبيلي جي مشهوري لوڪ داستانن ذريعي پري پري تائين مشهور آهي. ڄام ابڙو يا ابڙو ابڙاڻي ڪڇي (ڪڇ) جو سمو حاڪم هيو جنهن جي بهادريءَ جي ساراهه دودي چنيسر وارن بيتن ۾ ڳائي ويندي آهي، جيڪي هنن جي ابن ڏاڏن کان وٺي گهڻو مشهور ٿيل آهن.........سنڌ ۾ هندستان جي وائسراءِ جي ايامڪاريءَ دوران هاڻوڪي جاگيردار (علي مردان خان ابڙي) کان اٺ پيڙهيون اڳ ، مير محمد رهندو هو جيڪو ابڙن جو سردار هو.هي ۽ هن جو ڀاءُ، ڄام محمد صديق ، لاڙڪاڻي ۾ بقاپور ، فتح پور ۽ خان واهه ٽن تپن جا مالڪ هئا.

زباني تاريخ (Oral History)

مطابق مير محمد ابڙو ۽ ڄام محمد صديق ابڙو ڪبڙ ابڙو جا پٽ هئا ، جنهن جو ذڪر“ تحفةالڪرام’’ ۾ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي سان گڏ آيو آهي. “هسٽري آف ايلينيشنس آف سنڌ” جي صفحي 270 تي مير محمد ابڙو جي اٺن پيڙهين جو ذڪر آيل آهي، جنهن مطابق مير محمد ابڙو جو وارث ۽ پٽ الهوسايو ابڙو انجو وارث جلال خان ابڙو بڻيو جنهن شريف پور (هاڻي نئون ديرو) ، جلال پور( هاڻي نوشهرو ابڙو) سميت آدمجي،مدئجي ، اورنگ آباد ۽ امروس (امروٽ) وارا علائقا حاصل ڪيا. هن 1057ه/ 1668ع پنهنجي ڏاڏي ڄام صديق ابڙي سان گڏجي ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جي ابڙن ۽ سانگين جي زمينن تي قبضن خلاف سندس ڀرپور مزاحمت ڪئي ۽ ڪيس

فتح پور وٽ سر ڏڙڪان ڏار ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي سرداريءَ جو مرڪز "ترائي ابڙو" کي بڻايو جتي بهاولپور جي دائود پوٽا عباسين جو وڏو فيروز خان دائود پوٽو ونس اهل عيال سميت اچي رهيو هو. جلال خان ابڙو ۽ فيروز خان دائودپوٽو جي وفات کانپوءِ امير بهادر خان دائودپوٽو "ترائيءَ" مان لڏي وڃي شڪارپور جو شهر آباد ڪيو. جلال خان ابڙو جو وارث فتح خان ابڙو (اول) ٿيو جنهن جو وارث پير محمد ابڙو ٿيو جنهن نصير محمد ڪلهوڙي جي چڙهاين جي سخت مخالفت ڪئي. هن کي عمر جي پوئين سالن ۾ لطيف سائين جي دعا سان پٽ ڄائو جنهن تي پنهنجي والد جو نالو فتح خان ابڙو رکيائين. فتح خان ابڙو (ٻيو) جو وارث جلال خان ابڙو (ٻيو) ٿيو. هن ڪلهوڙن ۽ ٽالپر ميرن جي ويڙهن ۾ ٽالپر ميرن جو ساٿ ڏنو. گولڊ سمڊ هن لاءِ لکيو آهي ته.

Jalal Khan Abra, was a " person of great distinction under the Kalhora dynasty. Upon the extinction of that regime Mir Fatah Ali endeavoured to persuade him to join the Talpur Court, but he declined the honour , performing an honourable secluccion in his own village. The Mir confered upon him Seri and Mamul grants, and he in turn attended the ruller in time of war."

جلال خان ابڙو ڪلهوڙن جي (آخري) دور ۾ بلند مرتبي وارو شخص هيو. انهن (ڪلهوڙن) جي حڪومت جي خاتمي تي، مير فتح علي خان، هن (جلال خان ابڙو) کي ٽالپر دربار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ راضي ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي، پر هن انهيءَ اعزاز کي نه قبوليو ۽ پنهنجي ڳوٺ (ترائيءَ) ۾ اڪيلائپ واري عزت ڀري زندگي گذارڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني. مير، هن کي سيري ۽ مامل ۾ جاگيرون ڏنيون، ۽ هي جنگ جي وقت ۾ حاڪمن سان گڏ هو. جلال خان ابڙو جو پٽ علي مردان خان ابڙو سندس وارث بڻيو. حيدر آبادي ٽالپرن جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ نوشهري ابڙي ۾ پنهنجي ڏاڏي مير ابڙي وانگر واه کوٽايائين. جنهن لاءِ گولڊ سمڊ لکيو آهي ته.

Ali Mardan was head of " all the Abras. According to Captain Goldney , he was "rated as able to produce some 8,000 to 10,000 men and was a quite , inoffensive man occupying himself in agriculture." He dug a canal above twenty two miles long, in 1844_45,"

ترجمو: علي مردان، سيني ابڙن جو سردار هو. ڪيپٽن گولڊني موجب، "هو ان کان ڏهه هزار افرادي قوت جو مالڪ ۽ خاموش طبع، صلح پسند ماڻهو هيو جنهن پنهنجو پاڻ کي زراعت سان سلهاڙي ڇڏيو هو." هن 1844،45 ۾ 22 ميلن کان ڊگهو واه کوٽايو." سنڌ تي انگريزن جي قبضي وقت ٽالپرن جي طرفداريءَ سبب انگريزن هن جون زمينون ۽ جاگيرون ضبط ڪيون. 13 نومبر 1884ع تي وفات ڪيائين. هن جو وارث علي گوهر ابڙو، ان جو علي حيدر ابڙو (پهريون)، ان جو علي حسن ابڙو (پهريون)، ان جو همت علي ابڙو (پهريون)، ان جو علي حيدر ابڙو (ٻيو) ۽ ان جو همت علي خان ڪماريو ابڙو (ٻيو)، وارث ٿيا. مير خان ابڙو جا ڳڳدار وارث هن وقت به ترائي ابڙو تعلقو ڳڙهي ياسين ۾ رهن ٿا. جڏهن ته سندس مزار پراڻي گهاڙ واه هاڻي "آبڙي" نالي مشهور واه جي ڪاپي پاسي سندس نالي پٺيان مشهور "مير ابڙي جي مقام" سروي نمبر 493، ديه شاهنواز ابڙو، ٽپو ابڙا، سرڪل لاڙڪاڻي ۾ آهي. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ سندس پونير وڏي تعداد ۾ رهن ٿا.

مير ابڙي کان اڳ درياه مان ڪنهن واه کوٽايو هو؟

هن سوال جي جواب ۾ سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن جي اڀياس کانپوءِ معلوم ٿئي ٿو ته، "سنڌ جي والي ڄام ننڊي (نظام الدين) جي زماني ۾ چاڳلي نالي هندو وزير کي ڄام نظام الدين جي پٽيلي دريا خان سان گڏ سيوهڻ موڪليو هو. جنهن هتي اچي باراني پاڻيءَ تي وهندڙ ساوه (ساوي) واري واه کي وهايو هو. جنهن جو پاڻي منڇر ۾ اچي گڏ پئي ٿيو."

"تاريخ مظهر شاهجهاني" 1044 (ه / 1633،34ع) ۾ هي بيان "تاريخ معصومي" (۱۰۰۹ه _ 1600ع) تان ورتل معلوم ٿي رهيو آهي. بيان مان صاف ظاهر آهي ته سنڌ جي والي ڄام ننڊي (نظام الدين)، چاڳلي نالي هندو وزير کي دريا خان سان گڏ سيوهڻ جي جنهن ساوه (ساوي) واري واه کي وهائڻ لاءِ موڪليو هو اهو باراني پاڻيءَ تي وهندڙ واه هو. درياه مان کوٽايل واه نه هو. جڏهن ته مير ابڙي 1038ه/1628ع ۾ درياه مان وڏو ۽ ويڪرو واه کوٽائي چانڊڪا پرڳڻي ۾ آندو هو. سنڌ جي تاريخ جي دستياب بنيادي

ماخذن ۾ ڪوبہ اهڙو ماخذ ڪونہ آهي، جنهن ۾ مير ابڙي جي ڪوٽايل واهہ ڪان اڳ ۾ ڪنهن ٻئي پاران درياهہ مان ڪوهيو واهہ ڪوٽائڻ جو دليل ملندو هجي.

نتيجو:

سنڌ جي آبپاشي نظام جي پهرين واهہ، گهاڙ واهہ بابت تاريخ جي بنيادي ماخذن جي اڀياس ڪان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي دستيابيءَ ۽ 1962ع ۾ ان جي ڇپجي پڌري ٿيڻ تائين سنڌ جي آبپاشيءَ جي تاريخ بابت ڏيهي ۽ پرڏيهي محققن ۽ تاريخدانن جو اڪيلو ذريعو "تحفة الڪرام" ئي رهيو آهي. جنهن جي ميان شاهل محمد ڪلهوڙي بابت لاڙڪاڻي وارو واهہ ڪوٽائڻ واري بيان ڪي بنياد بڻائي تشريحون ڪيون ويون آهن. انهيءَ بيان جي بنياد تي ڪلهوڙن ڪي نهري نظام جو باني سڏيو ويو ۽ خاص طور ميان شاهل محمد ڪلهوڙي ڪي گهاڙ واهہ جو ڪوٽائيندڙ سڏيو ويو آهي. جڏهن تہ "تحفة الڪرام" ڪان 26 سال اڳ ڪلهوڙن جي تاريخ جو بنيادي ماخذ "نامہ نغز" ميان شاهل محمد ڪلهوڙي پاران ڪنهن واهہ ڪوٽائڻ جو ڪو بہ مواد فراهم نہ ڪيو آهي. "تحفة الڪرام" ڪان 153 سال اڳ لکيل سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ "تاريخ مظهر شاهجهاني" 1038ھ/1628ع ۾ مير ابڙي پاران درياهہ مان وڏو ۽ ويڪرو واهہ ڪوٽائڻ جو مواد فراهم ڪيو آهي. سنڌ جي هن ناياب تاريخي ماخذ جي اهميت ان ڪري بہ آهي تہ هن تاريخ جي مصنف، يوسف ميرڪ جو خاندان مغل سرڪار جي مکيہ ۽ وڏن عهدن تي مقرر هيو. مير ابڙو جي واهہ ڪوٽائڻ واري دور جو اکين ڏٺو شاهد آهي. سنڌ جي تاريخ جي هن تمام گهڻي اهميت جوڳي ماخذ جي دستيابيءَ ڪانپوءِ فقط هڪ هاڪاري عالم ايم. ايڇ. پنهور، مير ابڙي پاران ڪوٽايل انهيءَ واهہ ڪي پهرين ڀيرو "ابڙا واهہ" سڏيو ۽ "تاريخ مظهر شاهجهاني" تي 'جاگرافيائي ڏسٽي 1500 ڪان 1700ع' ۾ نمايان طور ظاهر ڪيو. بعد ۾ "گهاڙ واهہ" ڪي منجهيل حالت ۾ "ابڙا واهہ" سڏي. سنڌ جي آبپاشي نظام جي تاريخ تي ڪم ڪندڙ محققن لاءِ وڌيڪ تحقيق جي گنجائش پئدا ڪئي. پر اسان جا سهل پسند محقق وڌيڪ تحقيق بجاءِ تقليد واري روايت تي هلندي "تاريخ مظهر شاهجهاني" جي دستيابيءَ ڪان اڳ وارن نتيجن ڪي حرف آخر مشهور ڪرڻ واري عمل ۾ مصروف رهيا آهن. جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ "گهاڙ واهہ" نہ ئي پنهنجو پاڻ درياهہ مان ڦٽي نڪتل واهہ آهي، نہ ئي ڪلهوڙن خاص طور ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جو ڪٽايل واهہ آهي. چٽا ثبوت آهن تہ هي واهہ ابڙي سردار مير محمد ابڙي 1038ھ/1628ع ۾ درياهہ مان ڪوٽائي چانڊڪا پرڳڻي ۾ آندو. ابڙي سردار جي انين پيڙهيءَ ۾ سندس وارث علي مردان خان ابڙو پڻ تعلقي نوشهري ابڙي 1844.45ع ۾ 22 ميلن ڪان ڊگهو واهہ ڪوٽائيندي نظر اچي ٿو. ان ڪري ان راءِ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ آهي تہ "ابڙن" سنڌ ۾ پهريون 'واهہ' يعني گهاڙ واهہ ڪوٽايو ۽ "ابڙا" ئي سنڌ ۾ آبپاشي ۽ نهري نظام جا باني آهن.

مددي ڪتاب :

1. تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو)
2. تاريخ طاهري (سنڌي ترجمو)
3. بيگلارنامو (سنڌي ترجمو)
4. تاريخ مظهر شاهجهاني ( فارسي/سنڌي ترجمو)
5. ترخان نامو (سنڌي ترجمو)
6. تحفة الڪرام (فارسي ، راشدي ايڊيشن/ سنڌي ترجمو)
7. سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو (سنڌي ترجمو)
8. سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون.
9. ميماير آن سنڌ ، واليم. 2.
10. گزيٽير آف دي پراونس آف سنڌ. (1876ء 1907ع انگريزي)
11. هسٽري آف ايلينيشنس آف سنڌ. (انگريزي)
12. لب تاريخ سنڌ ( فارسي/سنڌي ترجمو)
13. سنڌ جا قديم آثار
14. سنڌ جي اقتصادي تاريخ.
15.. جنت السنڌ
16. تاريخ سنڌ (اعجازالحق قدوسي)
17. تاريخ سنڌ، ڪلهوڙا دور( غلامرسول مهر)
18. ڪلهوڙا دور (غلام محمد لاکو)
17. تہ ماهي مهراڻ. 2./1995ع
18. تہ ماهي مهراڻ. 3/4. 1998ع.
19. ميٿڊلاجي آف هسٽري(انگريزي)

# اڇو ته علم جو ڏيئو ٻاريون

ارشاد سعيد عباسي

قرآن فرمائي ٿو ته متقين لاءِ هدايت آهي، متقي ڪير آهن؟ اهي انسان جن خدا جي حڪمن جي پوئيواري ڪئي، خدا جي ڏنل رستي تي هلڻ ۾ سرخرو ٿيا سي متقي آهن.

متقين بابت وڏيڪ تحقيق ڪندي مون حضرت خواجه عبدالقادر جيلاني جي زرين قولن ۾ پڙهيو ته جن ماڻهن ۾ ماڻهپو آهي سمجهه آهي، ڪجهه ڪرڻ جي جستجو آهي، حق جي راهه تي هلڻ جي تمنا آهي، انسانيت سان محبت آهي، اهي انسان به هدايت جي رستي تي هلڻ وارا متقي آهن. هدايت جو رستو متقين لاءِ آهي، ان رستي تي هلڻ ڪانپوءِ انسان سرخرو ٿئي ٿو.

ماڻهپوءِ سمجهه اُهي به وڏيون طاقتون آهن انسان کي پرکڻ لاءِ انسان کي انسان بڻائڻ لاءِ.

تنهن ڪري ضروري آهي ته انسان ۾ ماڻهپو هجي، سمجهه هجي ته ڇا صحيح آهي ڇا غلط آهي. انسانذات کي اسان ڇا ڏئي سگهون ٿا. انسانيت جي خدمت اصل عبادت آهي. انسان ذات جي خدمت ۽ وطن سان محبت به تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ شامل آهن. وطن سان محبت ايمان جو هڪ جز آهي تنهن ڪري ضروري آهي ته اسان پنهنجي هم وطنن ۽ هن زمين ۽ ان جي رهاڪن لاءِ پاڻ به ڪجهه ڪريون. جن ماڻهن ۾ سمجهه آهي ماڻهپو آهي سي پاڻ سجاڳ ٿي ٻين لاءِ روشنين جو سامان ميسر ڪن. وطن جنهن جو رشتو جيجل ماءُ ڪان به اهم ۽ اعليٰ ترين آهي ان جيجل ماءُ جي خدمت ڪرڻ، ان ۾ رهندڙ مسڪين ماروئڙن جي مدد ڪرڻ هر ماڻهپي واري ۽ سمجهه واري فرد جو فرض آهي.

خدا سمجهه، عقل، فهم فراست ميسر ڪئي آهي ته ان کي استعمال ڪرڻ تمام ضروري آهي. اها حديث آهي ته توهان کي علم آهي ۽ ان کي توهان پنهنجي ڪوزي ۾ بند رکيو ته سڀ ڪان وڏيڪ گنهگار ۽ سزا جا مستحق ٿيندئو. علم ورهائڻ لاءِ هوندو آهي. هي اهڙو خزانو آهي جنهن کي جيترو ورهائبو اوترو هن ۾ وڏيڪ برڪت پوندي. هي خزانو پائدار ۽ مضبوط زيور آهي.

ماڻهپوءِ سمجهه اسان مان گهڻن کي مليل آهي پر اسان ان کي استعمال نه ٿا ڪريون. ٻهراڙين ۾ شهرن ۾ ڪئين اهڙا انسان رهن ٿا جن کي الله سائين تمام گهڻ سمجهه ڏني آهي. اڇو ته گڏجي ان ماڻهپي ۽ سمجهه سان جيجل ماءُ جي ڏکن کي دور



ارشاد سعيد عباسي

ڪريون، جيجل جي ڏکايل مجبور اولاد کي علم ڏيڻ لاءِ جهاد ڪريون. ڳوٺن ۾ راندين، شغلن ۽ ضرورت آهر اهڙن تقريبن جو اهتمام ڪريون جنهن سان منجهيل انسانذات ۾ ڪجهه شعور وڌي ۽ هو خوشين کي سمجهي سگهن، ڏکن هنن کان عقل سڀ ڪسي ڇڏيو آهي. هو نااميدي ۾ خودڪشين کي نجات جو ذريعو سمجهڻ لڳا آهن. انهن ۾ نئين جوت جلائڻ ماڻهپي، سمجهه وارن انسانن جو فرض آهي، ڪنهن ٻئي جي مدد جي انتظار ۾ ويهي نه رهون، ننڍن ڳوٺن ۾ لائبريريون، راند جا ميدان، علم جا ڏيئا ٻاريون، پاڻ ۾ ايڪوءِ محبت جو مضبوط

رشتو قائم ڪريون. اسان هن نئين صدي ۾ تمام جهريل، ٿٽل ۽ افراتفري جي عالم ۾ قدم رکيو آهي، ان کان اڳ گذريل صدين ۾ اسان اهڙا ڪمزور ڪونه هئاسين. 21 هين صدي ۾ به اسان ڇڙوڇڙ آهيون اسان جو سرواڻ ڪونه آهي، اسان بنا اڳواڻ جي هڪ ڏتڙيل قوم ٿي پيا آهيون.

اسان کي رستو راهون، پيچرا پاڻ ٺاهڻا پوندا، سڀ کان پهرين ٻڌي ۽ علم جي حقيقي تلاش اسان جي جيئڻ جو سامان پيدا ڪندي، هي جوت جلائڻ مشڪل ضرور آهي پر خدا جي ذات مان نااميد نه ٿيڻ گهرجي. همت بندا مدد خدا، خدا تعاليٰ اسان سان ماءُ کان وڌيڪ محبت ڪري ٿو. اهو ڪامل يقين هئڻ ضروري آهي. ٻين جي سورن کي پنهنجو ڪرڻ، ٻين جي مدد ڪرڻ، ٻين جي ڏکن ۾ انهن جي لاءِ دوا ٿيڻ، هي ڪم ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ڪونه آهي. سڀ ملي هڪ پليٽ فارم تي گڏجي علم جو جهنڊو هٿ ۾ کڻي هن جيجل ماءُ جي مجبور ۽ بي وس ٻچن کي جاڳائي همت ۽ صداقت جي سُتي پياري اٿاري ٻيهاريون. ستلن کي ڪوئي ڪونه پڇندو آهي ننڊا نياڳ آهي. انسان جي بقا جدوجهد ۾ آهي، نور خود هڪ وڏو علم آهي،سوڀ آهي، جن نور پسيو تن دنيا ۽ دين پسيو. اسان ان نور جي ڪرڻن جي تلاش ۾ لڳي وڃون. هي نور اسان کي مضبوط ۽ لاچار ماروئڙن جي خدمت ۾ انعام طور ملندو. انسانذات جي خدمت اصل عبادت آهي. سياست جو مطلب اهو آهي، اصل سياست ان هڪ جملي ۾ لڪل آهي ته ٻين کي جياريو. مظلوم ماروئڙن جي مدد ڪرڻ اصل سياست آهي، وقت هليو ويندو پوءِ هٿ مهٽيندي، ڪجهه ڪونه ملندو. سامان پيدا ڪريون سڀ ٻوٽا پاڻ کي ٻارڻا پوندا. علم اسان کي هن ڪائنات ۾ بلندين تي وٺي وڃڻ وارو جهاز آهي، هي جهاز اسان جو پنهنجو آهي، هن جهاز ۾ ويهڻ کان ڪو به اسان کي روڪي نه ٿو سگهي، اچو ته اسان پاڻ ۾ همت، سچي لڳن سان هن ۾ ٽڪيٽ وٺون. هڪ سمجهدار ۽ ماڻهپي وارو انسان ڪريل لاءِ مرهم ٿي وڃي. هن جي زخمن کي ڌوئي هن کي جياپي جو سبق ڏئي خوشين جو پاڻ خريدار ٿئي. هتي وڪامڻ ته سولو آهي پر همت سان ان وڪري، ان واپار کي ختم ڪجي. سچاين جا محبت جا درس ڏجن جيئن



اسان واپس پنهنجو اصل مقام حاصل ڪري سگهون. ڪمزور ناتوان انسانن لاءِ مسيحا ٿي وڃون اهو سڀ گڏجي ٿي سگهي ٿو اتحاد ۾ محبت سان ويچا وساري هن نڌر ۽ مظلوم قوم سان جيئڻ جو جي تلاش ڪريون. نور ورهايون. روشنيون ورهايون. انڌيرن ۾ انڌن کان نجات حاصل ڪريون. انڌيرا اسان جا مقدر نہ آهن. انڌا اسان کي اوڙاهہ ۾ گهلن پيا. انهن انڌن انسانن کان نجات حاصل حضرت عثمان رضہ جهڙا سچا ۽ مخلص سرواڻ ڪپن. حضرت ابوبڪر رضہ جهڙا صادق ۽ امين ڪپن. اسان کي ڪپي تہ اهڙن هيرن جا پوئلڳ ٿيون. اسان کي رستو ڏيکارڻ ۾ اُهي مددگار آهن. جڏهن



سامان ٻڌجون پوءِ پليءِ سر بہ وڃي تہ سئو دفعا زندگي ملي پر سر هميشہ صدقي لاءِ تيار هجي. اصل عبادت آهي ئي وطن سان محبت، وطن جي ماروئڙن سان محبت، محبت ڏيڻ لاءِ هوندي آهي. ڪجهہ وٺڻ لاءِ نہ هوندي آهي. محبت جو مطلب ڏيڻ آهي اسان اها محبت ڪريون جنهن سان هن قوم کي سڀ ڪجهہ ڏيندا وڃون پل رت ست ۾ انهن کي جيارڻ ۾ ڪم اچي تہ اهو تہ هيج آهي. هي سر ساهہ جيجل ماءُ ۽ جيجل جي ٻچن جي ڪم اچي. اچو تہ علم جي روشن چراغ کي هٿ ۾ کڻي نور ڪريون. انڌا جن اسان کي انڌيرن ۾ ڌڪيو آهي. اسان جا نجات دهنده ڪونہ ٿيندا. اسان جا اصل سرواڻ اُهي آهن جن کي اسان سچ ۽ محبت، صداقت، شرافت، وطن سان سچائي جا امين سمجهون جيڪي ماءُ ۽ ٻچن لاءِ خدمتگار ثابت ٿين. اسان کي سرواڻ اُهي ڪپن جيڪي خادم ٿي خدمت ڪن.

اسان کي حضرت عمر رضہ جهڙا سرواڻ ڪپن جيڪي پاڻ تلاش ڪن تہ ڏک ڪٿي جنم پيو وٺي. اسان کي حضرت علي رضہ جهڙا بهادر ڪپن. اسان جا مددگار رهبر اهڙا عظيم انسان آهن تہ اسان انهن کان سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهون ٿا. هي مٺيادار محسن اسان جي رستن جا رهبر آهن. اچو تہ هي اسان جي رهبري ڪندا. هي اسان جا رستا سنوارڻ وارا آهن. هنن جي حاصل ڪيل علم کي حاصل ڪريون. علم وڏي طاقت آهي. علم سچ جو زيور آهي. جنهن کي ڪو بہ زنگ ڪا بہ طاقت اسان کان کسي نٿي سگهي. اسان علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ مضبوط ۽ لازوال قوم ثابت ٿينداسين.

# جياپي جو ڏنگ

خواجہ غلام السيدين ـ سنڌيڪار: هدايت الله سومرو

مان سمجھان ٿو تہ ماڻهن کي عام طور ۽ اعليٰ تعليمي ادارن جي شاگردن ۽ استادن کي خاص طور زندگيءَ جي هن بنيادي مسئلي تي غور ڪرڻ ضروري آهي. هڪ لحاظ کان اعليٰ تعليمي ادارن ۾ جيترا بہ علم پڙهايا وڃن ٿا اهي سڀ هڪ ذريعو آهن زندگيءَ کي شرافت ۽ ڪاميابيءَ سان گذارڻ جو. انهن قدرن جي سڃاڻپ جو جيڪي زندگيءَ کي اونهائي ۽ معنيٰ بخشين ٿا، اهي علم ان فڪر جي انداز جي تربيت جو وسيلو آهن جيڪو دماغ کي چڱي ۽ خراب ۾ فرق ڪرڻ ۽ انساني لاڳاپن ۾ مناڻ اوتڻ سيکاري ٿو. پر حقيقت هيءَ آهي تہ پنهنجي تهيل ٽڪيل معمول کي پورو ڪرڻ ۽ امتحان پاس ڪرائڻ يا نہ ڪرائڻ جي مشغولين سبب اسان جا شاگرد ۽ استاد ان ڏانهن چڱيءَ ريت ڌيان نٿا ڏيئي سگهن. شاگردن جي شخصيت ۽ وصفن تي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي زندگيءَ جو اثر ضرور پوندو آهي پر سندن ڌيان انهن ۾ پڙهائجندڙ فڪر ڏانهن نٿو وڃي. استاد اهو پڻ نٿا سوچين تہ هو پنهنجي شاگردن کي ڪهڙي قسم جي ذهن ۽ اخلاقي سانچن ۾ پلٽي رهيا آهن ۽ جڏهن هُو تعليمي امتحان جي منزل پار ڪري دنيا جي امتحان ۾ قدم رکندا تہ سندن دلين ۽ دماغن ۾ ڪهڙن قدرن جي مُوڙي هوندي. جيڪڏهن تعليمي ادارن جي ماحول ۾ بہ سندن لڪل ۽ سُتل قوتون ۽ صلاحيتون نہ



جاڳيون ته آخر ڪڏهن جاڳنديون؟ اهوئي ته اهو ماحول آهي جتي انسان کي چڱائي ۽ حق جي، ڀلائي ۽ عدل، خدمت ۽ محبت جي دولت کي هڪ دلڪش انداز ۾ شاگرد آڏو پيش ڪيو ويندو آهي. جتي زندگيءَ جي ايوان جا سڀ دروازا کولي شاگردن کي ڪائنات سان روشناس ڪرايو ويندو آهي. جتي ڏاهپ کي هر صاحبِ ايمان ۽ سچ جي ڳولائو جي وڃايل پونجي سمجهي سندس حوالي ڪئي ويندي آهي.

جيڪڏهن اعليٰ تعليمي ادارا پنهنجن فرضن کي سڃاڻن ته وٽن نوجوانن جي تربيت لاءِ ميسر وسيلا ڇا گهٽ آهن؟ سائنس جنهن سان فطرت جا راز کلن ٿا ۽ سگهه هٿ اچي ٿي، مذهب جنهن سان ڪائنات ۾ نظر پيدا ٿئي ٿي، ادب جنهن ۾ نه رڳو لطف اندوز ٿيڻ جا اٿاهه سمنڊ آهن پر ان وسيلي صحيح جذبن ۽ قدرن جي اوسر پڻ ٿئي ٿي، تاريخ جيڪا نظر ۾ وسعت ۽ توازن پيدا ڪري ٿي ۽ ماضي، حال ۽ مستقبل جي لاڳاپن جي سمجهاڻي ڏي ٿي، ٽيڪنالاجي جنهن وسيلي انسان مادي دنيا کي تسخير ڪيو آهي ۽ دنيا جي پيداوار ۾ اڻ ميو اضافو ڪيو آهي ۽ فنون لطيفه جنهن ۾ انسان پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو اظهار ڪري ٿو ۽ زندگيءَ ۾ سونهن ۽ خوشيءَ جا سرچشما ڳولي ٿو تهذيب ۽ تمدن جي ان خزاني ۾ هر دور، هر قوم ۽ هر مذهب پنهنجو پنهنجو حصو ملايو آهي، اهو سموري انسان ذات جي گڏيل دولت آهي. انهن سيني قدرن جي سکيا ۽ تاڃي پيٽي سان زندگيءَ جو اهو تصور، انساني شخصيت جي اها تصوير ۽ سماج جو اهو نقشو تيار ٿئي ٿو جيڪو ذهن ۽ اخلاقي ديانت رکندڙن لاءِ راهه ڏيکاريندڙ ڏيئو بڻجي وڃي ٿو. هاڻي جيڪڏهن اسان جا تعليمي ادارا ان فرض کي نه نڀائيندا ته ٻيو ڪير ان جي ذميواري کڻندو؟

انساني شخصيت جي تربيت لاءِ ڪيترائي شرط ضروري آهن پر انهن مان ٽي وڌيڪ اهم آهن. پهريون نيڪ ۽ شريف انسانن جي صحبت، جن جي ذات ۾ اسان کي اعليٰ اخلاقن ۽ قدرن جو اولڙو نظر اچي، ٻيو سنا ۽ مٿانهين درجي وارا ڪتاب، جيڪي اڳين پيڙهين جي فڪر ۽ نظر جي دولت ايندڙ نسل تائين پهچائين ٿا. ٽيون سنو ۽ سچو ڪم جنهن کي ايمانداري، خلوص ۽ شوق سان ڪيو وڃي. جنهن ڪانسواءِ نه زندگيءَ ۾ ڪا معنيٰ اچي سگهي ۽ نه رنگ. تنهن ڪري جياپي جو ڍنگ ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته هر درسگاهه ۽ تعليمي ادارو پنهنجي شاگردن کي فيض جي انهن ٽن سرچشمن مان فائدو وٺڻ جو موقعو ڏئي. جنهن تعليمي اداري ۾ قابل، علم دوست ۽ فڪر ۽ نظر وارن استادن جي کوٽ آهي ۽ جتي اسٽاف جي مقرري قابليت، ذاتي شرافت ۽ شخصيت جي معيار تي نه پر اقرباپروري جي بنياد تي ٿيندي هجي اهو تعليمي ادارو ديانت ۽ شرافت جو گهر ناهي بلڪ زندگيءَ جي هڪ پست ۽ غلط تصور کي عام ڪرڻ جو ڪارخانو آهي.

اهڙي صورتحال جي موجودگيءَ ۾ اڄ شاگردن پڙهڻ جو فن ته سِکي ورتو آهي پر ان فن وسيلي نه وٽن اعليٰ معيار جي اڀياس جو شوق آهي ۽ نه صلاحيت. هُو اهڙا سطحي رومانوي ناول ۽ افسانو پڙهن ٿا جن وسيلي نه سندن دماغ ۾ روشني پيدا ٿئي ٿي ۽ نه دل ۾ انسانيت جي نرمي ۽ گرمي. جيڪي ماڻهو انهن شين کي پنهنجي ذهني خوراڪ بڻائين ٿا سي ان قابل نٿا رهن ته اعليٰ ۽ لطيف ادب مان مزو ماڻين.

جياپي جو ڍنگ رڳو وڏن اصولن جي پابنديءَ سان پيدا نٿو ٿئي پر ان راهه ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين جي به وڏي اهميت آهي. هڪ معمولي ۽ عام انسان جي زندگيءَ جو هر لمحو ۽ ان سطح تي نه گذرندو آهي جتي هر قدم تي منصور حلاج وانگر اناالحق چوڻ جي ضرورت هجي. ان ۾ بظاهر معمولي وصفن جي وڏي اهميت آهي جيڪي انساني لاڳاپن ۾ خوشگواري پيدا ڪن ٿيون. ملڻ جلڻ ۾ دوستي ۽ مهرباني، لاڳاپن ۾ انصاف، سچائي ۽ ڀروسو، گڏجي سڏجي ڪم ڪرڻ، ٻين جي حقن جي پاسداري ۽ سندن راءِ جو احترام ۽ ٻين جي دل آزاريءَ کان پرهيز ڪرڻ. منهنجي خيال ۾ اسان جي زندگيءَ ۾ نفسياتي ڏک ۽ محروميون ان ڪري پيدا ٿين ٿيون ته اسان پنهنجن دوستن، مٽن مائٽن ۽ هڪجيڏن سان مهرباني، سخاوت ۽ همدرديءَ وارو سلوڪ نٿا ڪريون. انهن بابت ٻين ماڻهن آڏو غير ذميواريءَ سان اهڙي ڳالهه ٻولهه ڪريون ٿا جنهن مان سندن نيڪ ناميءَ تي خراب اثر پوي ٿو يا رڳو تفريح خاطر اهڙيءَ ڳالهه ٻولهه ۾ شامل ٿي وڃون ٿا.

جيڪڏهن اسان زندگيءَ کي هڪ سهڻو روپ ڏيڻ چاهيون ٿا ته مادي قدرن سان گڏ پنهنجو لاڳاپو ادبي، ذهني، اخلاقي ۽ جمالي قدرن سان ڳنڍڻو پوندو. مشرق ۽ مغرب ۾ مادي ۽ روحاني جنگ رهندي اچي پئي. ڪڏهن هڪ جو ۽ ڪڏهن ٻئي جو غلبو ٿيندو رهي ٿو. جڏهن ماديت ڏانهن جهڪاءُ ٿيو ته مادي خدا جي جاءِ ورتي، جڏهن روحاني قدرن زور ورتو ته رهبانيت پنهنجي آغوش ۾ ورتو پر ضرورت




آهي انهن ٻنهي ۾ وچٿرائپ، اعتدال ۽ توازن پيدا ڪرڻ ۽ انهن ٻنهي جي خوبين کي پاڻ ۾ سمائڻ جي. ان تصور حيات ۾ مشرق جي سڪون پسندي، گهرائي، رواداري ۽ وضعداري، انسانيت ۽ روحاني بصيرت بہ شامل هجي ۽ مغرب جي روشن خيالي، ذهني جرائت، انسان دوستي، فعاليت ۽ عام انسانن جي پاسداري ۽ احترام پڻ. اهڙيءَ ريت انهن گڏيل قدرتن تي مشتمل مذهب، فلسفي، سائنس ۽ سياست سڀني جو بنيادي مقصد اهو ئي آهي تہ انسان زندگيءَ کي شرافت جي سانچي ۾ پلٽي ۽ پنهنجي جسماني ۽ روحاني قوتن کي فروغ ڏئي پر ان جدوجهد ۾ اهو نہ وساري تہ مادي دنيا جي حيثيت هڪ ذريعي ۽ وسيلي جي آهي جنهن جي تسخير سان انسان معنوي دنيا ۾ پنهنجو مقام ۽ مرتبو ماڻي سگهي ٿو.

آخر ۾ مان چاهيان ٿو تہ زندگيءَ جي معنيٰ ۽ مقصد بابت هڪ خوبصورت ۽ من موهيندڙ آمريڪي نثري نظم اوهان جي آڏو پيش ڪريان جنهن جو عنوان حضرت عيسيٰ جو اهو قول آهي تہ: "انسان فقط مانيءَ سان زندهہ ناهي رهندو!"

"انسان فقط مانيءَ سان زنده ناهي رهندو بلڪ زنده رهندو آهي سونهن ۽ هم آهنگي سان، سچائي ۽ نيڪيءَ سان، ڪم ۽ راند سان، محبت ۽ دوستيءَ سان، آرزوءَ جي آنڌ مانڌ ۽ عبادت جي شوق سان!

فقط مانيءَ سان نہ، پر رات جي خاموشيءَ ۾، تارن ڀريل آسمان جي خوبصورتيءَ سان، سج اڀرڻ وقت آسمان جي شان ۽ شوڪت ۽ سج لهڻ وقت رنگن جي سهڻي ميلاپ سان، گلن سان ڀريل وڻن جي سونهن ۽ آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ جبلن جي عظمت ۽ شان سان!

سرفروشيءَ سان نہ پر سمنڊن جي لهرن جي جوش خروش سان، ڍنڍن جي بيٺل پاڻيءَ تي چنڊ جي چانڊوڪيءَ جي عڪس سان، جابلو نئين جي پورالي پاڻيءَ سان، برف جي شفاف ٽڪرن جي سونهن ۽ باڪمال ڪاريگرن جي فني مهارت سان!

فقط مانيءَ سان نہ، پر بلبل جي مٺي راڳ دوران هوا جي سر سر سان، ستارن رمجهول جي جادوءَ سان ۽ عبادت گهرن جي ڏيمي روشنيءَ جي سهائيءَ سان!

فقط مانيءَ سان نہ، پر گلاب جي عطر سان، نارنگيءَ جي ٻهڪندڙ مهڪ سان، تازي ڪٽيل ڇٻر جي ڀنل خوشبو سان، دوست جي ڀاڪر جي گرميءَ سان، ماءُ جي محبت ڀريل پيار جي نرميءَ سان.

فقط مانيءَ سان پر شاعر جي غزلن سان، ڏاهن جي دانائيءَ سان، ولين جي تقدس سان، وڏين شخصيتن جي زندگيءَ جي داستانن سان.

"فقط مانيءَ سان نہ، پر دوستيءَ ۽ حوصلي منديءَ سان، ڳولڻ ۽ ماڻڻ سان، خدمت ۽ گڏجي ڪائڻ سان، چاهڻ ۽ چاهجڻ سان."

"انسان فقط مانيءَ سان زندهہ ناهي رهندو، اهو زنده رهندو آهي دل جي يڪسوئي سان عبادت ڪرڻ سان، الله جي هدايت لاءِ دل جا دروازا کولڻ سان ۽ الله جي راضپي واري راهہ تي هلڻ سان!"

زندگي گذارڻي آهي تہ ان طرح جي دل ۽ دماغ ۽ ان طرح جو فڪر ۽ نظر پيدا ڪرڻ ضروري آهي.

# سائنس: اڄوڪي دور ۾ ترقيءَ جو اهم وسيلو

شبير احمد مغيري

موجوده دور "سائنسي دور" آهي. دنيا جو ڪو به ملڪ تيستائين ترقي نه ٿو ڪري سگهي جيستائين اهو سائنس کي گهٽ ۾ گهٽ اهميت نٿو ڏي. دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي ڪارگذارين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته نه رڳو عمل جي ميدان ۾ پر سندن فڪري صلاحيتن تي به سائنس جو گهرو اثر پيل آهي. سائنسي اصولن، ڪوجنائن ۽ ڪارگذارين، انهن ملڪن جي عوام کي خوشحالي ۽ دشمن جي غاصبانه حملن کان محفوظ رکيو آهي ۽ هو پنهنجي هر ڪا رڪ ترقيءَ جي راه تي وڌائي رهيا آهن. ان جي برعڪس اسان وٽ نه ايترا سائنسدان آهن، نه وري ايتريون سائنسي درسگاهون يا تحقيق گاهون آهن. جن ۾ ملڪ جي مختلف گهرجن مطابق ڪم ڪري سگهجي. اهائي ڪسوٽي آهي، جن ۾ ملڪ جي مختلف گهرجن مطابق ڪم ڪري ٿو سگهجي. اهائي ڪسوٽي آهي، جنهن تي اسين پنهنجي عام بدحالي ۽ قومي پستيءَ جي سببن کي پرکي سگهون ٿا. اسان جا ڪيترائي مسئلا جهڙوڪ بک، بيماري ۽ بيروزگاري وغيره انهيءَ صورتحال جي ئي پيدوار آهن. سائنس دراصل "حق جي ڳولا" آهي. قدرت جون لامحدود نعمتون جيڪي انسان کي ظاهر نظر نٿيون اچن، اهي دريافت ڪرڻ ۽ انهن کي خلق جي خدمت لاءِ استعمال ڪرڻ سائنس جو بنيادي عمل آهي. سائنسي طريقه ڪار جو مطلب رڳو اهو آهي ته ڪنهن به شيءِ جي حقيقت کان آگاهه ٿيڻ ۽ انجي اصليت تائين پهچڻ جيڪي جيڪي حقيقتون يا واقعا اسان جي مشاهدي ۾ اچن ٿا، تن کي گڏ ڪري انهن جون خاصيتون معلوم ڪرڻ، تجربن سان انهن جي تصديق ڪرڻ ۽ انهن تجربن جي نتيجن مان نظريا قائم ڪرڻ کي ئي "سائنس" چئبو آهي. مطلب ته "مشاهدو"، "مطالعو" ۽ "تجربو" ٽيئي عمل سائنس جي اصولن کي ڳولڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ضروري آهن.

قرآن پاڪ چوڏهن سو سال ئي اڳ اها ڳالهه واضح ڪري ڇڏي آهي ته قدرت جا سڀئي مظاهرا، خدا جي هستي ۽ انجي صفتن جون نشانيون آهن. انسان کي گهرجي ته هو انهن نشانين جو مشاهدو ۽ مطالعو ڪري ته جيئن ڪيس انهن جي خالق جي وجود جو ثبوت ملي سگهي.

بيشڪ انسان، زمينن جي تخليق ۾ ۽ ڏينهن رات جي اختلاف ۾ عقلمندن لاءِ خدا جون نشانيون آهن.

تاريخ شاهد آهي ته جيستائين مسلمانن انهيءَ آيت جي مفهوم تي عمل ڪيو تيستائين هو زمين ۽ آسمان جي پرسرار حقيقتن جي پردهڪشائيءَ ۾ ڪامياب ٿيندا رهيا، پر جڏهن هنن مشاهدي ۽ مطالعي جي سائنسي عمل کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. تڏهين هر طرح جون مشڪلاتون ۽ مصيبتون هن جي آڏو اچڻ لڳيون.

انين صدي جي سونهري دور ۾ مسلمان عالمن سائنسي ڪارنامن ذريعي پنهنجي برتريءَ جو ثبوت پيش ڪيو ۽ حيرت انگيز سائنسي ترقيءَ جي سلسلي ۾ "جابر بن حيات"، "الرازي"، "الخوارزمي"، "ابن سينا" "البيروني" ۽ "ابن الهيثم" جهڙن عظيم سائنسدانن جون ڪارگذاريون صدين کان وٺي بين سائنسدانن جي رهنمائي ڪنديون رهيون آهن.

بدقسمتيءَ سان اڄ دنيا جا سمورا مسلمان ملڪ سائنس جي ميدان ۾ پوئتي پيل آهن. مراڪش کان وٺي انڊونيشيا تائين، ڪنهن به اسلامي ملڪ ۾ نڪو ڪو وڏي پيماني تي لوهه جو ڪارخانو آهي، نڪا وري ڪا هوائي جهاز ٺاهڻ جي فيڪٽري آهي. نڪو ائٽمي طاقت جو خاطر خواهه استعمال جو ڪو ذريعو آهي ۽ نه وري ڪي اهڙا قابل ذڪر سائنسي مرڪز آهن، جن مان جديد دور جا مسلمان سائنسدان ڪو فيض پرائي سگهن. ٻئي طرف وري اسرائيل ۽ هندوستان جهڙا اسان جا حريف ملڪ سائنس جي ميدان ۾ برتري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ به مسلمان قومن ۽ ملڪن خلاف سازشون سٽي رهيا آهن ۽ ڪنهن حد تائين پنهنجن مڪروهه منصوبن ۾ ڪامياب پڻ ٿيا آهن.

اسپين، جتي ست سو سالن تائين مسلمانن جو شان شوڪت، عظمت ۽ عروج برقرار رهيو اسلام دشمن طاقت جي سازشن

سبب اتي مسلمانن جو زوال تاريخ جو هڪ عبرتناڪ باب بڻجي چڪو آهي. سرقند ۽ انهن جي آسپاس وارا علائقا، جيڪي ڪنهن زماني ۾ مسلمانن سائنسدانن جي علمي ۽ عملي سرگرمين جو سرچشمون هئا، اڄ لادينيت جي تبليغ جا مرڪز ليکيا وڃن ٿا.

مسلمانن جي خلاف اهڙين سازشن جو سلسلو ڪافي عرصا کان جاري آهي ۽ شايد جاري رهندو ايندو، پر اسان کي نااميد نه ٿيڻ گهرجي ۽ پنهنجي بزرگن جي ڪارنامن کي مشعل راهه بڻائي پنهنجو وقار وري حاصل ڪرڻ گهرجي. جيئن هاڻي به جيڪڏهن سمورا اسلامي ملڪ پنهنجين وسيلن ۽ صلاحيتن کي يڪجا ڪري، باهمي مفاد جون رٿائون ناهي هڪ، ٻئي جي مدد سان انهن تي عمل شروع ڪن ته ڪوبه سبب ناهي جو انهن کي پنهنجو اڳيون اوج وري حاصل نه ٿئي ۽ اسلام يا مسلمانن کي ختم ڪرڻ جا ناپاڪارادا مٽيءَ ۾ نه ملي وڃن. اسان جي ڪيترن ئي اسلامي ملڪن ۾ ناڻي جي کوٽ ڪانهي. ڪي اهڙا ملڪ به آهن جتي سائنسدان، انجنيئر ۽ فني ماهر ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. جيڪڏهن انهيءَ سرمايه ۽ افراد قوت کي هڪ مرڪز تي گڏ ڪري استعمال ڪيو وڃي ته به اسلامي جي ڀهبوديءَ جي عملي صورت پيدا ٿي سگهي ٿي ۽ دشمن جي بدنظريءَ کان به پاڻ بچائي سگهجي ٿو.

هاڻي اچو ته پنهنجن ملڪي حالتن قدرتي وسيلن ۽ مسئلن جو به ڪجهه جائزو وٺون، خدا جي فضل سان انسان جي سرزمين معدنيات ۽ گئس سان ڀرپور هجڻ سان گڏوگڏ زارعتي لحاظ کان به نهايت زرخيز واقع ٿي آهي. صنعتي ميدان ۾ گهريل ضرورتن لاءِ جيتوڻيڪ اسان جا وسيلا محدود آهن پر سائنس جي جديد ايجادن ذريعي سج جي گرمي ۽ ائٽمي طاقت جي استعمال سان اها ڪمي پوري ڪري سگهجي ٿي. ٻيلا به هڪ اهم قدرتي وسيلا ليکيا وڃن ٿا. اسان وٽ انهن جي به کوٽ ناهي ۽ سائنسي طريقن سان ٻيلن جي ڪاٺ ۽ گاهه وغيره جي مخصوص قسمن مان ڪاغذ ۽ ريان جو ضرورتون پوريون ٿي سگهن ٿيون.

ان جي باوجود عام ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار تمام هيٺ آهي! اسان جي فصلن جي في ايڪڙ پيداوار دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. آمريڪا، جتي رڳو ڏهه سيڪڙو ماڻهو زراعت ۾ مصروف آهن، اتي ايترو اناج پيدا ٿئي ٿو جو 18 ڪروڙن جي آدمشماريءَ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کانپوءِ بچيل پيداوار ٻين ملڪن ڏانهن پڻ موڪلي وڃي ٿي. هيڏانهن اسان جا اٽڪل 75 سيڪڙو آبادگار ۽ هاري پنهنجي پيٽ جي پورت جيترو اناج به مشڪل سان پيدا ڪري سگهن ٿا. لکين ايڪڙ زرخيز زمينون هرسال سم ڪلر جو شڪار ٿيو وڃن. اسان جي في ماڻهوءَ جي آمدنيءَ جي شرح دنيا جي گهٽ ۾ گهٽ شرح ليکي وڃي ٿي. تنهن ڪانسواءِ ڪوبه اهڙو موذي مرض ڪونهي جنهن کان اسين آجا هجون. آباديءَ جو وڏو حصو مختلف بيمارين ۾ مبتلا آهي. هر سال هزارين ماڻهو خشڪ سالي ۽ ٻوڏن سبب دربدر ٿي وڃن ٿا. ٻارن جي پيدائش جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿي رهيو آهي. رڳو ويهه سيڪڙو ماڻهو لکي يا پڙهي سگهن ٿا. باقي 80 سيڪڙو جهالت ۾ اونداهيءَ ۾ هٿوراڙيون ڏيئي رهيا آهن.

مٿين حقيقتن جي موجودگيءَ ۾، چند شهرن جي بلند عمارتن، چمڪندڙ دڪانن يا ڀهڪندڙ روشنين کي ترقيءَ جو نالو ڏئي سگهجي ۽ نه ئي محض زباني دعوائن سان ملڪ جي غريب اڪثريت جي سقيم ۽ رحم جوڳي حالت تي پردو وجهي سگهجي ٿو. تنهنڪري اسان کي جيڪڏهن انهن مصيبتن ۽ مشڪلاتن کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي آئنده نسلن کي هڪ باصلاحيت قوم جي حيثيت سان اپارڻو آهي ته پوءِ ان ڪانسواءِ ٻي ڪابه صورت نه آهي ته اسين سائنس جي جديد تصورن، نظرين ۽ حقيقتن کي تسليم ڪري، اسلامي تعليمات جي روشني ۾ پوري همت ۽ استقلال سان عمل پيرا ٿيون.

هاڻي اسان کي پنهنجين ڪوتاهين



جي تلافي ۽ موجوده مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ کڻڻا اُپاءَ وٺڻ گهرجن. ان لاءِ هيٺيون چند تجويزون ۽ گذارشون پيش خدمت آهن:

1. سائنسي تحريڪ

قومن جي زندگيءَ ۾ تحريڪن ذريعي ئي انقلاب ايندا رهندا آهن. معاشري جي اصلاح لاءِ سماجي تحريڪن ذريعي ئي انقلاب ايندا رهندا آهن. معاشري جي اصلاح لاءِ سماجي تحريڪون هلايون وينديون آهن. سياسي استحڪام لاءِ سياسي تحريڪون جاري ڪيون وينديون آهن ۽ مذهبي بيداري لاءِ مذهبي تحريڪون شروع ڪيون وينديون آهن. اهڙيءَ طرح موجوده وقت جي تقاضا آهي ته عوامي نوعيت جي هڪ اهڙي جماعت ۽ موثر سائنسي تحريڪ عمل ۾ آندي وڃي جنهن سان عام ماڻهن ۾ اهو يقين ۽ احساس پيدا ٿئي ته سندن مجموعي خوشحاليءَ قومي وقار لاءِ سائنس جو استعمال نهايت ضروري آهي.

هر تحريڪ جي شروعاتي دور ۾ ڪي رنڊڪون يا مشڪلاتون ضرور پيش اينديون آهن ۽ ٿي سگهي ٿو ته اسان کي به اهڙي صورتحال جو مقابلو ڪرڻو پوي، خصوصاً انهيءَ حالت ۾ جڏهن اسان جي ملڪ ۾ 50 سيڪڙو آبادي اڻ پڙهيل آهي. تنهنڪري هن تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اسان کي اهڙيون تدبيرون اختيار ڪرڻيون پونديون جيئن اسان جو اڻ پڙهيل طبقو به پنهنجي خوشيءَ ۽ دلچسپيءَ سان ان ۾ حصو وٺي سگهي. انهيءَ سلسلي ۾ مان ملڪ جي نوجوان سائنسدانن کي پنهنجي فرض جو احساس ڏياريندي پر خلوص اپيل ڪندس ته اهي سائنسي تحريڪ جو بنياد رکن ۽ هن تحريڪ جا پهريان ڪارڪن بڻجي هر ڳوٺ، محلي ۽ هر گهر تائين سائنس جو پيغام پهچائين.

انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي اپاءَ آهن جن تي عمل ڪرڻ سان بهتر نتيجن جي اميد رکي سگهجي ٿي. جهڙوڪ، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سائنسي ڪلبون قائم ڪرڻ. وقتافوقتا سائنسي ميلا مجلسون منعقد ڪرڻ. سائنسي ۽ فني علمن جي ترويج لاءِ اشاعتي سلسلا جاري ڪرڻ، مذڪرا ڪرڻ، اهڙيون دستاويزي فلمون ڊيڪارڻ جن سان اڻ واقف ماڻهن کي سائنس جي اهميت ۽ استعمال جي پروڙ پئجي سگهي. اهڙا پروگرام يقيناً عام شهرن ۾ سائنسي شعور پيدا ڪندا ۾ سائنسي سجاڳي آڻيندا.

2. سائنسي تعليم

سائنس جي ترقيءَ لاءِ سائنس جي تعليم پهريون ڏاڪو آهي. تنهنڪري سائنسي تعليم لاءِ هڪ اهڙي نظام جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي جيڪو سماجي ۽ معاشي حالتن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ موثر ٿي سگهي. ترقي پذير ملڪن ۾ خاص طور تي اهو مطالبو زور وٺي رهيو آهي ته تعليمي ادارن ۾ سائنسي تعليم لاءِ جديد ترين طريقا اختيار ڪيا وڃن.

هن وقت وڏيڪ ترقي ڪيل ملڪن اندر سائنس جي مختلف شعبن ۾ جنهن انداز سان ڪم ڪيو پيو وڃي، ان مطابق اسان کي پراڻن ۽ محدود عملي نظرين سان گڏوگڏ نين دريافتن، نون نظرين ۽ نين وضاحتن تي به غور فڪر ڪرڻو پوندو. ٻين اکرن ۾ ائين چئجي ته عام سائنسي تعليم جي ترقيءَ لاءِ اسان کي اهڙو نئون رخ ۽ نوان طريقا اختيار ڪرڻا پوندا جيڪي شاگردن کي سائنس جي حقيقت سمجهڻ ۾ مددگار ٿي سگهن. انهي ڪانپوءِ ئي سائنسي تعليم اسان جي شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ صحيح معنيٰ ۾ فائديمند ٿي سگهندي جيڪي پنهنجي زندگيءَ کي سنوارڻ لاءِ تعليم جو سهارو وٺن ٿا.

انسان فطرتي طور تي هر شيءِ جو تجربو حاصل ڪرڻ جو شوق رکي ٿو ۽ تجربي وسيلي ئي هو پنهنجي مشاهدي کي تقويت پهچائڻ جو خواهشمند هوندو آهي. سائنسي تعليم جو اصل مقصد به اهو ئي آهي ته شاگردن ۾ ڳولڻ، جاچڻ ۽ اڀياس ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي. تنهنڪري تعليم جي ابتدائي دور ۾ ئي ٻارڙن جي انهيءَ حس کي اڀارڻ جا اپاءَ وٺڻ ضروري آهي. اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهين پرائمري سطح کان ئي دلچسپ انداز ۾ سائنسي تعليم جو بنياد رکيو وڃي.

سائنسي تعليم ۽ تدريس کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ٻي ضروري ڳالهه اها آهي ته اسين پنهنجي غور فڪر ۾ تبديلي آڻڻ سان گڏ سائنسي تعليم سان واسطو رکندڙ فردن جي به قدرداني ڪريون جن جي هٿن ملڪ جي نوجوان ۽ باصلاحيت شاگردن جي قسمت جون واڳون رهن ٿيون.

3. سائنسي تحقيق

هن وقت مختلف ملڪن ۾ سائنسي تحقيقات تي ٿيندڙ خرچ جي ڀيٽ ۾ اسان جي ملڪ ۾ نه رڳو نالي ماتر خرچ ٿئي ٿو. ملڪ ۾ سائنسي سرگرمين جي حوصله افزائي لاءِ مالي رنڊڪن ۽ مشڪلاتن کي فوري طور تي هٽائڻ نهايت ضروري آهي. جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته اسان جون ملڪ سائنسي ترقيءَ جي ميدان ۾ اڳتي وڌي ته اسان کي سائنسي تحقيق جي مد ۾ خرچ کي به وڌائڻو پوندو.

سائنسي تحقيق جي ذريعي ڪيترن ئي قومي مسئلن جو حل پڻ ڳولي سگهجي ٿو. زرعي ۽ صنعتي پيداوار وڌائڻ، سم ڪلر کي ختم ڪرڻ، سستي ۽ موثر علاج جا طريقا ڳولڻ وغيره. اسان جا قومي مسئلا آهن پر اهي مسئلا زباني جمع خرج سان حل نٿا ٿي سگهن. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ تربيت يافته نوجوان سائنسدانن کي مناسب سهوليتون



ڏيئي اڳتي آڻڻ گهرجي ۽ سندن صلاحيتن مان پورو پورو فائدو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪائنن رڳو اسڪيمون ٺاهڻ جو ڪم ورتو ويندو ته منهنجي خيال ۾ اها سندن بي قدري ٿيندي. ان باري ۾ منهنجي راءِ آهي ته اسان ڪي ماهرن جون اهڙيون ڪميٽيون مقرر ڪرڻ گهرجن جيڪي قومي مسئلن جي حل لاءِ سائنسي تحقيق جون رٿائون تيار ڪن ۽ انهن رٿائن ڪي عمل هيٺ آڻڻ جي ضرورت تجويز ڪئي وڃي.

هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سائنسي لحاظ کان اسين ايتري تڪڙي ترقي ڪريون جو وڏيڪ ترقي ڪيل ملڪن ۽ اسان جي وچ ۾ ٿيل وسيع خال جلدي پرجي وڃي، ان لاءِ منهنجي خيال ۾ سڀ کان اهم ڳالهه آهي، سائنسي ماهرن جو تعداد وڌائڻ ۽ جيستائين اها بنيادي ڪوشش نه ڪئي ويندي تيستائين اڳتي وڌڻ مشڪل ٿي پوندو. ٻيو ڏاڪو آهي انهن ماهرن جي تعليمي ۽ تعميري صلاحيتن ڪي ملڪ جي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ.

**4. زرعي معيشت کي صنعتي دور ۾ داخل ڪرڻ**

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ صنعتي معيشت جي نه اپرڻ سبب ئي عام ماڻهو فقط سرڪاري نوڪريءَ تي دارومدار رکن ٿا. صنعتن جي موجودگي ۽ ان جي مختلف فني شعبن جي تعليم ۽ تربيت جو انتظام هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. ان سلسلي ۾ هر سطح تي ڪوششون ورتيون وڃن. ڇاڪاڻ ته وڌندڙ آباديءَ جي معاشي ضرورتن جو پورائو ۽ جديد دور سان هم آهنگي انهيءَ کان سواءِ ممڪن ناهي.

مٿي ڄاڻايل مسئلا ۽ مقصد هڪ اهڙي جامع قومي سائنسيءَ پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهندا جنهن ۾ هيٺين ڳالهين ڏانهن خاص طور تي توجهه ڏنل هجي.

1. سائنس ۽ سائنسي طريقن کي مقبول عام بنائڻ
2. جديد تقاضائن مطابق سائنسي تعليم ڏيڻ.
3. يونيورسٽين ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ سائنسي تحقيق کي فروغ ڏيڻ.
4. سائنسي ۽ فني ماهرن ۾ اضافو ڪرڻ
5. سائنسي ادارن جي نئين سر تنظيم ڪرڻ.
6. قومي مسئلن جو تجزيو ڪرڻ.
7. ملڪي وسيلن جو صحيح استعمال ڪرڻ.
8. سائنسي ڪوشش جي همٿ افزائي ۽ قدرداني ڪرڻ
9. قابل ترجيح سائنسي سرگرمين کي زور وٺرائڻ
10. خوراڪ ۽ بچاءَ جي ضرورتن کي اوليت ڏيڻ.

ملڪ جي نامور سائنسدانن ۽ دانشورن کي گذارش آهي ته موجوده صورتحال جو وري سنجيدگيءَ ۽ باريڪبينيءَ سان جائزو وٺي، بدلجندڙ حالتن ۾ پيش آيل مشڪلاتن جو هڪ جامع ۽ پائيدار حل تلاش ڪن ۽ ملڪ جي نئين سر تعمير، خوشحاليءَ، بقا ۽ سالميت لاءِ حڪومت ۽ ٻين واسطيدارن اڳيان پنهنجون ڪارآمد تجويزون پيش ڪن ته جيئن ترقيءَ جي راهه ۾ تڪڙي وک وڌائڻ لاءِ سڄي قوم کي سائنسي فني انقلاب جي دائري ۾ گامزن ڪري سگهجي.

# قاضين جي ذهانت

محمد عثمان عباسي

## ڪعب بن اسود رضہ جي سوچ ويچار واري ڳالهہ

شعبي کان روايت آهي تہ هڪ عورت حضرت عمر بن الخطاب رضي الله عنہ جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ مان هڪ اهڙي شخص جي شڪايت پيش ڪريان ٿي جيڪو دنيا جو بهترين شخص آهي سواءِ ان شخص جي جيڪو خير جي عملن ۾ ان کان برتري وٺي ويو هجي يا ان ئي جهڙن عملن تي پابند هجي. اهو شخص سڄي رات صبح تائين نفل پڙهندو آهي ۽ سڄو ڏينهن روزي سان هوندو آهي (ايترو عرض ڪرڻ ڪانپوءِ) پوءِ ان تي حياءَ جو غلبو ٿي ويو ۽ عرض ڪيائين تہ اي اميرالمومنين مان پنهنجي شڪايت واپس وٺڻ چاهيان ٿي. پاڻ فرمايائون الله توکي نيڪيءَ جو بدلو عطا فرمائي، تو تہ نهايت سٺي واکاڻ ۽ تعريف ڪئي ۽ فرمايائون تمام سٺو. جڏهن هوءَ هلي ويئي تہ ڪعب بن اسود رضہ (ان وقت ڪعب بن اسود جي عمر ويهن سالن کان بہ گهٽ هئي) عرض ڪيو تہ اميرالمومنين هن عورت ڪامل طور تي پنهنجي شڪايت توهان جي سامهون پيش ڪئي.

پاڻ فرمايائون تہ ان ڪهڙي شڪايت ڪئي آهي؟

ڪعب رضي الله عنہ عرض ڪيو تہ پنهنجي مڙس جي شڪايت ڪئي.

حضرت عمر رضي الله عنہ ان عورت ۽ ان جي مڙس کي حاضر ڪرڻ جو حڪم ڪيو تہ ٻئي حاضر ٿيا تہ پاڻ ڪعب کي فرمايو تہ تون انهن جو فيصلو ڪر. ان عرض ڪيو تہ مان توهانجي موجودگيءَ ۾ فيصلو ڪريان؟ پاڻ رضہ جن فرمايو تہ توهان پنهنجي ذهانت سان اها ڳالهہ سمجهي ويا جيڪا مان نہ سمجهي سگهيس (انڪري هاڻي فيصلو بہ تون ئي ڪر) ڪعب فيصلو ڪيو تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو: فانڪحوا ما طاب لڪم من النساء مثني وثلث ورباع.

(ان مڙس کي حڪم ڪيو تہ) ٽي ڏينهن روزا رک ۽ هڪ ڏينهن روزو ڪوليندو ڪر. ان (گهرواري) سان گڏ رهہ ۽ ٽي راتيون نفلن جي لاءِ بيهندو ڪر ۽ هڪ رات ان سان گڏ رهہ. حضرت عمر رضہ فرمايو والله هي فيصلو منهنجي لاءِ پهرين ڳالهہ کان بہ وڌيڪ عجيب آهي. هن واقعي کانپوءِ ئي پاڻ انکي بصري جو قاضي مقرر ڪيو ۽ هن جي لاءِ سواريءَ جو انتظام ڪري ڪيس روانو ڪري ڇڏيو.

## قاضي شريح جي باري ۾ هڪ مشهور چوڻي

مجالد بن سعيد چوي ٿو مون شعبي کان پڇيو تہ هيءَ ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ شريح لومڙي کان بہ وڌيڪ چالاڪ ۽ اٽڪلي آهي، ان جي حقيقت ڇا آهي؟ ان مون کي هن جو سبب ٻڌايو تہ شريح (قاضي) طاعون (هڪ قسم جي وچڙندڙ ۽ ماريندڙ بيماري-پليگ) جي زماني ۾ نجف ڏانهن هليو ويو هو ۽ جڏهن هو نماز پڙهڻ لاءِ بيهندو هو تہ هڪ لومڙي اچي انجي سامهون بيهي رهندي هئي ۽ هن جو ڌيان هٽائڻ لاءِ ان جي سامهون ڪل جهڙيون حرڪتون ڪندي هئي، جنهن سان نماز ۾ ان جو ڌيان ڇڪجي ويندو هو. جڏهن انکي ڪجهہ عرصو گذري ويو تہ ان (هي ترڪيب ڪئي تہ) هڪ بانس جو ڍانچو ٺاهي ان کي پنهنجي قميص پاتي ۽ ٻانهون ٻاهر ڪڍي ڇڏيون ۽ پنهنجي ٽوپي پارائي پٽڪو ان تي ٻڌي ڇڏيو. هاڻي لومڙي پنهنجي عادت مطابق اچي بيهي رهي تہ شريح پٺيان اچي يڪدم انکي پڪڙي ورتو. تنهنڪري چيو ويندو آهي تہ شريح لومڙي کان وڌيڪ چالاڪ ۽ اٽڪلي آهي.

## ڪنهنجو روئڻ انجي مظلوميت جو دليل نہ آهي

خالد شعبي کان روايت ڪن ٿا تہ مان شريح وٽ موجود هئس تہ هڪ عورت هڪ مرد سان جهيڙو ڪندي آئي، هنجي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا، هوءَ روئڻ لڳي. مون چيو اي ابواميہ (هيءَ شريح جي ڪنيت آهي) منهنجي خيال ۾ هيءَ غم ۾ ورتل مظلومياڻي آهي. ان جواب ڏنو اي شعبي يوسف عليہ السلام جا ڀائر بہ تہ رات جو پنهنجي پيءَ وٽ روئندي آيا هئا.

## قاضي شريح جي ذهانت

قريش قبيلي جي هڪ شيخ بيان ڪيو تہ شريح پنهنجي هڪ ڏاچي وڪڻڻ چاهي پيو خريدار چيو اي ابواميہ هنجو کير ڪهڙو آهي؟ ان جواب ڏنو تہ جنهن ٿانو ۾ چاهين کير وٺ. (هن مان اشاري طور هيءَ

وصف مراد ٿي سگهي ٿي تہ گهڻو ڪير آهي جنهن سان وڏي ڪان وڏو ٺانءُ بہ ڀرجي ويندو) ان پڇيو تہ رفتار ڪيئن اٿس؟ جواب ڏنائين تہ بسترو وڇائي سمهي پئو (هتي بہ اشاري طور رمز ۾ هي مطلب ٿئي ٿو تہ وڏي تيز رفتار آهي. پر حقيقي ڏسندئو تہ انجي جاءِ سڃاڻي ويندئو پنهنجو ڏرو ڦتڪو لڙڪائي ڇڏيوءِ روانا ٿي وڃو.) ان چيو تہ هنجي طاقت جو ڪهڙو حال آهي؟ تہ جواب ڏنائين پٽ تي جيترو وزن چاهيو ڪڙي سگهو ٿا. ان خريد ڪئي پر انجي ٻڌايل ڪا بہ صف ان ۾ نہ ڏٺي تہ هن شريح وٽ اچي چيو تہ مون ان ۾ اهڙي ڪا بہ صفت نہ ڏٺي جيڪا توهان ظاهر ڪئي هئي. شريح چيو مون تو سان ڪوڙ نہ ڳالهايو (تنهنجي سمجهہ جو قصور آهي) پوءِ ان معافي طلبڻ جي خواهش ڪئي جنهن کي هن منظور ڪيو يعني واپار وارو معاملو ختم ٿيو.

**واضح مايوسيءَ جو اظهار مصلحت جي خلاف آهي**

ڪيترن ئي ماڻهن ڪان روايت آهي تہ جڏهن (امير) گهڻو بيمار هو تہ شريح جڏهن ان وٽ (طبع پرسي ڪانپوءِ) واپس آيو تہ مسروق الاجدع هڪ قاصد جي معرفت ان ڪان پڇيو تہ توهان امير جو ڪهڙو حال ڏٺو؟ ان هي جواب ڏنو تہ انکي امرونهي (ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ جا ڪم) ڪندي ڇڏي آيو آهيان. مسروق چيو انجي مراد "امر" مان وصيتون هيون ۽ نهي مان هي تہ عورتون روڄ ڪرڻ ڪان پري رهن (ڇٽو مايوسيءَ جو اظهار مصلحت جي خلاف هو ان ڪري هن اهڙا لفظ ڳالهايا جن جو ظاهري مطلب هي ٿئي ٿو تہ سڀ خيريت آهي.)

**قاضي شريح جي حاضر دماغي**

روايت آهي تہ عدي بن ارطات شريح وٽ آيو جڏهن هو مجلس قضا ۾ ويٺو هو. اچي چوڻ لڳو تہ توهان ڪٿي آهيو؟ شريح جواب ڏنو توهان جي ۽ پٽ جي وچ تي. ان چيو نيڪ منهنجي ڳالهہ ٻڌ. شريح چيو هن مجلس ۾ انکري ويٺو آهيان. عديءَ چيو مان شام وارن مان آهيان. شريح چيو منهنجا دوست منهنجي ويجهو ٿي. ان چيو مون پنهنجي قوم مان هڪ عورت سان شادي ڪئي. شريح چيو الله برڪت ڏئي توهانکي اتفاق (موافقت) ۾ رکي ۽ پٽ ڏئي. ان چيو مون گهرواريءَ جي مائٽن سان هي شرط منظور ڪيو هو تہ مان انکي مائٽن مان نہ ڪڍندس. شريح چيو شرط جي پابندي نهايت ضروري آهي. عديءَ چيو ۽ مان انکي اتان ڪيڻ چاهيان ٿو ان چيو خدا حافظ عديءَ چيو توهان اسانجي وچ ۾ فيصلو ڪريو. شريح چيو ڪري چڪو آهيان (اهڙي صورت ۾ شرط توڙڻ جو گناهہ ٿيندو آهي جنهن تي معافي يا سزا جو تعلق خدا سان آهي. "في حفظ الله" مان اها ئي مراد هئي پر نڪاح باقي رهندو آهي اهو نہ ٽٽندو آهي.)

**عادت ۽ افعالن سان حالتون ۽ واقعا معلوم ڪرڻ**

روايت آهي تہ اياس بن معاويہ وٽ ٽي عورتون آيون انهن (هنن کي ڏسي) چيو تہ انهن مان هڪ ٻار کي کير پيئارڻ واري آهي، ٻئي ڪنواري ۽ ٽئين بيواهہ. ان ڪان پڇيو ويو تہ توهان کي ڪيئن خبر پئجي ويئي؟ ان چيو کير پيارڻ واري جڏهن ويٺي تہ ان پنهنجي هٿ سان ٻين کي سنڀاليو ۽ جڏهن ڪنواري ويٺي تہ هن ڪنهن بہ طرف توجهہ نہ ڪيو ۽ بيواهہ جڏهن آئي تہ هوءَ ساڄي کاٻي نظر ڦيرائيندي رهي.

**قاضي اياس بن معاويہ جو واقعو**

ابوالحسن قيسي ڪان معلوم ٿيو تہ هڪ شخص ٻئي شخص وٽ ڪجهہ مال امانت رکيو. هي شخص اهڙو امانتدار مشهور هو جنهن جي باري ۾ ڪنهن کي شبهو نہ هو. پوءِ امانت رکڻ وارو شخص مڪي هليو ويو. جڏهن هي واپس آيو تہ پنهنجو مال گهرايائين تہ هن شخص مڪر ڪيو تہ دعويدار اياس وٽ پهتوءِ سڄو واقعو ٻڌايو. اياس چيو ڇا مون ڏانهن تنهنجي اچڻ جي خبر پئجي ويئي. هن چيو تہ نہ. پوءِ پڇيائين تہ تون ڪنهن شخص جي موجودگي ۾ ان سان جهڳڙو ڪيو آهي؟ هن چيو تہ نہ. ڪنهن کي انجي خبر نہ ٿي. اياس چيو تون واپس وڃ ۽ ڪنهن جي سامهون انجي ڳالهہ بہ نہ ڪر ۽ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مون سان مل. اهو شخص هليو ويو هاڻي اياس ان امانت رکڻ واري شخص کي سڏائي چيو گهڻي مقدار ۾ اسانجو مال اچي ويو آهي. اسان جو ارادو آهي تہ اهو تنهنجي حوالي ڪري ڇڏيون. ڇا تنهنجو گهر محفوظ آهي؟ ان چيو هائو. اياس چيو تہ مال رکڻ لاءِ مناسب جاءِ ٺيڪ ڪري ڇڏ ۽ مزدورن جو انتظام بہ هئڻ گهرجي جيڪي انکي کڻي وڃن.

هاڻي (ٻن ڏينهن ڪانپوءِ) اهو شخص آيو تہ انکي اياس چيو هاڻي تون وڃين ان ڪان پنهنجو مال گهُر. جيڪڏهن اهو ڏئي تہ مقصد حاصل ٿي ويو ۽ جيڪڏهن انڪار ڪري تہ انکي چئجان تہ مان قاضيءَ کي دانهن ڏيان ٿو. جيئن هي شخص ان ڏانهن ويو ۽ ڪيس چيائين منهنجو مال ڏي نہ تہ قاضي صاحب ڏانهن وڃي شڪايت ڪندس ۽ سڄي حقيقت انکي ٻڌائيندس. هن انجو مال ڪيس واپس ڪري ڇڏيو. ان شخص اياس وٽ وڃي اطلاع ڏنو تہ ان مال واپس ڏئي ڇڏيو. پوءِ اهو امين اياس وٽ پهتو تہ هن ڪيس مار ڏيارائي ڪيرائي ڇڏيو ۽ چيو تہ اي خيانت ڪندڙ خبردار ڪڏهن هيڏانهن جو رخ بہ نہ ڪجان.

**اياس بن معاويہ جو ڦاٽ ڏسي نانگ جو اندازو لڳائڻ**

جاحظ ڳالهہ ڪئي تہ اياس بن معاويہ زمين ۾ هڪ ڦاٽ (سير) کي ڏسي چيو تہ هن ۾ ڪو جانور آهي. ماڻهن غور سان ڏٺو تہ ان ۾ نانگ هئو. ڪانئس پڇيو ويو تہ توهان ڪيئن سمجهيو؟ هن چيو تہ ان ڦوٽ ۾ هر ٻن سرن جي وچ ۾ ڪجهہ (رطوبت/تازگي) ڏسي مون سمجهيو تہ هيٺ کا ساهہ کڻڻ واري شئي

آهي.

### آواز جي ذريعي سان ڪتي جي حالت معلوم ڪرڻ

جاحظ کان روايت آهي تہ اياس حج جي سفر تي هئو تہ هڪ ڪتي جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌي چوڻ لڳو تہ هي ڪتو ٻڌل آهي. وري انجي ڀونڪڻ جو آواز آيو تہ چيائين تہ هاڻي ڪوليو ويو آهي. جڏهن ماڻهو پاڻيءَ تائين پهچي ويا (جتي آبادي هئي) تہ اتان جي ماڻهن کان پڇيو تہ اياس جي ڳالهہ صحيح نڪتي. ان کان پڇيو تہ توهان ڪيئن سمجهيو؟ تہ هن چيو تہ جڏهن ڪتو ٻڌل هئو تہ انجو آواز هڪ ئي جاءِ تان ٻڌڻ ۾ پئي آيو. وري مون ٻڌو تہ اهو آواز ڪڏهن ويجهو تي پئي ويو ڪڏهن پري.

### آواز جي ذريعي ويجهئي ۽ پري جو هئڻ معلوم ڪرڻ

هڪ دفعي اياس جو گذر (ان ئي سفر ۾) هڪ پاڻيءَ تي ٿيو. (جتي ڳوٺ هئو) تہ چوڻ لڳو تہ اهڙي ڪتي جو آواز ٻڌي رهيو آهيان جيڪو هن ڳوٺ کان ٻاهر جو آهي. هن کي چيو ويو تہ توهان ڪيئن سڃاتو؟ تہ چيائين هڪ آواز دٻيل آهي ۽ ٻيو آواز سخت آهي. جڏهن اتان جي ماڻهن کان پڇيو ويو تہ ايئن ئي ثابت ٿيو تہ هڪ اوپري ڪتي تي ٻيا ڪتا ڀونڪي رهيا هئا.

عبيدالله بن حسن ۽ عمر ٻئي گڏ بصري جا قاضي هئا انڪري فيصلا بہ گڏيل طور تي ٿيندا هئا.

ابو سهل اسانکي ٻڌايو تہ قاضيءَ جو عهدو ڪڏهن ٻن جي وچ ۾ گڏيل نہ ٿاهيو ويو پر عبيدالله بن الحسن النبري ۽ عمر بن عامر جي وچ ۾ ٻئي گڏيل طور تي بصري جا قاضي هئا. هر مجلس ۾ ٻئي گڏ رهندا هئا ۽ ماڻهن کي جڏهن ڏسندا تہ هڪ ٻئي سان گڏ ڏسندا هئا. چون ٿا تہ ٻنهي وٽ هڪ قوم هڪ ٻانهيءَ جو معاملو کڻي آئي جيڪا ڪپڙا نہ پائيندي هئي. انڪري جيڪو خريدار هئو اهو انکي عيب قرار ڏئي رهيو هو ۽ انکي وڪڻڻ وارو انکي عيب نہ پيو مڃي، ان فيصلي جي لاءِ عدالت جي طرف انهن ماڻهن درخواست ڏني هئي. انجي باري ۾ عمر بن عامر چيو تہ هي ناقص الخلقت آهي ۽ عبيدالله بن الحسن چيو تہ جيڪا شيءِ اهڙي هجي جيڪا خلقت ۽ طبيعت عامہ جي خلاف هجي اهو عيب آهي (تہ ٻنهي جي جملن کي ملائي هي فيصلو ٿيو تہ ٻانهي عيب واري آهي. ان ۾ فيصلي جو پوراءُ ڪنهن هڪ قاضي جي فيصلي سان نٿي سگهيو جيستائين ٻنهي کي بطور نند وڏائي ملايو نہ ويو ۽ يقينن هن ڳالهہ جي اظهار مان اهو ئي مقصد آهي تہ شراڪت جي حيثيت کي اهڙي طرح هي ٻئي حضرات دائم رکندا هئا.

### ڪنهنجي ظاهري ايمانداري ۽ تقويٰ تي حد کان وڌيڪ اعتماد جو نتيجو

يزيد بن هارون کان روايت آهي تہ واسط ۾ هڪ اهڙي شخص کي قاضي مقرر ڪيو ويو جيڪو معتبر ۽ ڪيترين ئي حديثن جو حافظ هو. سندس سامهون هڪ شخص پنهنجو مقدمو پيش ڪيو. جنهن جي روئداد هيءَ آهي تہ ان شخص هڪ شاهد (گواهہ) کي هڪ سيل مهر ٿيلهي امانت رکڻ لاءِ ڏني (اسلام جي زماني ۾ هي هڪ خاص اعزازي عهدو هو تہ جيڪي ماڻهو ايماندار ۽ تقويٰ وارا هئا انهن کان عام ماڻهو پنهنجي لکيل معاهدن تي صحيح ڪرائيندا هئا ۽ حڪومت انهن جي شهادت کي قبول ڪندي هئي)۽ ڳالهہ ڪري ڇڏي تہ هن ۾ هڪ هزار دينار آهن. جڏهن هي امانت رکڻ وارو وڏي عرصي تائين غائب رهيو ۽ ٿيلهي ان شاهد جي قبضي ۾ هئي تہ ان هي تصور ڪيو تہ اهو شخص مري (وفات) ڪري چڪو آهي. هاڻي ڪيس مال کي پنهنجي خرچ ۾ ملائڻ جي نيت ٿي ويئي پوءِ سوچ ڪري ٿيلهيءَ کي هيٺئين طرف کان اديڙيو (تہ جيئن مهر باقي رهي) ان مان دينار ڪڍي انجي بدران درهمن سان ڀري سڀي ساڳئي نموني بند ڪري ڇڏيو. ڪجهہ عرصي کانپوءِ مالڪ واپس آيو ۽ هن شاهد کان پنهنجي امانت واپس گهري. ان مهر لڳل سيل ٿيل ٿيلهي واپس ڪري ڇڏي. جڏهن هن پنهنجي گهر پهچي ڪري سيل کي توڙيو تہ ان مان درهم نڪتا. پوءِ هو شاهد وٽ واپس آيو ۽ انکي چيو الله توکي معاف ڪري منهنجو مال واپس ڪر، مون ان ۾ دينار رکيا هئا ۽ ان مان درهم ظاهر ٿيا تہ اهو انڪار ڪرڻ لڳو.

هي مقدمو جڏهن قاضي صاحب جي سامهون پيش ٿيو تہ ان پڇيو تہ هيءَ ٿيلهي ڪڏهن امانت رکي ويئي هئي تہ ٻڌايو ويو تہ پندرهن سال اڳ. هاڻي قاضي صاحب انهن درهمن کي کڻي انجي ڇپائيءَ کي پڙهڻ شروع ڪيو تہ (سنن جي پڙهڻ مان معلوم ٿيو تہ) انهن مان ڪجهہ درهم ٻہ سال اڳ جا ٺهيل هئا ۽ ڪجهہ ٽي سال اڳ جا. يعني انجي ويجهو هئا. قاضي صاحب حڪم ڪيو تہ فريادي کي دينار واپس ڪيا وڃن. جيڪي شاهد واپس ڪيا. قاضي صاحب انکي خيانت ڪندڙ چئي سڏيو ۽ شهر ۾ عام اعلان ڪرايو تہ فلاڻي پٽ لاڻي کي قاضي شاهديءَ کان بيڪار قرار ڏنو آهي. سيئي ماڻهو انکي سڃاڻين ۽ اڄ کانپوءِ ان جي دوکي ۾ نہ اچن. ان شاهد پنهنجي سڀي جائداد هئي وڪڻي ڇڏي ۽ واسط مان ڀڄي ويو ۽ ڪنهن اهڙي جاءِ تي هليو ويو جو وري انجي ڪنهن کي بہ خبر پئجي نہ سگهي.

### قاضي اياس بن معاويہ جي تيز سمجهہ، ڳالهہ جو نڪتو سمجهڻ

ابو محمد قرشيءَ اسانکي ٻڌايو تہ هڪ شخص ٻئي وٽ ڪجهہ مال امانت طور رکيو. پوءِ جڏهن هن ڪانئس گهريو تہ ان انڪار ڪري ڇڏيو. هن پنهنجو معاملو اياس بن معاويہ جي سامهون پيش ڪيو. فرياديءَ بيان ڪيو تہ مون انکي مال ڏنو. قاضي اياس سوال ڪيو تہ ڪنهن جي سامهون ڏنو هو؟ هن چيو تہ

مون اهڙي جاءِ تي ڏنو هو جتي ڪو بہ موجود نہ هو. قاضيءَ چيو تہ ان جاءِ تي ڪا شيءِ آهي؟ هن چيو تہ هڪ وڻ آهي. قاضيءَ چيو ٺيڪ صحيح هاڻي تون ان جاءِ تي وڃ ۽ وڻ کي ڏس. شايد الله تعاليٰ اتي وڃڻ سان اهڙي ڳالهہ واضح ڪري جنهن سان تنهنجو حق ظاهر ٿي پوي. ٿي سگهي ٿو تہ تو وڻ جي ويجهو پنهنجو مال پوريو هجي ۽ اتي پهچي ياد اچي وڃي جڏهن تون وڻ کي ڏسين. هي شخص هليو ويو. قاضي صاحب جوابدار کي فرياديءَ جي واپسي تائين ويٺو رهڻ جو حڪم ڪيو. اهو ويهي رهيو ۽ اياس قضا بابت ڪم ڪندو رهيو ۽ هڪ گهڙي هنجي طرف ڏسڻ لاءِ ڪانئس پڇيو تہ اي شخص ڇا اهو تنهنجو ساٿي ان وڻ تائين پهچي ويو هوندو. جنهن جاءِ جي اهو ڳالهہ ڪري رهيو هو. ان چيو تہ نہ (ان انڪار نہ مان ثابت ٿي ويو تہ هي ان جاءِ کان چڱي طرح واقف آهي) اياس چيو "مردود تہ يقينن خيانت ڪندڙ آهي." ان چيو الله اوهان سان گڏ آساني ڪري. اوهان مون سان آساني ڪري ڇڏي." ان مٿس هڪ نگران مقرر ڪري ڇڏيو جيڪو انجي حفاظت ڪري(وڃڻ نہ ڏئي) ايستائين جو اهو شخص واپس اچي ويو. ان کي اياس چيو هي تنهنجي حق جو اقرار ڪري چڪو آهي، هنکي پڪڙ.

## سڀ کان وڏي قاضي شاميءَ جي تيز فهمي

ابن السماڪ ڳالهہ ڪئي تہ هڪ ڏينهن وڏي قاضي شاميءَ جي سامهون ٻن شخصن پنهنجو ڪيس پيش ڪيو. جڏهن تہ هي جامع منصور ۾ ويٺا هئا. انهن مان هڪ چيو تہ مون ڏهہ دينار انکي امانتن ڏنا هئا. ٻيو چوي پيو تہ هن مونکي ڪجهہ نہ ڏنو پاڻ مطالبي ڪرڻ واري کي چيو تو وٽ ڪو ثبوت آهي؟ ان چيو تہ نہ. قاضي صاحب چيو ۽ ڪنهنجي اکين جي سامهون ڏنا؟ هن چيو تہ نہ. اتي الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ هو. قاضي صاحب چيو تہ ڪهڙي جاءِ تي حوالي ڪيا هئا. ان چيو تہ ڪرخ جي هڪ مسجد ۾ (ڪرخ بغداد جو هڪ وڏو محلو آهي، جنهن ۾ ڪيتريون ئي مسجدون آهن) پوءِ جنهن کان مطالبو ڪيو پئي ويو ان کان هن پڇيو تہ ڇا تون قسم کڻندين؟ هن چيو هائو. تہ پاڻ فرياديءَ کي چيو تہ جنهن مسجد ۾ توهانکي اهي دينار حوالي ڪيا هئا اتي وڃ ۽ اتان مون وٽ قرآن جو هڪ ورق (پنو) کڻي اچ تہ جيئن مان ان سان قسم کڻايان. اهو شخص هليو ويو ۽ قاضي صاحب ان کي جنهن تي تهمت هئي کي ويهاري ڇڏيو. جڏهن ڪجهہ وقت گذريو تہ هن ڏانهس توجهہ ڪيو ۽ پڇيو تہ تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ ڇا اهو شخص مسجد ۾ پهچي ويو هوندو؟ هن چيو نہ. اڃا نہ پهتو هوندو. هي جواب مڃڻ جي مطابق ٿي ويو تہ ان تي سون جي ادائيگي ضروري قرار ڏني. پوءِ ان اقرار ڪيو.

## ادب تي ابن ابي دائود جي ثابت قدمي

ابوالعينار (نابين) جو بيان آهي تہ دنيا ۾ ابن ابي دائود کان وڌيڪ مون ادب تي ڪنهنجي ثابت قدمي نہ ڏٺي. مان جڏهن بہ ان وٽان ملاقات ڪانپوءِ نڪتو آهيان، ڪڏهن ان طرح نہ چيو تہ يا غلام خذ بيده (اي غلام هن جو هٿ پڪڙ) پر هي چوندو رهندو هو يا غلام اخرج معہ (اي غلام ان سان گڏ وڃ) مونکي انجي ان جملي جو انتظار هوندو هو. ان کي ڇڏي نہ ڏنو ۽ نہ مون ڪنهن ٻئي کان هي جملو ٻڌو.

روايت آهي تہ يحيٰ بن اڪثم جڏهن بصري جو قاضي مقرر ڪيو ويو تہ انجي عمر اٽڪل ويهہ سال هئي. هن کي بصري وارن گهٽ درجي جو خيال ڪيو. انهن مان هڪ پڇيو تہ قاضي ڪيتري عمر جا آهيو؟ هو سمجهي ويو تہ هو ننڍو سمجهي رهيا آهن. هن جواب ڏنو تہ منهنجي عمر عتاب بن اسيد رضي الله عنہ کان وڌيڪ آهي. جنهن کي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن مڪي جي فتح واري ڏينهن مڪي وارن تي قاضي مقرر ڪيو هو ۽ منهنجي عمر معاذ بن جبل رضي الله کان وڌيڪ آهي جنهن کي رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن يمن وارن تي قاضي مقرر ڪيو هو ۽ منهنجي عمر ڪعب بن اسود رضي الله عنہ کان وڌيڪ آهي جنهن کي عمر بن الخطاب رضي الله عنہ بصري وارن تي قاضي مقرر ڪيو هو.

## انصاف جي لاءِ قاضي حفص بن غياث جي حرفت

ابن الليث کان روايت آهي تہ خراسان وارن مان هڪ شخص آتش پرستن جي سردار مجوسيءَ جي هٿان (جيڪو وزير جعفر جي والده جو مزدور هو) ٽيهہ هزار درهمن ۾ ڪجهہ اٽ وڪرو ڪيا. اهو پئسن جي ادائيگي ۾ ٽال مٽول ڪندو رهيو ۽ نہ ڏنا. اهو ڪجهہ وقت تائين پيو رهيو (پريشان ٿي) هن (قاضي) حفص بن غياث جي ڪن ساٿين سان مشورو ڪيو. ان چيو تہ ان ڏانهن وڃي ڪيس هي چئو تہ اوهان هن وقت مونکي هڪ هزار درهم ڏيو. باقي پئسن جي لاءِ مان هڪ ٻئي شخص جي حق ۾ حوالو لکي ڇڏيندس. توهان ان کي جڏهن چاهيو ڏئي ڇڏجو. پوءِ مان خراسان هليو ويندس. ايئن ڪرڻ ڪانپوءِ وري مونسان مل تہ جيئن پوءِ وري مشورو ڏيانءِ. ان شخص ايئن ئي ڪيو. آتش پرستن جي سردار سان مليو ۽ ان هڪ هزار درهم ڪيس ڏئي ڇڏيا. هن شخص واپس اچي مشوري ڏيڻ واري کي خبر ڏني. ان چيو هاڻي ان وٽ واپس وڃي هي چئو تہ جڏهن سڀاڻي توهان سوار ٿي وڃو تہ رستي ۾ قاضي صاحب وٽان ٿيندا وڃجو مان اتي حاضر هوندس ۽ ڪنهن شخص کي پنهنجي طرف کان مال جي وصوليءَ تي پنهنجو وڪيل ڪري ڇڏيندس ۽ پوءِ هليو ويندس. جڏهن مرزبان (آتش پرستن جو

سردار) قاضي صاحب وٽ اچي ويهي ته جلدي قاضي صاحب جي سامهون بقايا رقم جي دعوي پيش ڪجان. (ان ترتيب سان جلد ئي فيصلو ٿي ويندو ۽ مرزبان کي موقعو نه ملي سگهندو ته اهو پنهنجي اعليٰ اثر رسوخ جو استعمال ڪري قاضي صاحب کي فيصلو روڪڻ تي مجبور ڪري) هن شخص ايئن ئي ڪيو.

قاضي صاحب جلدي هن کي قيد ڪري ڇڏيو. ام جعفر کي جڏهن هن جي خبر پئي ته ان خليفي هارون الرشيد کي چيو ته توهان جي قاضيءَ منهنجي وڪيل (عيوضيءَ) کي قيد ڪيو آهي. انکي حڪم ڪيو ته اهو فيصلو ملتوي ڪري ڇڏي (۽ مرزبان کي آزاد ڪري ڇڏي) هارون حڪم ڪيو ته ايئن لکيو وڃي. قاضي حفص کي به انجي خبر پئجي وئي. ان دعويدار کي چيو ته جلدي شاهد حاضر ڪر ته جيئن اميرالمومنين جي خط جي اچڻ کان اڳ مان مجوسيءَ جي مقابلي تي تنهنجي حق ۾ لکي ڇڏيان. هن شاهد حاضر ڪري ڇڏيا ۽ قاضي صاحب فيصلو لکڻ شروع ڪري ڇڏيو ته (اميرالمومنين جو خط کڻي هڪ شخص حاضر ٿيو) قاضي صاحب ان شخص کي چيو ترس. فيصلو لکڻ مان واندو ٿي خط وصول ڪري پڙهيو ۽ ان خادم کي چيو ته اميرالمومنين کي سلام عرض ڪجان ۽ خبر ڏئي ڇڏ ته توهان جو خط ان وقت ظاهر ٿيو جڏهن حڪم جاري ٿي چڪو هو.

قاضي مطلب بن محمد جو موت واري مرض ۾ پنهنجي گهرواريءَ کي هڪ دلچسپ جواب

مدائني ٻڌايو ته مطلب بن محمد الخبظي مکي جو قاضي هو ۽ هنجي نڪاح ۾ هڪ اهڙي عورت هئي جنهن جا اڳيان مڙس مري چڪا هئا. جڏهن قاضي صاحب موت واري مرض ۾ مبتلا ٿيو ته اها سندس مٿن کان ويهي رني ۽ چوڻ لڳي مونکي ڪنهن وٽ حياتي گذارڻ جي وصيت ڪرين ٿو؟ ته قاضي صاحب جواب ڏنو ڇهين بدنصيب وٽ.

وسوسي جو علاج

اسانکي معلوم ٿيو ته هڪ شخص ابو حازم وٽ اچي چيو ته شيطان مون وٽ اچي مونکي چوي ٿو ته تو پنهنجي گهرواريءَ کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي. اهو مونکي ان وسوسي ۾ مبتلا ڪندو رهي ٿو. هن چيو ته حقيقت ڇا آهي؟ ڇا ڪيس طلاق نه ڏني. ان چيو نه! هن چيو ڇا تو ڪالهه مون وٽ اچي منهنجي ويجهو پنهنجي گهرواريءَ کي طلاق نه ڏني. ان چيو الله جو قسم مان ته اڄ ئي توهان وٽ آيو آهيان ۽ مون ڪنهن به صورت ۾ انکي طلاق نه ڏني. هن چيو جڏهن شيطان تو وٽ اچي ته بس ان وقت به اهڙي طرح قسم کڻجان ۽ آرام سان رهجان.

نقلي شان شوڪت سپ کان وڌيڪ خراب ۽ فريب آهي

تنوخيءَ کان روايت آهي ته وڏي قاضي (چيف جسٽس) ابوالسائب ٻڌايو ته اسانجي شهر همدان ۾ هڪ شخص هو جنهن جو حال لڪيل هئو. قاضي صاحب انکي مقبول القول (قبول ڪيل شهادت) مقرر ڪرڻ چاهيو ۽ ان کان هن باري ۾ پڇيو به ته انکي لڪل ۽ ظاهري حالتن جي اعتبار کان لائق سمجهيو. پوءِ ان سان ڪچهريءَ ۾ اچڻ جي لاءِ خط وڪتابت به ڪئي (هن زماني جي وڪالت وانگر اڳ ۾ شاه به هڪ عهدو هئو جنهن تي متقي ۽ سچار ماڻهن کي چونڊيو ويندو هو. اقرار نامون ۾ فيصلن کي انجي صحيح سان پڪو ڪيو ويندو هو.) ته جيئن انجي قولن کي قبول ڪري ۽ هي حڪم ڏئي ڇڏيو ته انجي صحيح جو نمونو رجسٽرن ۾ محفوظ ڪيو وڃي. جنهن تي ضرورت وقت حاضري ان جي شاهدي قلمبند ٿي سگهي.

جڏهن قاضي صاحب وينو هئو هن شخص سان گڏ ٻيا شاهد به آيا پر جڏهن هن پنهنجي شاهدي ثابت ڪرڻ چاهي ته قاضي صاحب قبول نه ڪئي. قاضي صاحب کان ڪنهن انجو سبب معلوم ڪيو ته ان چيو مون تي هيءَ ڳالهه واضح ٿي وئي ته هي رياڪار (يعني پاڻ کي ناهڻ وارو آهي) ته مونکي مناسب معلوم نه ٿيو ته هن جي قول کي قبول ڪريان. ان کان پڇيو ويو ته توهان هي ڪهڙي طرح سمجهيو؟ هن چيو هي مون وٽ روزانو ايندو هو جڏهن منهنجي نظر هن تي پوندي هئي ته گهر جي دروازي کان مجلس تائين هن جا جيترا قدم پوندا هئا مان ڳڻيندو هئس. پر جڏهن اڄ مون هن کي شاهديءَ جي لاءِ گهرايو ۽ هي آيو ته مون ان جاءِ کان هن جا قدم ڳڻيا ته ٻه يا ٽي قدم وڌيل هئا (چو ته هٽراد وقار ۽ شان شوڪت جي لاءِ معمول کان ننڍا ننڍا قدم کڻندي (اچي پهتو هو.) مان سمجهي ويس ته هي شخص رياڪار آهي. انکري قبول نه ڪيو.

حسد نقصان واري بيماري

ابوالعيناء کان روايت آهي ته افشين ابو ولف سان حسد ڪندو هو ۽ ان جي دانائي ۽ بهادريءَ جي ڪري سندس دشمن هو. افشين هن کي ڦاسائڻ جي لاءِ هڪ بهانو ڪيو (يعني هن جي خلاف هڪ ڪوڙي دعوي پاڻ وٽ داخل ڪرائي) ايستائين جو ابو ولد جي خلاف خيانت ۽ قتل جون شاهديون به گذري ويون ۽ سياف (قتل ڪرڻ وارو) به حاضر ڪيو ويو. اهڙي وقت ان واقعي جي ابن ابي دائود کي خبر پئجي وئي ته هي جلدي سوار ٿي هلي پيو ۽ پاڻ سان گڏ ڪجهه اهڙن ماڻهن کي ساڻ ڪيو جيڪي افشين جا دشمن هئا، هي ان وٽ پهچي ويا ۽ ان کي چيو ته تنهنجي اميرالمومنين جو موڪليل آهيان. اميرالمومنين توکي هي حڪم ڪيو آهي ته قاسم بن عيسيٰ (يعني ابو ولف) سان ڪا به حرڪت نه ڪئي وڃي ۽ سلامتيءَ سان مون ڏانهن موڪليو وڃي.

پوءِ شاهدن سان مخاطب ٿي چيو ته گواهه رهو ته مان اميرالمومنين جو پيغام

ڪيس پهچائي ڇڏيو آهي. ان ڪانپوءِ افشين ڪو بہ نقصان ابوولف کي پهچائي نہ سگهيو. پوءِ ابن ابي دائود خليفي معتصم بالله وٽ پهتو ۽ عرض ڪيائين تہ اي اميرالمومنين مون اوهان جي طرف کان هڪ اهڙو پيغام پهچائي آيو آهيان جنهن جو توهان مونکي حڪم نہ ڪيو هو ۽ مان سمجهان ٿو تہ مون ان ڪان وڏو ڪو نيڪ ڪم نہ ڪيو ۽ مان ان بنياد تي اوهانجي لاءِ بہ الله ڪان جنت جو اميدوار آهيان. وري سڄو واقعو ڪيس ٻڌايو تہ خليفي هن جي راءِ ۽ تدبير کي پسند ڪيو (هاڻي افشين بدبخت ساراهيل شخص ابوولف کي وٺي اميرالمومنين جي دربار ۾ پهتو) ۽ ان شخص ڏانهن توجهہ ڪيو جيڪو قاسم (ابوولف) کي وٺي حاضر هئو. حڪم ڪيو تہ هن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ افشين جي ان حرڪت جي ڪري ان تي ڏمر ٿيو.

### هڪ قاضيءَ جي عدالت ۾ فرزوق شاعر جي شاهدي

ابن قتبہ چيو تہ هڪ قاضيءَ وٽ هڪ دفعي فرزوق شاهدي ڏني تہ قاضيءَ چيو ابو فراس جي شاهديءَ کي جائز ڪيو آهي پر وڌيڪ شاهديون آڻ (ابوفراس فرزوق جي ڪنيت آهي) جڏهن فرزوق واپس ٿيو تہ انکي چيو ويو والله تنهنجي شاهدي کي صحيح نہ مڃيو ويو (فرزوق مشهور شاعر هو)

### "جهڙي دعويٰ اهڙا ئي شاهد" قاضي ضمضم جو فيصلو

ٻہ ماڻهو قاضي ضمضم وٽ آيا، انهن مان هڪ جي ٻئي تي هيءَ دعويٰ هئي تہ هي منهنجو طنبورو نٿو ڏئي. جوابدار انڪاري هئو. فرياديءَ چيو تہ مان شاهديون پيش ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هن ٻہ شاهد پيش ڪيا جن دعويدار جي سچي هئڻ جي شاهدي ڏني. جوابدار چيو قاضي صاحب انهن شاهدن ڪان انهن جو ڌنڌو معلوم ڪريو؟ (پڇيو ويو) تہ هڪ ٻڌايو تہ نبيد (شراب) وڪڻڻ وارو آهي ۽ ٻئي ٻڌايو تہ اهو جانور هڪلڻ وارو آهي تہ قاضيءَ جوابدار کي چيو تہ طنبوري جي دعويٰ تي تنهنجي ويجهو ان ڪان پوڙهن شاهدن جي ضرورت آهي. (جهڙي دعويٰ آهي اهڙا ئي شاهد آهن، اٿ انکي اهو طنبورو واپس ڏي.)

### هڪ جهيڙي ۾ حڪم جو دلچسپ فيصلو

ٻہ ماڻهو هڪ ٻڪريءَ جي باري ۾ وڙهي رهيا هئا. هر هڪ ان جو هڪ هڪ ڪن پڪڙي بيٺو هو. ان دوران هڪ شخص اچي ويو ٻنهي ان کي چيو جيڪو فيصلو تون ڪندين اهو اسان کي منظور هوندو. ان چيو جيڪڏهن توهان منهنجي فيصلي تي راضي هجو تہ هر هڪ هي قسم کڻي تہ جيڪڏهن اهو منهنجو فيصلو نہ مڃيندو تہ انجي گهرواريءَ تي طلاق آهي تہ ٻئي اهڙو قسم کڻي ورتو. وري ان چيو هاڻي هن جاکن ڇڏي ڏيو تہ ٻنهي ڇڏي ڏنا. هاڻي ان هنجو ڪن پڪڙيو ۽ وٺي هليو ويو. (يعني ان جو فيصلو اهو ئي هئو) ٻئي ڏسندي رهجي ويا. ان سان ڳالهہ ڪرڻ تي قادر (وس وارو) نہ رهيو (تہ جيڪڏهن ناراضگيءَ جو اظهار ڪن ٿا تہ ٻڪريءَ سان گڏ گهرواري بہ ويندي.)

### ڪنهن شخص تي انجي برائين جي نگاهہ اڳيان شڪ ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪئي وڃي ٿي.

اسانکي قاضي ابي عمر جو قصو معلوم ٿيو تہ هڪ دفعي ان هڪ معزز شخص کي قضا جو عهدو حوالي ڪيو. وري انجي باري ۾ هن ڪان اهڙيون ڳالهيون ذڪر ڪيون ويون جيڪي قاضيءَ جي عهدي جي شان جي خلاف هيون تہ هن ان عهدي کي واپس وٺڻ جو ارادو ڪيو. ان تي ڪن ماڻهن ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ جيڪڏهن اهي الزام جيڪي ان تي لڳايا ويا آهن صحيح ثابت ٿي ويا تہ ان کي لاهي ڇڏيو. ان جواب ڏنو تہ اهو مون وٽ صحيح نہ آهي. ان جي باوجود جدا ڪرڻ ضروري سمجهي رهيو آهيان. پڇيو ويو تہ ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ ان چيو ڇا انجي عزت تي اهڙن الزامن جو گمان يا قياس ٿي نہ ويو (يعني انجي شخصيت اهڙن الزامن ڪان مٿانهين نہ آهي) هيءَ صورت ان صورت جي مشابہ ٿي ويئي تہ ڪنهن شخص تي جڏهن ان قسم جا الزام لڳايا وڃن تہ انجي برائين جي پيش نظر شڪ ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪئي ويندي آهي ۽ قاضيءَ جو عهدو ان ڪان بہ نازڪ آهي. آخرڪار ان ڪان هي عهدو واپس وٺي ڇڏيو.

### چغلي هڻندڙ جي تصديق نہ ڪرڻ گهرجي

احمد بن ابي دائود ۽ خليفو واثق بالله سان ملڻ جي لاءِ ويو. خليفي ان کي چيو تہ مون وٽ هاڻي محمد بن عبدالملڪ الزيات ويٺل هو. ان تنهنجو ذڪر نهايت ئي برائي سان ڪيو. ابن ابي دائود چيو اي اميرالمومنين مان ان الله جو شڪر ادا ڪريان ٿو جنهن ان شخص کي هن حڪم جو محتاج ناهيو تہ اهو سچ کي ڇڏي ڪوڙ کي اختيار ڪري ۽ مونکي ان خصلت ڪان متغفر ڪيو.

### هڪ قاضيءَ جي خوش طبعي

هڪ ماڻهو هڪ قاضيءَ وٽ هڪ معاهدو حق مهر جي باري ۾ شاهدي ڏيڻ جي لاءِ آيو. قاضي صاحب هن ڪان پڇيو تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ هن چيو المسيب. قاضيءَ چيو اڄ نہ (مسيب جي لفظي معنيٰ آهي ڪنهن کي ڦٽڪندو ڇڏي ڏيڻ وارو. (هن جي سامهون قاضيءَ چيو تہ اڄ نہ ڪري ويهہ)



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ وزير اعليٰ هائوس ۾
فادر ماريو جي قيادت ۾ ڪيٿولڪ بورڊ آف ايجوڪيشن جي وفد سان ملاقات ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس ڪندي.

Monthly PAIGHAM Karachi



## گهاڙو واهه ڪنهن کوٽايو؟

(خاص ليک اندر پڙهندا)

7 ماچ 1903ع ۾ ”گهاڙ واهه“ جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ۽ انڊس رائيٽ بئنڪ ڊويزن جي سپرينٽينڊنٽ انجنيئر جي صحين سان جاري ڪيل، گهاڙ ڪئنال ڊسٽرڪٽ جي نقشي ۾ جهلي بند تي قائم مدئجي انسپيڪشن چوڪيءَ کان ، سر ڏکڻ ، چئن ميلن جي مفاصلي تي گهاڙ واهه جو منهن آهي. هن نقشي ۾ جهڙيءَ طرح ”گهاڙواهه“ لاڙڪاڻي جي اترين پاسي کان گذرندي ڏيکاريو ويو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح ايم.ايڇ. پنهور واري نقشي ۾ ”ابڙا واهه“ (گهاڙواهه) لاڙڪاڻي جي اترين پاسي کان گذرندي ڏيکاريل آهي. يوسف ميرڪ، مير ابڙي جي درياهه مان کوٽايل واهه کي وڏو ۽ ويڪرو واهه سڏيو آهي ۽ ان واهه مان ٻين ماٺهن پاران ڪڍيل ننڍن واهن کي واهيون سڏيو آهي. ”گهاڙواهه“ ٻه درياهه مان نڪرندڙ وڏو ۽ ويڪرو واهه هو، جنهن ۾واپاري ٻيڙا هلندا هئا. ۽ گهاڙ واهه مان نڪرندڙ سمورا ”واهه“ ، ”گهاڙواهه“ جي پيٽ ۾ واهيون آهن.